صوفي سونهون ٢٠

Scanned by CamScanner

صوفي سونهون - ڀاڱو ٻيون

حضرت نصير محمد صاحب فقير صوفي القادري
جن جي رهاڻ ۔

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot.

Scanned by CamScanner

(ڇپائيندڙ جا سڀ حق واسطا قائم)

ڇاپو پهريون]

[۱۹۸۰ع

Printed by Asudomal R. Punwani at the Crown Printery, Sane Guruji Marg.
Bombay 400 011 Phone: 392375
& Published by R. R. Kirpalani, Mark Haven, Bombay 400 039.

Scanned by CamScanner

فهرست

وشيه	صفح
(۱) مرشد	۱
(۲) نــام	۱۸
(۳) وحدت	۳۳
(۴) دم	۴۰
(۵) رب جو ياد گيرو	۵۰
(۶) محبت	۷۰
(۷) عشق	۷۵
(۸) رب جو خوف	۸۰
(۹) فراموشي	۸۶
(۱۰) حياتي	۹۵
(۱۱) موت	۱۰۵
(۱۲) رات	۱۱۲
(۱۳) دل	۱۱۵
(۱۴) اک	۱۲۴
(۱۵) زمانو	۱۳۰
(۱۶) فکر	۱۵۶
(۱۷) چوند گفتا	۱۶۱
(۱۸) پلنامو	۱۶۳

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot

Scanned by CamScanner

ٻه اکر عرض

اسانجي مرشد سڳوري حضرت نصير محمد صاحب فقير صوفي القادريءَ ١٦ ڊسمبر ١٩٦٠ع جي وصال ڪيو. اٽڪل ١٩٥٨ ڌاري مونکي اچي رايو پيو جو سچيءَ سنگت کان سندن خط ڪنا ڪري انهن مان چونڊ ڪري ڌار ڌار وشين تي مضمون ڇاهيم جهڙوڪ ”مرشد“، ”نام“ وغيره جن جي يادداشت اڳيان ڏنل آهي. مالڪ پنهنجي مهربانيءَ سان اهو ٻه رايو دل ۾ وڌو جو بيتن جو ڪتاب الڳ ڇاهيم.

١٩٥٩ ۾ جڏهن درگاه شريف تي ويس ته سڀ مضمون سائينجن کي پڙهي ٻڌايم ۽ پاڻ نوازش فرمائي ڪيترئون سمجهاڻيون ڏنائون. هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي جو شام جو ٥ بجي ڌاري پاڻ اچي ويٺا ته مون ٻه ڪيو مضمونن جو ڪتاب پڙهڻ شروع. جڏهن پورو ڪيم ته کلي فرمايائون ته روپا ٻيو ايترو ته ڳالهرايو اٿيئي جو اصل سهڪوئي بند ٿي ويو آهي! ڪتاب جي ڇپائڻ جي ٻه خوشيءَ سان اجازت ڏنائون.

پوءِ ڪنيم بيتن جو ڪتاب جو بيت ته گهڻي قدر سمجهه ۾ نٿي آيم. بس اجا هڪ ٻه بيت پڇيم ئي ڪين ته فرمايائون ته ٻيو بيت ڪٺي ڇڏ! اصلئي من تان سچو بارئي لهي ويو، دائمان دلجاءِ ٿيي! تڏهن کان وٺي مان بيتن جي پنيان وقت نه وڃائيندو آهيان.

جيتوڻيڪ سندن حڪم موجب هن ڪتاب ڇپائڻ جو خيال گهڻو اڳي هو پر اتفاق ائين اچي بڻيو جو ١٩٧٢ ۾ ٻهريون صوفي سونهون تيار ڪري ڇپايوسين. تنهن وچ ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ آمدرفت ٻه بند ٿي ويئي ۽ اسانجو شوق ٻه البت ٻڏو ٿي ويو.

ويجهڙائيءَ ۾ جڏهن درگاه شريف تي ويس ته هر روز نيم ڪري ڇڏيم ته پهرين صبح جو وڃي هي هٿ لکيل ڪتاب ڳولهي تي سائين ارشاد علي صاحب ۽ سائين علي گلاب صاحب جي اڳيان پڙهندو هوس ۽ پوءِ وري سائين حسن بخش صاحب وٽ. سائين علي گل صاحب پنهنجي سُر پڙهندا هئا ۽ ڪيترائي ڀيرا ساڻن به ڪتاب جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي. سيني صاحبن ڏاڍو شوق ڏيکاريو ته ڪتاب هاڻ جلد ئي ڇپائجي جو پوين لاءِ هڪ ناياب تحفو ٿيندو.

سائينجن جي نصيحت هدايت جا ڪيترائي گفتا ڪتاب ۾ وري وري ٿا اچن. ان باري ۾ به درگاه شريف تي فيصلو ٿيو ته اهي جٽڪ من ڪي متروڪا ٿا لڳن جيئن سائينجن جي فرمان موجب هدايت به آخر وڃي پتي تي پوي ۽ اثر ڪري.

پنهنجو ننگ پالي، سمجهه ۽ همت بخشي پنهنجي نصيحت هدايت وشيه وار صورت ۾ لکائي اٿن تنهن لاءِ سندن لک لايق. مون ۾ سندن شڪرادا ڪرڻ جي نه لايقي نه توفيق!

پڇاڙيءَ ۾ وري به ڪين اهو عرض آهي ته شل سندن نوازش سان هرڪو پانڌيڙو ڪتاب پڙهي روحاني راحت حاصل ڪري ۽ معرفت جي ميدان ۾ وک اڳيري وڌائي. آمين!

روپو ريجهومل ڪرپالاڻي

Ghulam ... 1. Abro
Govt: ... College
of Education (Men) Kandhkot

نوٽ- مهرباني ڪري ڀلنامو ڏسي، ڪتاب ۾ درستيون ڪري پڙهندا ته وڌيڪ لطف ايندو.

Scanned by CamScanner



حضرت نصير محمد صاحب فقير صوفي القادري

Scanned by CamScanner

حضرت ارشاد علي صاحب فقير صوفي القادري
سجاده نشين درگاهه جلالاٽي شريف

Scanned by CamScanner

حضرت ارشادعلي صاحب صوفي القادري
موجوده سجاده نشين درگاه جلالاڏي شريف

حضرت لطف علي صاحب ٢٣ آگسٽ ١٩٧٣ع جي وصال ڪيو ۽ سندن فرزند حضرت ارشادعلي صاحب گادي نشين ٿيا. ننڍي هوندي کان ئي ڪين رياضت جو ڏاڍو شوق هوندو هو. سڄي ننگر ۽ ٻنيءَ ٻاري جي نظرداري، ڳايون ميڙهون پنهنجن هٿن سان ڏهڻ ۽ مهمانن جي ڪارائڻ پيئارڻ ۽ رهائش جو بندوبست پنهنجي سر ڪندا هئا. بيهڪ ۾ قداور مڙس، بدن جا پورا، حسن ۽ حشمت وارا آهن پر ساڳي وقت طبيعت نهايت صابرين نماڻي ۽ نياز پوري اٿن، مجاهدي ۽ خدائي خيال جا ڪوڙيا! صوفي ڪلام ڳائڻ جو پڻ ڏاڍو شوق اٿن. بلند آواز ۽ سوز پوري سر ۾ جو رات جو ڳائڻ وهن ته وقت جي سمڪ ئي ڪانه رهي، نه ٻڌندڙن کي نه ڪين، مٿان اچي صبح ٿئي. ڏاڍا فربدار آهن ۽ اڄ به وجبو آهي ته اهيڙي اڳيون سڪون لاهيندا آهن. رهاڻ لاءِ عرض ڪجين ته فرمائين ته ادا اسانکي ته ڳالهائڻ اچيئي ڪونه، توهين ڏاڏاجن جا جهونا صحبتي آهيو، ڀاڻ ڪجهه اسان کي ٻڌايو! سندن عمر هن وقت ٥٠ سال آهي.

اسانجو در داتا جي اهوئي عرض آهي ته ڪين اڪت عمر ۽ سالـم صحت بخشين جو معرفت جي ميدان ۾ مجاهدي جون موجون ماڻي جيئن ساري سنگت جو سينگار آهن تيئن هرهڪ ننڍي وڏي جي اندر ۾ صوفي سفر جو شوق ۽ اُتساهه ڦوڪين. آمين!

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) [illegible]

مرشد

مرشد صورت الله جي آهي، جو هو پنهنجا سڀ وصف پنهنجن طالبن کي ڏئي ٿو. مرشد اهڙي شيءِ بخشيش ڪندو آهي جو سو ڏني به ماڻهو نه پچي سگهي. مرشد جي ڏنل شيءِ ڏهون فراموشي نه ڪجي. مرشد ڪعبو قبلو آهي هرڪنهن ڏي. مرشد به وحدت ٿو ڏسي. جيڪي مرشد ڏنو آهي سو جيڪڏهن سچو سو ماڻهو ڏيندو، تڏهن به پورو نه پوندو. پر اهو قدر انهن کي پيو جن سڃاتو. جيڪي مرشد ڏنو آهي انهي ڪان واڌاري پيو ڇا آهي جو ڏجي! جيڪي مرشد وٽان مليل آهي، محبت به انهي سان رکو. پر جيڪي اوهان کي ڏنل آهي، سو اها شيءِ سڃاڻو ته رب به اوهانکي سڃاڻندو.

هيءُ وجود هڪڙي خاڪ جي مٽ آهي، مرشد هڪڙي چڱڪ وجهندو آهي ڇولي ۾ جي ڪو ڦوڪيندو ته ٻرندي به ٿيندو. هي سڀ ڳڻتي آهي. عقل يا شريعت اُن ۾ ڪير آهي. مرشد ان ۾ طريقت جو سنباهڻ ٿو وجهي ته وصف شريعت وارا ڦري طريقت وارا ٿين، يعني فقيريءَ وارا وصف، پوءِ ايندو معرفت يعني سمجهه ۾، تڏهن ٿيو درويش. سڃاڻندو ته مان ڪير آهيان، انسان آهيان، هيءُ سڀ اسرار آهي، دل عرش عظيم آهي، جتي حق تعاليٰ جي ڪرسي آهي.

رات اٿس ڏهي ڄمائڻ لاءِ. ڪير ڪير ۾ نه ڄمي، پر سنباهڻ جي لپ هرڪنهن لاءِ آهي. اها لسي ڇو ٿي ڄمائي؟ جو هن جي لوُنءِ لوُنءِ ماريل آهي محبت جي ماندائيءَ سان، تڏهن ٿي ڄمائي. پوءِ ورلو ورلوڙي ٿو مکڻ ڪڍي من مون. معرفت ولوڙي ٿي ۽ حقيقت انجو مکڻ آهي. وري به معرفت مکڻ کي گهه ٿي

ڪري. ڪي سيبئي ولوڙين ٿا ڇا؟ هر گهٽ ۾ لعل آيل آهي، ڪنهن سنڀاريو، ڪنهن نہ سنڀاريو.

الله سائين انسان کي ماڻهو ڪڏهن ٿو ڪري؟ جڏهن انسان معرفت ۾ آهي. معرفت ۽ ماڻهو اڪرُئي هڪ آهي. معرفت کان ٻاهر آهي تہ ماڻهپي کان ٻاهر آهي. معرفت ڇا کي ٿا چون؟ معرفت چون ٿا جڏهن ماڻهو رب ۾ فنا ڪائي ٿو وڃي، سڀ سان هڪ ٿي، ٻيائي ٿو وڃائي. پوءِ پاڻ سڀ کي پيو وڻندو ۽ ڪيس سڀ پيا وڻندا، تفاوت اُئي ڪونہ هوندو. ٻيائي ويئي. توڙي هندو توڙي مسلمان، معرفت ۾ ماڻهو ٿو ٿئي. معرفت معنيٰ سڃاڻائين، توحيد معنيٰ سمجهائين، توحيد ڪيائين معنيٰ تہ ڳالهہ ڳجهہ جي سمجهائين. رب جي ناليءَ کي وڻندو ايندو تہ اخلاق ڦرندا ايندس. جيئن ان طرف پوندو، تيئن اخلاق ڦيري اچي معرفت ۾ پوندو، جڻ الله سائينءَ ان کي ماڻهو ڪيو. اُن ماڻهوءَ جي اُٿڻي ويهڻي بہ نماز آهي. معرفت ۾ ماڻهو اچي ٽانهرجي ٿانءُ پيو، جڻ ماڻهو پاڻ ۾ سمائجي ويو.

لٿي ڪڙهہ قلوب تون، وڏي سڌ ويو.

جڏهن طريقت سمجهندو تڏهن معرفت کي پهچندو. پهرين طريقت پوءِ معرفت. معرفت جڻ مهرباني آهي.

شريعت = انصاف.

طريقت = راهہ، سمجهہ.

معرفت = سڃاڻڻ پنهنجي رب کي.

حقيقت = ڳالهہ کي سمجهڻ، هيڪڙائي.

جلال = جوش.

جمال = صورت پڇاڻڻ.

جماليت کي پهتو تہ صورت پڇائي ٽانهرجي ٿانءُ پيو. ڪماليت کي پهتو تہ عقل خانو ورتو.

Scanned by CamScanner

مرشد جو ڪم آهي نصيحت هدايت ڪرڻ. ٻيو ته فقير ڪجهه به ڪونه ٿو ڪري. وڌيڪ سعيو ڪرڻ ڪم پنهنجو آهي. جي نه ڪندو ته اڳيان حساب ڏيڻو پوندس. جڏهن سچائين راه رب جي تڏهن جڻ عقل ٿي پيو آيس. جي ڪو پڇي ته مرشد وٽان ڇا وٺي آيا آهيو ته چئجي ته نالو رب جو پاڪسان وٺي آيا آهيون. هونئن به انسان ماءُ جي پيٽ مان ڇا ڪٺي آيو آهي! هيءَ سڀ هدايت انسان کي آهي. حيوانن کي ته هدايتون نه ٿيون ڏجن! انسان اڄڪلهه ڪو آهي نه ته سڀ حيوان آهن. جيئن لٺ جيءَ سان هنبائبو آهي تيئن نصيحت به دل سان هنبائبي آهي. مرشد ٿي به پڇاڙو پيهي ٿو نصيحت ۽ هدايت جو.

مرشد وات سنئين وٺائيندو آهي ۽ نصيحت هدايت ڪندو ايندو ته متان دوزخ ۾ نه پون. پورن لاءِ پڪ نهيل آهن. ڏنار پورن کي هڪل ڏيندو ايندو ته متان مال پرائي ٻنيءَ ۾ نه وڃي پوي ۽ پور پڪ ۾ نه پون. جيئن مال لاءِ پڪ آهن تيئن انسان لاءِ دوزخ آهي. مرشد هروقت طالب کي هدايت ڪندو ٿو رهي ته متان طالب دوزخ ۾ نه پوي. مونکي ٻيو ڪو پورچارڻو ڪونهي. منهنجو مال اوهين آهيو. چوان ٿو ته متان پڪ ۾ پئو. انهي مال جا پڪ دوزخ آهن.

مرشد جي چوائيءَ ۾ رهجي. مرشد تي بار به انهن جو آهي جيڪي چوائيءَ ۾ رهندا. مرشد تي طالب جو ايترو بار آهي جو نصيحت هدايت ڪري ويچي ٽڪي ڇڏيس. مرشد جو طالب تي بار آهي ته چوائيءَ ۾ اچي ۽ امر سان رهي. چوائيءَ ۾ هوندو ته خطا نه ڏسندو.

مرشد ڪامل، طالب هجي سچو، چوائيءَ ۾ هجي، انهي تي ڦري وري مرشد عاشق ٿي ٿو پوي. ڪنهن ڪنهن طالب ۾

مرشد اُميد رکندڙ آهي تہ هيءُ هلڻ جهڙو آهي. انهي کي
کٽي بہ ميل مرشد جو ٿو جو هن کان نٿو وسري. پر

فقير ڦرڻا، مريد ڦرڻا، ٻئي جڳ ڳاري ڇڏڻا.

ڪن مرشد مُرڪايا تہ ڪن مرشد لڇايا. هرويرو مرشد مٿان ڪري بہ نہ پئجي. مرشد تہ مددگار آهي پر پاڻ بہ ڪجھ تہ ڪري! مرشد تي بار بہ انهن جو ٿو پوي جيڪي ڇوائيءَ ۾ ٿا اچن.

الله ۽ مرشد ٻئي گڏيل آهن. نڪو الله ٻندي کان پري آهي نڪو مرشد پري آهي. جيئن مکڻ کير ۾ گڏيل هجي، ائين گڏيل آهن. مون بہ توهانکي ويجهو آهيان. پر هڪڙا پري آهن تہ وري انهن مان هڪڙا ويجها آهن، ۽ هڪڙا ويجها آهن تہ انهن مان هڪڙا پري آهن. مرشد جي پچر ڪيئن ڇڏيو! توڙي مٿي ڪانپوءِ بہ بار اُنهي تي آهي. مرشد ڏنار آهي. هو سنڀاري ٿو تہ مٿان ڪو منهنجو وهت ڏک ۾ وڃي پوي. ڏنار نہ ڇڏجي. نہ رب وسار نہ رهبر وسار.

هي ٻرو ٻج آهي نام جي نالي جو. مرشد هڪڙو اڪسير اندر ۾ روانو ڪندو آهي. اها زماني جي آزار جي دوا آهي. ٻار نندا هوندا آهن، انهن کي مائٽ ڪڙيون سٽيون وجهندا آهن. اولاد آخر پياري لڳندي آهي. پر ڪڙين سٽين جي پڇاڙي ڏاڍي فائدي مند چڱي ٿيندي آهي. ڏکيون ڳالهيون مرشد ٻڌائيندو آهي، پر انهن جي پڇاڙي چڱي آهي. مون اوهانکي ڏک ٿو ڏسيان. باقي ٻيا مطلوب طالب کي ڏک نہ ڏسيندا آهن.

ڏيکاريس ٿي ڏکن، نيٺي ڳوندر گس پرينءَ جو،
سُونهائي سورن، وڃي ڪٿي هيڪاندي هوت سين.

هرڪوئي مرشد وارو آهي. مائٽ مرشد ڪنهن ڪنهن کي ملندو

Scanned by CamScanner

آهي. مونکي به مائٽ مرشد مليو هو، اوهانکي به مائٽ مرشد مليو آهي. انشا الله تعاليٰ، الله سائين جيئري ته جدا نه ڪندو پر مئي به جدا نه ڪندو. مرشد کان مئي به جدا نه رهبو آهي. باقي جيئري جدا ڪيئن ڇڏجي! ٻندا الله جا آهيو. مون اوهانجو آهيان ۽ اوهين منهنجا آهيو.

دم دم ساڙي دل تي، هِنِ سڄڻان ديان ڳالهيان.

ڇو جدا پاڻکي سمجهندا آهيو؟ اوهانکي منجهه نٿو ڏجي، ڳولي لهو. جيڪي منهنجا صحبتي آهيو انهن جون پارٽون شهنشاه کي ڏنل آهن.

طوطي کي پڙهائيندا آهن، آڏو آئيدو ڏيندا اٿس. اولائتو ٻيهي ڳالهائيندا اٿس. آئيني ۾ طوطو پاڻکي پيو ڏسندو، سمجهائڻ وارو ظاهر نظر کان ڳجهو هوندو. طوطو سمجهندو ته اهو ڳالهائڻ آئيني واري طوطي جو آهي. آهي ته اوريان به پاڻ، پريان به پاڻ. پر پاڻکي آئيني مرشد جي ۾ ڏسندو. هي ڪجهه سمجهڻو آهي.

مرشد صورت معنيٰ الله.

اها سڀ خبر وحدت مان پونديس.

پنهنجو خيال به، خيال مرشد جي سان گڏي ته ڏسجي! پلي حلال وَجهه جو ڪم ڪجي، پر جيئن دليئون دوست نه وسري. دوست ڪنهنکي چوندا آهن؟ دوست چوندا آهن جيڪو هيڻن کي همت ڏئي. ٻيو جيڪو دل جيئري رکي پنهنجي رب ڏانهن. اهي سڀ ڪم اِنهي لڪ ۾ سمجهڻا آهن.

انسان ٻوٽي آهي. سنياسيءَ ٻوٽي ٻاه ۾ وڌي ته نظر ۾ رکندس ته متان زيان نه ٿي پوي. مرشد به جنهن کي ڏکن ۾ وڌو ته نظر ۾ رکندس ته متان مست نه ٿي پوي. سنياسي ٻوٽي

ماري ٿو. مرشد شناسي آهي. پاڻ ئي ٻوٽي آهي. هڪ دفعي مون ۽ هڪ ٻيو ساٿي گڏيا پٽي ريل ۾ وياسين. ڏٺوسين ته مٿي هڪ گيڙو ڪپڙن سان ماڻهو ليٽيو پيو آهي. هن اسانکي ڏٺو ۽ اٿي ويٺو. اسان کانئس پڇيو ته ابا تون ڪير آهين؟ چيائين ته سنياسي آهيان. اسان کان پڇيائين ته توهين ڪير آهيو؟ مون چيس ته اسين شناسي آهيون. ويچارو منجهي پيو. تنهنتي مون چيومانس ته سنياسي جهنگ جي ٻوٽي ماري اڪسير ٺاهيندا آهن. شناسي انسان کي ساڙيندو آهي جو انسان پاڻ ٻوٽي آهي، جنهنڪري عبديت مان احديت ٿو ثابت ڪري يا ٿي ٿو پوي.

ڀلي مرشد ولجي. نبي ڪريم حديث ۾ چيو آهي ته جنهنجو مرشد ورتل نه آهي، انهيءَ جو مرشد آهي شيطان.

لاشيخ الهو و لاشيخ الشيطان.

اهي اولياءَ قلندر سڀ مرشد وارا آهن. پريان هرڪوئي پنهنجي وات سان آيو آهي. پوءِ سيني هدايتوندن هتان اچي سونهان ساڻ ڪئيان آهن. ڀلي مرشد ولجي. پر تڪڙ نه ڪجي، ڏسي وائسي ولجي. ڪهڙيءَ وارو، ڪتابن جي ڊگهين ڳالهين ڪرڻ وارو نه ولجي، رهڻيءَ وارو ولجي. الله سائينءَ جا پيارا ٻانهان هرجاءِ آهن. مرشد ڪامل ولڻ گهرجي.

جي ٻڪري کهبي آهي ته هندو به کائيندو آهي ۽ مسلمان به کائيندو آهي. پر جي مري ويندي ته ڪير به نه کائيندو. انسان به ائين آهي. جي ٻيگرو ٿي مرندو ته ڪوبه ڪونه پڇندس. مرشد رهنما رستو ڏيکاريندڙ آهي.

مرشد هڪڙو ولجي، فيض ڀلي ڪري سيني کان گهري، دعا رن زال کان به گهري. هڪ جو پٽ سڏ ٻو جڻي جڻي جو نه سڏ ٻو. تڪڙ ڪري مرشد نه ولجي، سالڪ در در ڪين گهمندو.

Scanned by CamScanner

هو ته پاڻ ۾ راضي ٿيو وينو هوندو. کهڙيءَ وارا گهڻا آهن. رهڻيءَ وارو ڪو ڪو آهي.

ٻيو مرشد وارا ته آهيو. بيگُرا نه آهيو. مرشد، گروءَ وارا آهيو. بيگرو ماڻهو شل صبوح جو به سامهون نه اچي تہ چڱو آهي. صوفي رهبر وٺندا آهن. قلندرن غوثن سڀني سونهان هٿان ساڻ ڪنيان. اهي قلندر غوث سڀ رهبرن وارا آهن، ڪي بيگرا ڪين آهن.

هر گر هردي حاضر ناظر، جنهي امڙ نڪو ابو،
ٻيون سڀئي ٻن ڏيو، هڪ نام صاحب جپو.

ٻيون ڳالهيون ڇي ٻن ڏيو. سو ٻيو شڪر ڪريو جو مرشد وارا ته آهيو، بي مرشدا ته ناهيو. اول مرشد جو ٿا پڇن. هرڪوئي پنهنجن وسيلن سان آهي. اوهين بہ پنهنجا وسيلا نه وساريو جو هوُ هڪلِ سان حامي آهن. جن واحد وسيلا ور تا تن ڪي باهيون باغ ٿيون. جن وڻ وسيلا ور تا تن تي ڪرت وُڙها. حضرت ذڪريہ تي ڪرت وُڙهو ته به رب نه وساريائين.

هڪوئي رانجهوُ لنان جيها.

لڄ لڏجو بار انهي تي رکو.

اوهان لکيو آهي ته گرو نانڪ جو چوڻ آهي ته جيڪي الله ءُ مرشد ڪري. اوهانکي انهي حال ۾ ءُ فيض جي وڻن ۾ ڪنهن آندو آهي، انهيءَ ٻوليءَ ۾ ڪنهن وڌو آهي اوهانکي! اهو سمجهڻ جو ڦير آهي. سمجهجي ته اني الله ءُ مرشد آندو آهي، ٻيو ڪنهن آندو آهي. سچاتي قدر پوندو آهي.

جي ٻُر وائيءَ لهين ته وائي ٻي نه سک،
هو هڏهين هڪ، ٻدڻ ۾ به ٿيا.

مرداني کي گرو نانڪ ٻهاري به ڏيکار يندو هوءُ غمر به ڏيکار يندو

هو. توکي ڪير ٿو ٻهاري ۽ غم ڏي ڀڪاري! گرو نانڪ ان ڇوڪري سان مهرباني ڪئي هئي. شاهه شهيد جا ڏنو هو مريدن کي جو گنج لڌيا پيا آهن شهيدن جا! سائين شاهه قلندر داتا پير ڇورن تي مهرباني ڪري مٺائون ولائت ٻيهاري ڇڏي. اوهان کي سائين صادق شاهه جو احوال ايندو هوندو. پوءِ چوندو ويو

آهيان پاڻ الله، پر سارين ٿو صديق کي.

ٿون به انهنکي پرتل آهين جيڪي ڇورن تي ايتري قدر مهربان آهن. رکو پاڻ سنيار.

مون در مرشد جي اچڻ وڃڻ واري ڳالهه جهلي ٻيٺو آهيان. گهڻا سال ٿي ويا آهن ڪڏهين نه پڇيائون ته ڇو ٻيٺو آهين. سنگت ساري لنگهي وئي، سڀيئي سوار تن منجهه پياد و هڪڙو مون آهيان. مرشد کان پوءِ سهاڳڻ جي رات هڪ به نه ڏٺيم. اميد نه ٿو لاهيان، من ڪا سهاڳڻ جي رات اچي وڃي! اوهين سڀيئي سهاڳڻيون آهيو. هرڪوئي سڀاڳي ڇڏيو ٿو وڃي جو پنڌ جي ڇڏي آهيان.

اهڙيئي مان ڏالهن، هوتن ڏوهه نه هڪڙو.
در به الهن جو جهليو اٿم جي نالايق نواز آهن.

اهڙي ڪا آهيان جا تهنجي توري کي تورو ڇوان!

مرشد کان الله گهريو آهي يا ڪرامت گهري آهي؟ مرشد وٽان هڪڙن الله گهريو هڪڙن ڪرامت گهري. جن الله گهريو تنکي ڪرامتون به ٿيون. جن ڪرامت گهري، تن کي الله به وڃيو وسري، ۽ ڪرامت به نه ڏنائون.

مرشد کان به دعا اها گهرجي ته مولا کي پنهنجو ڪجو. دعا گهرجي ته

Scanned by CamScanner

تون سمو، آءٌ گندڙي، مون ۾ عيبن ويهه،
ڏسي واڻڪي ڏيءِ، متان مون ڏنهن منهن مٽين.

تون سمو، آءٌ گندڙي، مون ۾ عيب هزار،
ڏسي واڻڪو ٻار، متان مون ڏنهن منهن مٽين.

تون سمو، آءٌ گندڙي، مون ۾ عيب لک،
ڪارڻ رب الک، متان مون ڏنهن منهن مٽين.

طمع چڱي نه آهي. ٻڇڙي ۾ ٻڇڙي شي آهي طمعداري.

طمع ٽلوارون ٽڪي، جنهن طمع سر نوايا،
لک لعنت تنهن طمع کون، جنهن جاني جدا ڪرايا.

پر ٻيو هڪڙي طمع چڱي آهي. مرشد جي راض ۾ طالب هميشه طمعدار آهي. سائينءَ جي راض ۾ هرڪو طمعدار آهي.

طالب لاءِ مرشد جيڪي ڪري ٿو تنهنجي سڌ طالب کي ڪانهي. مرشد ڇا نٿو ڪري طالب لاءِ! ٻيو عشق جي منظوري ۾ مرشد وٽي ڏيندس. گهر ويني فتويٰ ٻه اول مرشد آڻي ڏيندس.

مرشد صورت معنيٰ الله.

هڪڙو پکي آهي تنهنکي ٻچا ٿين ته اکيون پوريليون هونديون آهن. اهو پکي پوءِ جبل ڍونڍي پارس هٿ ڪري اچي ۽ ٻچن کي اکين تي لائي ته انهن جون اکيون کلن. مرشد به ائين آهي. ڪيتري محنت ۽ تڪليف طالبن لاءِ ڪرڻي ٿي پويس سا ڪيس خبر! جيئن عقل گهٽو تيئن مرشد لاءِ ڇيٽ!

اک مطلوب جي ڇا نٿي ڪري طالب لاءِ! نهارڻ سان نشو ڏيئي ڇڏيس عشق جو. جيڪي مرشد جي اکين سان ڏسي سگهبو سو پنهنجي اکين سان نه ڏسي سگهبو. مرشد سايان

طالب وٽ وينو آهي. مرشد سر آهي، طالب ڪرسي آهي. سر جڻ مرشد جو اچي وينو.

الله ۽ مرشد جي ساراهه ڪجي. جيتري گهڻي اوتري ٿوري. هلندڙ طالب هوندو ته ساراهه الله ۽ مرشد جي ڪندو. جيتري به ڪندو ته اها ٿوري پيو سمجهندو.

طالب پهرين عاشق آهي ۽ مرشد معشوق. جڏهن ساري چال سڌاري ٿو تڏهن وڃي ٿو اچي. جڏهن وڃي آيو ته پوءِ مرشد عاشق آهيس. هيءَ طالب ڪڏهن عاشق آهي ته ڪڏهن معشوق. پهرين سڪ طالب جي آهي پر پوءِ مطلوب جي سڪ اهڙي آهيس جو ٻئي جهان ٿا هي ڇڏيندس.

مرشد ۽ طالب ٻه وڻن وانگر پيوند ٿا ٿين. ٻن سرن جا سر ٿا ٻي سرن سان پيوند ٿين. وڻ پيوند ڪري پوءِ مصريءَ جو پاڻي ڏيندا آهن ته سندس ميوو مٺو ٿئي. اڪ جي محبت جڻ مصريءَ جو پاڻي آهي.

ڪٿيو ڪٿيندڙن ۽ ڪيترو وڃي ڪر سوداگر يار.

سوداگر چوندا آهن رهنما کي. رهنما مرشد کي چوندا آهن جيڪو دل وٺندڙ آهي. سوداگر به مرشد کي چوندا آهن. انهي سوداگر يار کي اکين منجهه جاءِ ڏني آهي. تنهنجي اکين جو سرمو اهو آهي سو هميشه اکين ۾ رهجي. ٽڪل نه تنجي ۽ اکين مان نه ڪڍجي.

صورت مرشد معنيٰ الله.

پوءِ اکيون اُهيئي پسندي پاڪ ٿيون. صورت سان اک ٻڌل رهندي ته خام خيال گهڻا نه ٿيندا. دم سان ياري هجي.

گهر مان ڪڍي گهل، وڃي صلح ڪر سلطان سين،
جو تون تنهين جي در ڏهاڙيون ڏاڻ ليهن.

سلطان به صورت مرشد جي آهي.

سخن سڻي شيخ جو، تون ويسھجي ويھ،
ته ڏاتار سند و ڏيھ، تو اندر اثبات ٿئي.

شيخ به مرشد کي چوندا آهن.

محبوب صورت مرشد جي آهي. اک صورت ۾ مقيد هجي. رهبر جي ضرورت آهي سو اک مان نه ڪڍجي، هر وقت نظر ۾ رکجي. سونهون نظر مان نه ڪڍجي جو سونهين جي وڏي درڪار آهي. ان سان گڏيو وڃجي. اهو اکين جو قيد آهي.

جنبيو وچ جهاز گڏيو غوراب سين،
پوريندء پرڏيھ ۾ ساڃا رکج ساز،
اچن ٿا آواز سڻاڻي تنهن سمنڊ جا.

جهاز ۽ غوراب بدن کي چوندا آهن.

صورت اک ۾ رکجي. نظر نظر ۾ هجي ته سچوئي منهن نظر اچي ۽ نگاه نگاه مون هلي وڃي. سڏڙيو نه هلي سگھندو. بي خوفائيءَ ۾ رب وسري ٿو. صورت به وساري ٿو. صورت گڏيل آهي، مگر جا دل فراموش آهي اها نند آهي. فراموشيءَ مان اک پٽجي. اک پاڻ خيال رکندڙ آهي. مگر دوست پنهنجي کي نظر ۾ رکي جتي هجي ٿي.

فکر دليل ٽيسين ٿائين آهن جيستر اک ٻڌل نه آهي. اک صورت سان ٻڌبي آهي. اک اصل صورت سان ٻڌل رکجي پوءِ انهي کي بيا قرطا نه پوندا. جنهنجي اک صورت سان ٻڌل آهي، درجي بدرجي هلي ويندو. هيءَ پنڌ اکين جو آهي. ماڻھو اڳ وسوڙل آهي، تنهنڪري سونهون نظر مان نه ڪڍجي. اک گڏي ڏسجي. سهڻي سائينءَ کي اکين ۾ وهارجي. سونهن جي ضرور درڪار آهي. مرشد جي صورت حقيق به آهي، مجاز به آهي.

Scanned by CamScanner

ٽڏيءَ ڪوسيءَ سچ نظر ۾ هوندو ته اونده ڪنهن به ملڪ ۾ نه ڏسبي. فراموشي سبب گمراهي آهي. سچ منهن ۾ جيڪو رکندو، اهو ڪنهين ملڪ ۾ اونده نه ڏسندو. ماڻهو وڃي ته هونئن ئي پيو ٿو. سچ منهن ۾ ڏئي هلجي. سچ آهي صورت. پنهنجي هيڪلائي سنيارجي ۽ سونهون اک مان نه ڪڍجي.

گم هوڪي ويک نظارا،
آپ سارا محبوب ڪي صورت ۾.

مرشد جي صورت جيڪي اکين ۾ رکندا ته انهيڪي اڳيئون اونده نه بيهندي، جو ته انهن رهبر سچ اکين ۾ رکيو آهي. اهو ڪنهن به ملڪ ۾ اونده نه ڏسندو. خبردار تجي جيئن اونده جي ملڪ مان نڪري وڃجي.

تون آءَ اچي اکين ۾ ويهه، آءَ اکيون ڪٽي پوريان،
بيو نه ڏسيئي ڏيه، ۽ آءَ نه ڏسان ٻئي ڪي.

سچ نظر ۾ رکبو ته انهي ڪي سچ نظر ۾ ايندو. اونده نظر ۾ رکبي ته انهي ڪي اونده نظر ۾ ايندي. اندر منجهئون حقيقت وارو سچ اُڀرندو تڏهن اونده ٽرندي.

اڀريو سچ حقيقت وارو، اونده جو اسباب ويو.

خبردار ٿيڻ گهرجي. هي هلندڙ قافلو آهي، جيئن اونده جي ملڪ مان نڪري وڃجي. مرڻ تائين به سچ منهن ۾ هجي.

صورت گڏيل آهي پر دليل آڏا اچيو ٿا وڃن. دليل وجود ئون متيندو وڃجي. هي انسان پاڻيءَ جو پتلو آهي، جي پاڻيءَ ۾ ٽبي هڻندو ته نه اندريون آواز، نه ٻاهريون آواز ٻڌندو. دليلن جو دلو آهي تنهنڪري ان ۾ دليل اُٿن ٿا. اهي دليل خطرا هر ڪنهن کي پوندا آهن، جيستين خيال وڃي محويت وٺي.

دليل اوليائن کي ٻه پوندا آهن پر پوءِ جيئن وهندڙ درياهه ۾ ٻيڙي لڙهي وڃي. اِڪ ٻڌل هجي ته دليل نه پوندا.

سونهون ٻه نظر مان نه ڪڍجي جو هيءَ بيابان آهي، ڪنهن جو ساٿي ڪونهي. اُتي سونهون گهرجي ساڻ. جنهن راهه ورتائي آهي اهو سونهون نظر مان نه ڪڍجي. سونهون ساڻ آهي ۽ اهڙي دوست کي اکين ۾ جاءِ ڏني آهي.

مرشد جي صورت سيني ڏني، پر هڪڙن رات جو صورت ڏني ته ڪن وري ڏينهن جو ڏني. رات جو صورت چٽي نه ڏسبي. مطلب ته جڏهن صورت چٽي نٿي ڏسجي ته انڪي رات جي صورت چئجي ٿي. پر ڏينهن جي صورت صاف ڏسجي ٿي. مرشد اهوئي پوءِ ڪيڏانهن ڏينهن جو ڏسڻ ڪيڏانهن رات جو ڏسڻ!

* مرشد جي صورت جو روبرو نڪتل فوٽو مرشد جي صورت جو عڪس آهي، تنهنڪري انجو ادب ڪجي. طالب کي کپي ادب. بت اهي آهن جيڪي پٿر ۽ ڪاٺ جا ٺهيل آهن. انهن کي بت چئجي. طالب رهي انهيءَ صورت سان جيڪا روبرو صورت ڏٺل آهي. مرشد جي صورت ۽ خدائي نام جو ٻج ڳرو آهي.

هيءَ جماعت بادشاه پير جي آهي، جو شاهه شهيد ذڪر بادشاه پير جي پوٽي کان ورتو هو. خواجه خضر پڻ ويو اڏ زات جو درياهه جي ڪپ سان ته هڪ لات ڏنائين. ويجهو آيو ته ڏسي ته ڪو سمهيو پيو آهي. ڏڪو ڏيئي جيائينس ته اُٿ

---

* هڪ يهودي آفيسر اسان جي هڪ ياءَ کان دهليءَ ۾ سوال پڇيو ته فقير صاحب جي تصوير تي هار چاڙهڻ ۽ اڳيان اگربتيون ٻارڻ بت پرستي نه آهي؟ سائينجن ان جو مٿيون جواب لکي موڪليو.

هيءَ وقت سمهڻ جو ناهي. ڇي خواجه خضر هن مهل جاڳايو اٿيئي! خواجه خضر پڇيو ته تون ڪير آهين جو مولي سڃاڻين ٿون پر مان توکي نٿو سڃاڻان؟ هن جواب ڪونه ڏنو، رلي ويڙهي سمهي پيو. خواجه خضر وري اڳيان هليو ته وري به نُوُر جي لاٽ ڏٺائين. اڳيرو اچي ڏٺائين ته هڪ زال سمهي پيئي آهي. ان کي به جاڳايائين. زال ڇيو، هوڏالهن منهنجي مڙس کي اُٿاريوَ ۽ هينئر وري مولي اٿاريوَ! خواجه خضر پڇيو ته اوهين ڪير آهيو؟ اها زال به رلي ويڙهي سمي پيئي. اتي خواجه خضر عرض ڪيو ته سائين مان ته توهانجي سيني عاشقن کي سڃاڻان پر هي به ڪير آهن؟ اتي آواز ٿيو ته تون منهنجن عاشقن تـ سيني کي سڃاڻين، پر هي اُهي آهن جن تي مان عاشق آهيان. وري سوال ڪيائين ته هي ڪنهن جا طالب آهن؟ آواز ٿيو ته حضرت محبوب سبحانيءَ جا.

شاهه شهيد عليه رحمت جنهجو ميلو هڪ اڪبري حج آهي. جيڪي آيا سي اگهيا اهو سندن فرمان آهي؛ پيرو نـ ميرو. ڪڇيءَ ۽ ڪٽيءَ ۽ سنڌيءَ ماڪوڙيءَ جو سندن اقرار ڪيل آهي سو هرگز نه ڇڏيندا. ميلي تي خير سان اچجي جو دعا جي جاءِ آهي. در جي وڏي لڄ ٿي پوي. هلي در ڏسو. ميلي جي گل ٿيڻ تائين مڙيئي اتي هججي. اها وک ئي الله سائين قبول ٿو ڪري.

پاڻ وٽ ميلو ڪيو، اهو چڱو ڪيو اٿو. پنهنجي ميلي تي ميلي ڏٺي پاڻ آيا هوندا. پاڻ وٽ ميلي جي هنيار پلي ڪري ڪريو. اهو ڏسهن چڱو آهي. اوهين رب نه وساريو ته اوهين به نه وسرندا. جيڪو نٿو وساري ته اهو سدائين ميلي ۾ آهي.

فقير ڪنهکي سڏجي؟ فقير اهو جنهجي ڏلي رب ياد پوي ۽ ڪيل گناه بخش ٿي وڃن.

جنهن جي سڀ رڳ سري،
پر گهر ڀني ڪيڏڪي، پر گهرڙن ٻه ڪين گهري،
جيڪو مانيءَ لاءِ مري، سو سامي سڏجي ڪينڪي.

ڏني ڏکوئجي، ري ڏني راضي رهي.

فقير وٽ وڃڻ سان ڇا ٿو ملي؟ جيئن تون اتان روانو ٿئين ته ان گهڙيءَ ملائڪن کي حڪم ٿيو ته پڇوس ته ڪاڏي ٿو وڃين؟ ملائڪ روح کان پڇن ٿا ته ڪاڏي هليو آهين؟ جواب آيو ته الله جي ٻانهڙي ڏي. ملائڪن کي حڪم ٿيو ته پڇوس ته ڇو ٿو وڃين، ڪنهن دنيا جي ڪم سان ڪين الله لڳ؟ جي الله لڳ ته انهيءَ گهڙي ڪانوڻي ٿي مٿس رحمت وسي، سڄو وقت جيسين تائين پويان پير ڪري اچي گهر پهچي. رحمت جي خبر مرڻ وقت پوندي پس. ڪو پڇسو ڏوڪڙ ته ڪونهي جو هڪدم خبر پوي!

فقير کان دعا گهرجي، ڇو ته رضا جي گوڏڙيءَ ۾ فقير لڪي ويو. مٺونيءَ واري صاحب فرمايو آهي ته الله فقيرن جي ائين مڃي جيئن مائٽ ننڍن ٻارن جي. رضا جي گوڏڙي فقير ٿي آئي.

جيڪا رب رضا، نڪي پٽ نڪي دعا.

وڏي ۾ وڏي ڪرامت فقير لاءِ آهي ته سڀ ڪجهه ساماڻجي وڃي. ذن، زال، مال جتان ڪٿان ٿو ملي. فقير اهو جو انسان جي چال سڌاري. سڄيءَ حياتيءَ ۾ هڪ زماني جي عادت ڇڏيائين ته لک ٿيو.

مشڪلاتون قسميون آهن پر فقير لاءِ مشڪل ۾ مشڪل آهي:

هيءَ آءُ ته گڏيس پريانءَ کي.

وڏي ۾ وڏو مشڪل اٿس، جدائي پهنجي رب کون. مشڪل

آهي تہ مشڪل ڪشا بہ پنهنجا اٿس، جيئن رات جي پنهنجي ڏينهن آهي.

الفراق اشهد من الموت، آءُ هت نہ هوندس ياس،
آڏا لڪ لطيف چوي، وچي جبل جهاڳيندس ياس،
آس نہ لاهيندس ياس، مان جيئري جت ڏسي مران.

هيءَ آءُ نہ مليس پرين کي، تون تو لهين سڄ،
منهنجا نيڻ پرين کي سنيها ڏج،
وچي ائين چئج تہ ويچاري وات مُئي.

هيءَ آءُ نہ مليس پرينءَ کي، پورا ٿيا پساهہ،
سڪان ٿي سڪرات ۾ رويو پڇان راهہ،
پيئي ڪٺان پساهہ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

فقيرن وٽ دونهان پيا دکن درد فراق جا، جي دکايا دوستن. فقير ڳجهيون ڳالهيون پنهنجون پاڻ سمجهن. صادق سائين دلي سان بہ رهاڻ ڪندو هو.

اولياون جا بہ تصرف ٿيندا آهن، سعدي اچي تہ بهاري، جامي اچي تہ جوش، عطار تہ قلب ڪليو پون. عطار الف ۽ ميم اکر ڪڍي ڪٽوريءَ ۾ وجهندو هو.

عطار نبود خدا بود، خدا بود، او پاک وجود پاک وجود.
ميران اچي تہ سڄيءَ ڪچهريءَ تي غم ڇانئجي وڃي جو ميران تي درد گهڻو بيٺل هو. ميران بائيءَ جي ڳلا هئي. جڏهن جيئري هئي تڏهن هن پيڪا بہ لڄايا ۽ ساهرا بہ لڄايا. هيءَ قدر مُئي ڪانپوءِ ٿيو اٿس. ان سان گڏ بہ چار فقير پيا گهمندا هئا ڏاڙهيءَ سان. ويچاريءَ جو رئو بہ لاهي وٺندا هئا پر چوندي ڪجهہ بہ

ڪاڻ هئي. هت اچي نه ميران وهي ته جيڪر هرڪو ان ڏانهن نهاري، پئي پاسي نهاريئي ڪونه!

سخي قبول محمد وڏو قربدار هو. مونکي چيائين ته تون الله آهين جو مون ڪيس چيو ته تون سچل آهين. پوءِ چيائين ته هي لوڙهو ۽ هو (جهوڪ شريف) پئي تنهنجا آهن. مون چيو ته برابر، جو مون ٻنهي جو پهاريدار آهيان. تنهنتي چيائين تہ ڪسڪي وئين. مون سچل فقير جو هڪ خليفو ڏٺو، وڏيءَ عمر وارو هو. ڳالهه ڪيائين ميرانپور جي. چي هڪ پيري ويو هوس، اُتي هڪ گل ڏٺم جنهن جهڙو جهان ۾ ڪونه هو.

انسانيت جو ٻه هڪڙو درخت آهي. ڪلهن ڪان مٿي جيڪو سر آهي سو پيوند ڪري مرشد جي صورت رکجي. پنهنجو سر نه سمجهجي. ائين ڄاڻجي ته ڪلهن ڪان مٿي جيڪو سر مبارڪ آهي سو مرشد جو آهي. مراقبي ۾ ويهجي ته پاڻ وچ ۾ نه آڻجي. ائين ڄاڻجي ته مرشد وينو آهي. اڪ پنڌي بہ صورت مرشد جي سمجهجي. هڪ ٽيءَ نه پوءِ بيائيءَ جي ملڪ مان نڪرندين. ويني ڪانپوءِ وجود وسريل هجي ۽ محويت ۾ هجي.

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot

Scanned by CamScanner

نـــام

نام سان خبردار رهجي. فقط هڪ مالڪ جي نام کي بقا آهي، ٻيو سڀ فنا آهي، سو سندس نام کان فراموش نہ ٿيو. پوتل رهجي جو جيئن ماڻهو اڳيان بہ وڌي اچي.

هٿ تہ مڱڻ منا ماڻ، اڳيئون ٻريا تہ گهرجن پيرَ ۾.

هٿ ٿورو وقت بيهڻو آهي سو مرد تي ونو نالي رب ڪريم جي. ڪي. نہ وساريو جو اها ڳالهہ وسارڻ جهڙي نہ آهي.

جنهين وساريو نام، تن پس وڃائي پانهنجي.

نہ وسري نہ وساريو، وسري تہ وري ياد ڪريو. فراموشي چڱي ناهي. جيڪو وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو. اڃا بہ جيئڻ ٿورو آهہ، پنڌ گهڻو آهہ، سو سندس نالو وڏو فرض آهي. اوهان هر هاجت ۾ بہ مالڪ جو نام ياد ڪريو. دم سان پريت رکو. سيني ڪمن ۾ وڏي ۾ وڏو ڪم اهو آهي تہ رب نہ وسري. سندس نام وسريو تہ ماڻهو بيراه ٿيو.

جيڏاريس ٿي سنيار، آءٌ ملي ڪنديس ڪوه!

هڪڙن کي الله سائين سنجرندي سمجهائي ڇڏيو، هڪڙن کي جمنديئي. نہ نہ بہ وهيءَ ۾ سنياري وڃڻ اها عادت نيڪن جي آهي، سو بہ انهيءَ نام جي ناتي سان.

اوهانکي فقط هڪ رب جو نام ڏسيل آهي، باقي زماني جا ڪم سيڪوئي ڄاڻي ٿو. اوهان کي اهڙي شي مليل آهي جو سڀ ڏني بہ نہ پڄي سگهجي. انهيءَ شي جو سچاتي قدر پوندو. هيئڙ سمجهہ رکو.

سمجهہ ويکين اڪ سمجهڻ نقطا، سالڪ سمجهي سوءِ، بسطاميءَ کيهي بات کهي، ڪوئي سمجهڻ والا هوءِ.

جيڪي اوهانکي مليو آهي اهو سچائيءَ جو سچائيءَ کانپوءِ قدر پوندو. جنهنجي نالي وٺي لکيا ڏوھ لهي وڃن اهو نه وساريو. رمز پاڻ ۾ لڳل هجي. بادشاهن بادشاهيءَ کي ترڪ ڏيئي ڪاٺ جون مانيون پيٽ سان ٻڌيون ۽ انهيءَ رمزبازيءَ ۾ آيا. ميران ٻائي به انهيءَ رمزبازيءَ ۾ آئي.

مالڪ جي نام کي ائين وٺو جيئن وري ڇڏي نه سگهو. الله جي نالي کي ائين وٺي وڃو، جيئن وڻ ويڙهي وٺي وڻ کي. ذڪر کي ائين وٺي وڃجي جيئن وري پاڻ نه ڇڏي سگهي.

الله نوَن ايوين ياد رکين، جيوين ناگر ڪي چت گهاگهر ۾. اها راھ نه ڇڏيو ۽ راھ سان پيا رڙهو. ڪو رب جي نالي سان ڇڳيءَ طرح رهي نه ڏسي ته رب جو نانءُ قلب جا طاق ٺي ڪڍي ڇڏيندس. انهيءَ دردن جي ڏنبوري کي وڃايو ٻوليءَ حق جي سان. اهو خاڪي خرقو آهي.

ڏنبورا درد جي ٻولي ڪا ٻڌاءِ،
ڇي الله ٺي الله پيو فنا فاني جندڙو.

الله نه وساريو. ٻنهي جهانن ۾ مٺو نالو الله سائينءَ جو آهي. مٺو نالو آهي رام جو، توُن هنبائي ڏس هنڌين. اهو نالو ساڻ محبت جي گهرجي. دم دم ٺي سعيو هجي. سرت رکجي نالي رب جي سين. نالو رب جو جيڪوئي بدن ۾ پيو وهائيندو، غير وجود ٺون لڏهن ٿوندو. هر درد جي دوا ته الله سائينءَ جو نالو آهي. اهو نه وساريندا ته الله ۽ مرشد مرڻ وقت به گڏ هوندو.

جنهنکي مالڪ جو نام وٺندڙ ٿئي ٿو ته اهو پاڻ مالڪ کي وٺندو آهي. اوهين اهو هڪ سبق پاس ڪريو ته لوهانجا سيئي ڪم پاس ٿي وڃن، ظاهر جا، ڇا باطن جا. نالو رب جو نالائق ٿو نوازي وجهي. هيڙي مهل وري هٿ اچڻي ناهي. بادشاهن بادشاهي ڇڏي به رب گهريو آهي. اها ڪا ٿوري ڳالهه ڪانهي!

اهو قدر پوندو اڪ ٻوٽي ڪانپوءِ. نيت اڪ ٻوٽي آهي ۽ خدا سان ڪم پوڻو آهي.

امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي خبر اڳئي پيئي آهي. شڪرانا آهن ۽ اوهانکي مبارڪ هجي. ڪيترو علم پاس ڪيو اٿوَ! اوهين اهو هڪ سبق پاس ڪيو ته جيڪو علم پڙهيو اٿو تنهنکان اهو هڪ سبق پلو آهه. منزل جيڪا اڳي ٻاري آهي هاڻ انهيءَ ۾ پاس ٿيو ۽ پهچو. هيءَ وڏو سفر آهي جيئن مول سلامت هلي پهچي. ساري علم ۾ نقطه سمجهڻ وارو سمجهجي. گهڻائيءَ کي ڇا ڪبو! گهڻائي آسمان ۾ تارن جي به آهي، پر درڪار هڪ سج جي آهي. جيڪو سبق اوهانکي ڏنل آهي اهو هڪڙو سبق ياد ڪيو ته ٻئي جهان موچارا ٿي وڃنوَ. سبق جيڪو مليل اٿو اهو ياد ڪندا جو انجو امتحان آخر ڏيڻو پوندو. غير وجود ٿون ٽڏهن ٽرندو جڏهن صيقل پيو وهائيندو. صيقل وهندو، تڏهن غير جو گنديو ڳرندو. جيڪو صيقل وهائيندو انجو سينو صاف رهندو. صيقل اهو آهي جيڪو مرشد ڏسيو آهي.

علم ٻن قسمن جا آهن. هڪ ذاتي ٻيو صفاتي. ذاتيءَ سان هدايتوند آهن ۽ صفاتيءَ سان عام آهن.

بي حسابو، بي ڪتابو، بي اديب،
اوليان را حق ڪند علم نصيب.

"لا" پڙهن: لاهوتي، لوڪان پڙه نه جاتي،
حق دا نالا نفي ڪرن، آپ ڪرن اِثباتي.
خيرمحمد خاصان دي مُنجهه ڳئي مصلاتي. (عقل)

ذاتيءَ ۽ صفاتيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ جڻ رات ۽ ڏينهن جو فرق آهي. ذاتيءَ وارو ڏينهن ۾ بينو آهي ۽ صفاتيءَ وارو رات وانگر اونده ۾ ٿو هٿ هڻي.

مون توهانکي هڪ الله ڏسيو آهي ته الله نه وساريو. جيڪي سياڻي وساري هلبو اهو اڄ وساريو. ٻارن ننڍڙن ۾ مخمور نه ٿجي ۽ خدائي خيال رکجي. خيال سيارجي ۽ اڪ پنجي جو موت آيو بيٺو آهه. ڪيترو ننڍي ٻار وانگر هنج تي ڪڇبوَ! هاڻي ٻاراڻي راند ڇڏي مرد ٿيو. اهو پڻ مردانو آهي. دل جي ديگ ٽپائجي جو موت وسري ويو اٿوَ ڪهڙو ڪم اٿوَ هتي جو ويهي رهيا آهيو! هيءُ خيال جو ڪم آهي. خدائي خيال ڪي خيال چئبو آهي. ٻئي خيال کي بي خيالي چئبو آهه. توهين راز سان هجو جو راز عجب آهي. ٻڌل راز سان هججي.

بقا هڪ نالي رب جي ڪي آهي، سو انهيءَ ۾ گم هجو. بي سڀ فنا آهي. بيون ڳالهيون نيون نه سگهجن. اِهي وهم وڃني ڪانپوءِ مراقبي واري ڪي پيا چوندا دل ۾ ڪتابن واريون ڳالهيون. جڏهن بقا نالي رب جي ڪي آهي ۽ اوهانکي مليل به آهي ته انهيءَ کون وڏيڪ ڪهڙي ڳالهه آهي جو ڪتابن جون ڳالهيون ٿا ڳوليو! اِهي سهنجائيءَ جون ڳالهيون ڇڏي ڏکن واريون ڳالهيون ڳوليو. جڏهن ٻڌل مون سان آهيو پوءِ هيڏي هوڏي ڏسندوَ، ڇني سگهندوَ! نه ڏسو هيڏي هوڏي، جيڪي اوهانکي مليل آهي انهي ڏانهن ڏسو. جنهن سان ٻڌل آهيو تنهنکي ڏسو. اوهين خيال ۾ وهندا هوندوَ ته به اوهانکي ياد وري وري به اهي ڪتابن واريون ڳالهيون ايندڙيون هونديون. هلندڙ خيال کي وري ٻنڙ تي پوي. جي مراقبه ۾ وهندوَ ته وري اهي ڪتابن واريون ڳالهيون ياد ڪندوَ. توڻي چڱيون ڳاليون ته به رب جي مت نه چئبيون. جيڪي اوهانکي مليل آهي انهيءَ قبوليت سان هلو. ڪتابن ۾ وري وڏو الله ملندوَ ڇا! گهڻيون ڳالهيون چڱيون نه آهن هلندڙ کي. ڪتاب رڳو ٽڪرا ٿا سيڪارين، صلح ته اصل ڪونه ڪن. ٽڪرا رڳو صفائي ٽيندي آهي. دل

پوءِ شاخون ڪولي ڪونڪو سولو پيچرو ڪڍيو وڃي پنهنجي سڪ لاءِ ۽ وڃيو صفائي ۾ وجهي. ڪتابن ڪئي رب حاصل نہ ٿيندو آهي، رب ڪئي رب حاصل ٿيندو آهي. ڪتابن ۾ رڳو وسوسا آهن. لوهالڪي رڳو امر الله سائينءَ جو ڪيل آهي. اللہ سائينءَ جي طرف کان وري نفس اجايا رايا وجهندو آهي ڪتابن جا. اهي ڪتاب ماڻهوءَ کي هوش کان ڪڍي ڇڏيندا آهن. هاڻي هوش رکو هڪ نالي رب جي سان.

اکر پڙھ الف جو، ٻيا ورق سڀيئي وار،
اندر ڪٺي اوجار، ٻيا پنا پڙهندين ڪيترا!

ماڻهو پاڻ بہ هڪڙو جيئرو ڪتاب آهي. ٻيا ڪتاب بہ اهي جيئري ڪتاب منجهان اُتريل آهن. علم بہ جيڪو انسان کي پنهنجي گل ۾ آيل آهي اهو عجب آهي، باقي ٻاهر نقل آهي، اصل تہ پنهنجي گل ۾ آيل آهي سو اصل سان رهڻ گهرجي. ٻاهر تہ بيان آهي. فڪر جي ڦوهي، سورن جا سبق، ماٺ مطالع، اهو علم آهي. ساري علم مان درڪار هڪ نقطہ جي آهي، اهو نقطہ پاس ڪريو تہ ٻئي جهان لهي وڃنو. علم جيڪو آهي اُهو پنهنجي گل ۾ آهي. اُهو علم پلو آهي. اهڙو علم ٻئي پاسي نہ ڏسي سگهبو.

بدن ڪتاب آهي. علم جي معنيٰ آهي تعريف حق جي. علم ۽ تعليم آهي رب جي تعريف. جي واقف ٿيو تہ لُونءَ لُونءَ تعريف آهي. ٻيا ٻاهريان انهن اکرن ۾ منجهي مري ويا. اوهان اثبات پنهنجي الله کي ڪريو. هڪڙا سکن تہ وري هڪڙا سمجهن. ڳالهيون ڇڏي ڏيو. حال کي وٺو. طالب جو ڪم آهي تہ گهڻين ڳالهين ۾ نہ پوي.

ڳالهين گهر ڪاريا، ڇيڻ پڳا هڏ،
سي ڪيئن سٽن سڏ، اديون عجيبن جا!

ماڻهو پڇو سيني وصفن سان آهي. اِهو ڪتاب آهي جيئرو. اِنهيءَ ڪتاب تان ٻيا ڪتاب اُتريا، ٻيو جهنگ مان ڪونه ٿا آڻين. اِهو ڪتاب ٿاهيل ڪنهن جو آهي! علم ڪنهن جو آيل آهي انهيءَ ۾!

گر نبودي ذات حق اندر وجود، آب گل را کي کند ملک سجود.

ڪتابن ۾ صحبت پنهنجي رب جي ٿا ڏسو. ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ وڏو فيرو آهي. هي دست دوئيءَ کان ڏوئٽا آهن.

بقا هڪ مالڪ سائينءَ جي نام کي آهي، باقي سڀ وهامند و ٿو وڃي. پوتل هجي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي تنهن لڙهيءَ ۾. ساري علم مون درڪار ٻـ هڪ نقطه جي آهي. اوهانکي اهو نقطه سمجهايل آهي. اهو ڪجهه سمجهڻو آهي. مرشد وٽون ٻه ڪجهه سمجهڻو آهه، جي سمجهي ڏسين تـ ساري علم جي بحر مون درڪار هڪ نقطه جي آهي. نقطه اهـو آهي سندس لطف جو، جيئن هڪ الله نه وسري، اهو نقطه هڪ، جو سر ويا سبق نه پلا.

سر نه ويو ڪاڻي ڪاٺ ۾، هو ڪي ٻيو ٿا گهڙن.

انهيءَ نقطه کي اوهين نه ڇڏيو. ائين وٽي وڃو جو پاڻ اُن مان ڇٽي نه سگهو.

نقطه ڇاکي چوندا آهن؟ جو سر ويا سبق نه پلا. منصور کي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ کان اڳي سنديس ڪرايون ڪپيائون. ڪلي پيو. پڇيائونس تـ منصور ڪلين ڇو ٿو؟ چي جن هٿن سان مون ڪم ڪندو آهيان سي تـ اوهانکي نظر ئي ڪين ٿا اچن! وري پير ڪپيائونس تـ ٻه ڪلي پيو. پڇيائونس تـ منصور ڇاهي؟ چي جن پيرن سان پند ڪندو آهيان سي تـ اوهانکي نظر ٻه ڪين ٿا اچن! پوءِ ڪلهن کان ڪري ٻانهون ڪپيائونس. رت جو پيو

وهي سو ڏاڙهيءَ کي لائي ڇڏ ياائين. ٻيپائونس ته منصور هي ڇا ٿو ڪرين؟ ڇي وضوءُ ٿـو ڪريان. ٻيپائونس ته وضو ائين ڪبو آهي؟ جواب ڏنائين ته جن سان مون جهڙي ٿيندي آهي سي وضو ائين ڪندا آهن. ٻيو سبق ياد هو. اوهان هڪ سبق جو امتحان به اچا نه ڏنو آهي. جنين عملدارن مولکي هٿ وهاريو آهي اهي به پڇن ٿا ته سبق پڪا يا ڪچا؟ پوءِ مان اوهانجي سبق جو ڪهڙو جواب ڏيان، پڪو آهي ڪين ڪچو؟ خبردار رهجي پنهنجي صاحب سان. باطن جي قدرت جو صاحب سو به خبردار آهي. تون ڪاليج ۾ پراوا ٻار ٿو پڙهائين. مان وري ڪاليج ۾ پنهنجا ٻار ٿو پڙهايان. ڪيترا امتحان تو وٽ ٻراون ٻارن جا اچن ٿا. توکي عملدار سمجهن ٿا. ڏسو ته تن ۾ ڪڪيون به پڙهايو ٿا. مان به ڪڪيون پڙهايان ٿو.

اوهانکي خبر آهـي تـه حضرت يوُلس نبي هـو. الکي وڏي مڇي اُڳري ويئي هئي. مڇيءَ جي پيٽ ۾ ته به الله نه وساريائين. مخدوم بلاوَل فقير هو. گهاڻي ۾ پيڙائولس. هڏ پيا لڪاوَ ڏين ته پاڻ پيو ڪلي! ته به انهيءَ گهاڻي ۾ الله نه وساريائين. حضرت اَيوُب کي سڄيءَ جان ۾ ڪيڙا هئا ته به رب ڪريم نه وساريائين، حضرت ذڪريه تي ڪرت پئي وُڙهو ته به رب نه وساريائين. انهيءَ پڌ ميران ٻائيءَ کي ڪيترن غمن گوندرن ۾ وڌو ته به نه مڙي. اڃا ته خرار مان هڪ چوٿائي نه پيئي آهي اڳيئي ٿا دانهن ڪريو غمن جي! غمن جو ملڪ ته اڃا اڳيرو آهي.

رڃ تتو رائـو مـتـو، پنڌيون ٿيون پئين،
سڌ ڪيو سورت کي، ٿيون اُپيون اوسارين.

سڄي بحر علم جي ۾، درڪار هڪ نقطه جي آهي. اوهين گهڻين ڳالهين کي ڇا ڪندا! جيڪڏهن ماڻهو انهي نقطه سان آهي تـه سڀ علم سان آهي. هيو چڱ ليکن ۾ پيو گهمندو.

وري به انهي نقطه تي ايندو تڏهن مطلب کي لهندو. سو اهو نقطه نه ڇڏجي. درڪار هڪڙي الله جي آهي. ٻيو انهن ليکن کان پيچ پري. محبت پنهنجي رب سان رکجي. قدر سچائي کانپوءِ پوندو آهي. اهي پيغام انهي صورت کي ٿا ملن. پوءِ ڪنهن سنيارو ڪنهن نه سنيارو. گهٽائي لکجي ٿي صحبت جي واسطي نه ته درڪار هڪ نقطه جي آهي، اهو پڪو ڪجي!

وٺو نالي رب جي کي. رب کانسواءِ ٻي کهڙي تات ڪجي. اسين اوهان ڏي لکندا آهيون ائو توهين لکندا آهيو گهوٻاٽو. جنهنجي نالي وٽي دليون پيٺون ٽيون نواز جن، اهو نام نه وسار جي.

دنبورا درد جي ٻولي ڪا ٻڌاءِ،
جي الله ئي الله ٻيو فنا فاني جدڙو.

جيڪي ٻه نيڪ، اولياءَ، انبيا آهن سي سڀ مالڪ جي نام نوازيا آهن. اوهانکي به اها راه وٺرايل آهي. اها راه وڃي حضور پهچائيندي آهي. سواءِ الله جي ٻي کهڙي صحبت ڪجي! راه نه ڇڏجي جو جيئن مٿي جيٺري گڏ هججي. انهيءَ رب جي پاسي جي اَهل به چڱي آهي.

جيڪي به نام سان آهن اهي مونوٽ آهن ۽ مون انهن وٽ آهيان. اوهانکي سمنڊ آڏو آهي. جنکي الله سائين ياد آهي تنکي سمنڊ هڪ سُرڪَ به ڪانه آهي. پاڻ کان جدا نه سمجهو. اوهان اسانجا آهيو اسان اوهانجا آهيون. مائٽ مٽ جي طرف کان ڇڏي هلبو، باقي مرشد جي طرف کان مٿي به جدا نه ٿيندوَ. اوهين پري ٿا پاڻکي سمجهو! مونکئون نه پري نه آهيو. پر مونکي گهٽو منا لڳو ٿا. جڏهن پاڻ ۾ گڏجو ٿا ٻيو جيڪو اوهان کان ڳالهرائي ٿو انهي کي ڏسي سگهو ٿا؟ ڏسندو پر جڏهن ڏسڻ مان ڏسو. اوهان پاڻم به يا ٽي ويهي گڏجي الله ۽ مرشد جي

صحبت ڪندا آهيو. مون به اوهان سان وٽن ٿو صحبت ڪريان
توڙي هتي وٽن آهيان. اوهان منهنجي پاڪرين آهيو.
انشا الله تعاليٰ پاڪرين گڏ ٻاسين. اوهين ڳالهائيندا آهيو اها
تعريف رب جي اوهان ڪان ڪير ٿو ڪرائي! اوهين ته اڳي
گونگا ٻاتا هئا انهي طرف ڏانهن! اوهانکي ان ڳالهائي ڪنهن
وڌو آهي! تعريف ويٺا ٿا ڪريو هڪ الله جي ٻي مرشد جي،
اهو چڱو آهي.

خدائي جيڪي اَمر آهن انهن بہ چيو، مرشد به امر چيو.
پوءِ الله ۽ مرشد جو فرمان به وٺڻ گهرجي. ڪجهه فڪر ڪريو ۽
امر سان رهو. اِنسان امر جو بندو آهي. امر ڇڏي پاڻ وٽندي
نہ ڪجي. رب هادي هدايت ڪندڙ آهي مگر سندس امر
۾ رهجي، جيئن مالڪ کي ماڻهو وٽي اچي. ڪم هاج پلي ڪجي،
نيڪ نيت سان پلي ڪجي، هججي امر الله سائينءَ جي ۾.

امر جي نہ مڃين سي ڏوٽي ڏولائي پيا.

جوئي امر ۾ هوندو سوئي ملندو. رب ٿو چوي تہ تون مونکي
راضي ڪر ته مان توکي راضي ڪريان. پوءِ رب کي ڇا ۾ راضي
ڪري سگهبو؟ امر مڃڻ ۾: جيئن امر مڃيندڙ پت پيءُ کي
وڻندو آهي. ڏينهن جو حلال وجه جي ڪم سان رهو، باقي
رات جو الله سائينءَ جي نام سان گذاريو. هدايت کانسواءِ ماڻهو
حيوان آهي. حيوان به جهنگل ۾ پيٽ ڀريو ٿا گهمن پيا. ماڻهو
لٽو ڪپڙو ڪري ٿو پر جهڙو ماڻهو هدايت سان ٿو ٿئي، تهڙو
لٽي ڪپڙي ۽ ٻئي ڪنهن نموني سان نٿو ٿئي. جي ماڻهو پاڻ
هدايت وارو هوندو تہ هدايت پيو ڏسندو. جي بي هدايت ماڻهو
هوندو تہ بي هدايتي پيو ڏسندو. پنهنجو پاڻ سڃاڻو آهي.

هدايت جي ڳالهين ۾ رب راضي ٿيندو آهي. بي هدايتيءَ کان الله سائين رکي وٺندو.

نام جو قدر اڪ ٻوٽي ڪانڀوءَ سڀ کي پوندو. ڪن سالڪن کي اهو نام جو قدر جيئري ئي پيو.

ظاهر نه بيني، باطن ڪجاست.

رازق، مالڪ، خالق هرڪنهن جو آهي، باقي هادي ٿي هدايت ڪنهن ڪنهن سان ٿو ڪري. ڏسو ته هدايتوند ماڻهو به ٿورو آهي. ڪو ڏسجي ٿو! ٻي خلق خدا جي گهٽي آهي. دم اجايا نه ڇڏجن. مالڪ جي نام سان جيئڻ پريا پرپور اچن. هدايت وارن لاءِ نصيحت اثرائتي ٿيندي آهي.

جيڪي نتا جاڻن نيڪي بدي، تنکي هدايت ڇا ڪندي!

هر شي امر مالڪ جي سان آهي. سندس امر ڪانسواءِ ڪڪ به نٿو چري سگهي. اوهين امر ۾ رهو. امر سان ٻڌل رهو. ٻڌل ٻور لاءِ ٻڪ ئي ڪونهي سو ٻڌل رهجي. اڄ حال اهڙو آهي جو ٻڌل به رسو ڇني ٿا ڇڏين. پوءِ ته مال ئي ڪچيو وڃي. رب جو ڊپ ئي ماڻهن ۾ ڪونهي.

امر سان رهجي، امر مڃجي. جي رب جي نام سان محبت رکيل هجي ته ٻيا ڦرنا ئي ڪين پون.

جسي بيلي وچ شير پيا، ڪل جناور ڇپ گيا،
آوڻ نال گروڙ جنهيندي، ڪل جناور ٻي وطن ٿيا،
اگهه وچ شير ٻچي ڦيڪاري، سارا جهنگل سنا گيا،
ڇتان هوسين شير هڪو هڪ، الي رهسين ڪونه ٻيا،
سچل دا وس نه ڪوئي، نيهن ازل دي نروار ٿيا.

خيالات جو پيلو آهي، شيئهن ناٿو رب جو اڇي پيو.

خيال خدائيءَ سان رهجي، ٻيو اجاين خيالن کي ڇا ڪبو! سڄايو خيال هڪ رب جو يادگيرو آهي. دوست پنهنجي دل ۾ حاضر ناظر ياد ڪجي. ڇوڙ وڃجي. ماٺهو امر جو ٻندو آهي. ڇوائي ۾ هوندو ته ڏک ۽ خطا نه ڏسندو.

ماٺهو زماني ۾ وڃائجي ويا آهن. ٻر امر مڃجي. ڇوپڻو ته ذڪر ڪريو. ذڪر ائين ڪريو جيئن وجود وسري وڃي. ذڪر سان سڀ شي آهي. هي وڻ ٻه ذڪر سان آهن. ماٺهو ڪونه هوندو هو پوءِ ڪنڊل ڪان پڇندو هوس ته وڻن ۾ ذڪر ٻڌين ٿي؟ ڇي هاڻو سائين وڻ سڀ ذڪر پيا ڪن. جا شي ذائقو موت جو چکي ٿي، سڀ شي کي دوست دل ۾ ياد آهي.

خدائي خيال کي ختم ڪري ٻين ڪمن کي ٿا وٺو. خدائي خيال کي وٺو جنهن سان اول آخر ڪم آهي؛ ظاهر باطن ڪم آهي. دليل سڀ دور ڪندا وڃو. ڪهڙو ٻه چڱو دليل ته ٻه رب جي مت نه. دليل ٿاربا وڃن، جيئن رب جي نالي کي ورتو اٿو تيئن نــ ڇڏجو. پارس پرين هيئڙ ويجهو آهي، رڳڻ چڙهي پيئي آهي. اهو پنڌ مردانو آهي.

سهڻو شاهه لطيف چوي اڳيئون شال وٺان.

خدائي ٻج ڳــرو آهي. ساماڻجڻ ڪانپوءِ خبر پوندي آهي. درجه بدرجه ساماڻبو ويندو. رب جي نالي جو ٻج ڳرو آهي. بدن ملڪ آهي. جيئن لونءِ لونءِ ۾ ساماڻبو وڃي. مراقبه ۾ ويهجي ته جيئن وجود وسري وڃي. لونءِ لونءِ ۾ ساهه هلي ٿو. جي ذڪر سان آهي ته لونءِ لونءِ ۾ ذڪر هلي ٿو. لونءِ لونءِ رب گهري تــ اهو پلو آهي. مان وري راضي تڏهن ٿيندس جڏهن توهانجي لونءِ لونءِ نالي رب جي ساڻ پيئي وڃي.

الله سائينءَ جي اڻ ڳڻ ڀلي ڪري اوهان منجهه هجي. ٻوءِ جيئن بهاريءَ سان ملجي. رب ڪريم جي نام سان جيئن سدائين سهاڳڻ هججي. سواءِ الله سائينءَ جي ٻيا ڪهڙا ڳهه وجهڻا آهن!

ذڪر ٿيون ڪندو آهي. بازين منجهه بازي دم جي آهي. مونجهه ۾ ٻه نه مڙجي. صحبت ڪانهي تڏهن ٿي مونجهه ٿئي. خيال خدائي پاڻ ۾ هٽي ڇڏجي. رمز پاڻ ۾ لڳل هجي. ٿوري ماڻهن ۾ ويني ٻه گهڻو نه ڳالهائجي. خيال بهاري نه وٺندو جيسين پنهنجو خيال هُن خيال سان نه گڏبو. جڻ ذات صفات گڏي ڏسجي، درجه بدرجه.

ڏُهن ٻوءِ ٽبي آهي ٻي انت ۾.

خيال عام کان يگانو هجي. اُهو جڻ جوڳ منجهه آهي.

ٻري ڪين آهيو. ويجها آهيو. ٻيڙو ترِي پوندو. سچ جو ٻيڙو لڏندو، ٻڏندو ڪين. منڊي ماڪوڙي ڪچي ڀڪٽي فقير پنهنجي ڪين ڇڏيندو. مطلب ته سبق ياد هجي، وسري نه.

ائين چرخو چور جيئن پوڻءَ ٻٽڪوئي نه ٿئي،
تنهان ٻوءِ وڃي تور ته سون برابر سُت ٿئي.

ائين چرخو چور جيئن سٽن ڪي پيٺي سار ٿئي،
تنهان ٻوءِ وڃي تور ته ماڻڪن مت ٿئي.

ٽڪي ٽار ٽن سان لائجي ته ماڻهو اڳيئون صرافن ۾ وڪي اچي. ٽڪي ٽار ٽن واري اسان ڇٽي هٽي. ولايت جي خبر اوزار پهچائي ٿو. توهانجي اوزار کي ٻه وڄ جو پاڻي آيل آهي، ڀڙڪو ڏيندو ٻر جڏهين ڇرڪ پويس. ٽار ٻه بادشاهه جي ڳنڍيل هجي. ٽار ٻه بادشاهه جي ٻنگلي لي ٽيندي آهي ڪو عام وٽ ته نه هوندي! هي ڳالهيون

نہ آھن حال آھن. حال بيحالن سان نہ کجي. ڳالھہ ڳالھہ آهي، حال حال آهي.

ارمان آهي اوهانجو جو جيڪي اوهانکي مليل آهي تنھنکي سڃاڻي بہ نہ پيا سگهيو. اهو ارمان آهي جو نہ سڃاتو نہ سمجهو. اها نصيحت ۽ هدايت جيڪا اوهان سان ڪيل آهي سا جي پٿر سان ڪجي تہ پٿرئي ڦاٽي پوي، ۽ جيڪي اوهانکي مليل آهي انهي کان واڌاري ڪا شي هجي تہ چئجي. حيف اوهانجي عقل کي هجي جو رب نہ سڃاتو. الله جا امر ڇڏي ڏنو، ڪجھہ نہ سمجهو! ارمان آهي ڪيتري نصيحت هدايت ٿي آهي پر اثر ذرو بہ نہ ٿيو آهي! نصيحت بہ اها اثر ڪندي جا پٿي تي پوندي. پتو بہ اوهان ماڻهن کي آهي الائي ڪونهي! ليڪي لل ڪونهي!

گنبذ تان گولي ڪٺي ڇڏ تہ ٺڪاو وڃي هيٺ ڪندي. ڳالھہ ڪٺي ڪر تہ اها دل تان ڪري پيئي. وري بي ڳالھہ ڪر تہ اها بہ جڙ نہ ٻڌائين. وري اها بہ دل تان ڪري پيئي. ڳالھہ ٿي وسري ويئي. ڳالھہ ڪري وري پڇين تہ اها ڳالھہ ياد اٿو؟ چي الاجي تو ڇا چيو! ڪنهن ڪنهن کي ڪل پيئي آهي. پر اهو بہ صبر ۾ رهي تہ چڱو آهي.

چي سموري سرڪار ٺوڪي مينگها ملندي مانڊ ۾.
اولياو صاحب ٿو چوي تہ

صبر دا ڏي لوڙها ميان شاه باهو، دم راکا ٻلهاوين،
چي صبر ڪري ويهي دم هلاء.

ٻچو، اڄ گڏهن کي هيرا ماڻڪ ٻڌي ٿا ڇڏين. يعني تہ

Scanned by CamScanner

سڀ جنهن کي رستو ڏنائين يا نام ڏنائين بخشيون سي ماڻهو ڪونهن، ڪيترا ڳڌهن مثل آهن.

توهانجو ڪهڙو ڪم آهي عام سان! فقط نام ۾ گم هجو. ٻيون ڳالهيون ٿي نه سگهن، جو مراقبه ۾ وهڻ ڪانپوءِ وهم ۽ اهي ڳالهيون اچي وسوسا وجهنديون. اوهين اهي سوليون ڳالهيون ڇڏي ڏکيون ڳالهيون قبول ڪريو.

ٻيو، مونکي سائينجن ذڪر ڏنيو، پر مونکان وسري ويو. ٻئي پيري جڏهن ويس تہ هڪ ڏينهن فرمايائون تہ بدنو ڪٽي ٻاهر هل. ٻاهر هلي چيائون تہ اسانکي ريلي يا ڪاڪوس جو خيال ڪونہ هو، توکان ذڪر وسري ويو آهي سو ويهہ تہ توکي وري سمجهايون. مونٽي جاءِ تي آياسين تہ مونکي خيال آيو تہ فقط انهيءَ اکر ڪين ايڏيءَ حد تي رسايو آهي! اتيئي پاڻ مون ڏانهن نهاري فرمايائون تہ نينگر سڀ پير پيغمبر اولياو انهي نالي رب جي پٺي نوازيا آهن!

چوٿون مون توکي پنهنجو ڪري خلقيو آهي. چوٿون نہ نڪو مون توکان پري آهيان. چوٿون تہ تون مونکي پنهنجو ڪر. رب رحيم ڪريم آهي. گهري وٺو. جي نہ ملي تہ ماڻهو ڇو گهرن! جنهن دل کي طلب هوندي آهي اها گهرندي آهي. رب جي رحم ڏانهن اُميدوار ٿجي. اول نالو الله. الله جو نالو نهال ڪندو. رب ڏانهن سٽائي آهي تہ سڀ ڏانهن سٽائي آهي.

اوهان لکيو آهي تہ ڪري ڪل ٿي پاڻ تو ۽ ادم بہ پاڻ ڪرايو آهيس. وري تعليم بہ سڀ شي ٿي گهري ۽ محنت بہ سڀ شي ٿي گهري. وتايو فقير مست هو. چوندو پيو وجي تہ جيڪي ڪري سو الله. اوچتو ڇوڪر هنيس پٿر تہ پنيءَ ۾ زور سان ڌڪ لڳس. پٺتي ڏسي ڇوڪر ڏٺي، بيهي رهيو. ڇوڪر وري

جواب ڏنس ته جيڪي ڪري سو الله! ته وري وڻائي فقير چيو ته جيڪي ڪندو سو الله ڪندو سو برابر آهي. مگر ڪي ته قيامت پنهنجي ٻه وڃائين ٿا! ٻچو، دشمن ۽ دوست ٻئي گڏيل اٿس. رب جي حڪم ڪانسواءِ ته پن به نٿو چري. پوءِ جي دشمني رايو پوي ته فڪر ڪري، ڪين ٻرو ڪم ڪري وهي؟ فڪر ڪري.

هڪ قاضي هو پر وڏو درويش هو. هڪ ڏينهن مون وٽ آيو ۽ ڳالهه ڪيائين ته هڪ دفعي ذڪر ٻيهي ويو. پٽڪو ۽ چولو لاهي اچي بازار مان لنگهيس. جهنگ ۾ وڃي ڪائيچ ٻه لاٿيم ۽ وري به اچي بازار مان لنگهيس. ماڻهن چريو چريو ڪري اچي ورتو جي قاضي چريو ٿيو آهي. بس! نفس ڦڪو ٿيو ته ذڪر ڪاي پيو.

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot

Scanned by CamScanner

وحدت.

ماڻهو وڻجارو وحدت جو آهي. وحدت هيڪڙائيءَ کي چئبو آهي. هيءُ موڪليل بندو آهي. هيءُ انسان الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي، هيءُ وڻجاروئي وحدت جو آهي. انسان ڪري چئجي جو وحدت سان هجي. حياتيءَ جو خزانو سرڪار ڏنو آهيس ڪاڻ وحدت جي. وحدت جو دڪان ڪٿي آهي؟ هي وجود وحدت جو دڪان آهي، ڪنهن سنيارو ڪنهن نه سنيارو. هيءُ اٽڻ آهي. گوڏا ٻئي مُونا آهن، پاسريون ٽاڙيون آهن، ڪن چموٽيون آهن، تار خيال آهي.

چرخو چندن عاج جو، ويهي اٽڻ ڪت.

سنهون ڪتڻ نه اچي نه رنڊا روڙجن نه ته تار نه ٽوڙجي، جي ڇڄي نه وري ڳنڍجي.

ڪت گهڻو، گهم ٿورو، ٻاهر ٻانهن نه لوڙ، ٽاچي نيندو آن توڙ، ٽندون ٽندون ڪري جوڙ، متان سڌ پوئي صراف کي.

ٽاچي آهي اٽڻي ويهڻي، اها ٻه چڱي ڪجي.

ڪتيو ڪتيندينءَ ڪيترو، وڃي ڪر سوداگر يار.

سوداگر ٻه مرشد کي چوندا آهن. اهو ئي سودا پيو ٿو ڪري. وحدت جي دڪان تي سڄ لهي ٿو وڃيس. بس منهنجو فرمان اهو اٿو ته وحدت نه ڇڏيو. هرگهڙيءَ وحدت سان رهو. وحدت منجهه ٻه دم ٿو نيٺي وڃهي.

وحدت جو دڪان اهو وجود آهي. اولياءَ انبيا هرڪوئي پاڻمان راضي ٿيندو ويو آهي. سيٺي نالي رب جي پٺي نوازيا

آهن. خيالات ٻي ڇڏي خيال رکبو تڏهن انهيءَ ٻوليءَ مان واقف ٿبو. خيال عجب چيز آهي، خيال خدائي.

وڃن ٿيون وجود ۾ ريءَ تنبيءَ تارون.

جڏهن وحدت ڇڏي ٿو تہ زمانو ڪثرت آهي، اهو هنڪي ڪبيو ٿو وڃي. ڪثرت ڇڏي وحدت ۾ پئبو آهي. اوهان وحدت ڇڏي وري ڪثرت ۾ گهڙيا آهيو. اڪبر ڇڏي وڃي اصغر ۾ ٿيا آهيو. اهي سڀ رايا نفساني آهن. گهڻو وحدت سان رهو. ڪيترو فنا ۾ رهبو! ڪثرت ڇڏي وحدت کي وٺو، جو ڪثرت ۾ ويهي نہ سگهبو. وٺو وحدت کي. وحدت کانسواءِ ڪثرت ڪٽي ويندي. سنيرندي سڄ لهي ويندو. اهو سنيرڻ بہ سَتَ آهي.

ٻيائيءَ جي ملڪ مان بہ هيڪڙائي ڪيندس. هيڪڙائي وحدت کي چوندا آهن. ماڻهوءَ کي آهيئي سمجهہ جي مار. گهٽائيءَ ۾ پيئي هڪ نقطہ نہ وسارجي. سڄي علم ۾ دڙڪارئي هڪ نقطہ جي آهي. اُتاهون اِنسان مالڪ سائينءَ سان اقرار ڪري هليو آهي تہ توکي نہ وساريندس. سو

اقرار نہ ڦيرائڻ، آهي مردن جي شان ۾.
پيرمغان ايوين فرمايا، وحدت والا راه بتايا.

ٻيو زماني جي اجاين غوطن مان ڇا ٿيندو! پوءِ بہ جيڪي رب ڪندو اهو ٿيندو. رات ڏينهن وحدت ۾ هججي، دل وحدت ڏي وڃي ٻيو زمانو تہ هرڪوئي ڇڏيندو ٿو وڃي. جن وحدت وساري سي اڳيئون هلي انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا ٿيا. وحدت سان رهو. وحدت سڀ سيکاريندي س. هي ڪثرت جو جهان آهي، ان مان وحدت ڪڍنديس، جڻ رات مان ڏينهن ٿي ايندو. ڪي وري وحدت مان ڪثرت ۾ وڃيو پون، يعني ڏينهن مان رات ۾.

Scanned by CamScanner

هي جهان دنيا جو آهي. دنيا ۾ رڳو غم آهي. اونده مان سچ روشن ٿيندو آهي. اوهان لکيو آهي ته زماني جي لهرن مان نڪري نِتا سگهون. انهن لهرن مان وحدت ڪيئن ڏسون. اها وحدت واري هوا، ڪٿان ڏسي ٿي اِها. وحدت کانسواءِ ڪثرت ڪٿي ڏسنديس.

درياهه جي ڪپ تي وڃي ڏيهو. پڇجي ڇا آهي؟ ڇي درياهه. وٺو پيري پڇجي ته ڇا آهي؟ ڇي پاڻي. پوءِ وري وٺي درياهه ۾ وجهي پڇجي ته ڇا آهي؟ ڇي پاڻي. پوءِ وري وٺي وارو پاڻي درياهه ۾ وجهي پڇجي ته ڇا آهي؟ ڇي درياهه. تيئن هي اِنسان به هڪ قطرو آهي، سو بحر ۾ سمائڻو آهي.

هرڪوئي پنهنجي منصب سان آهي. اوهان پنهنجو منصب وڃايو هڪ الله سان. گهٽائي نه ٻڌو جو منجهي ٿو پوي ماڻهو. گهٽائي ته تارن ۾ به آهي پر درڪار هڪ سچ جي آهي. ٻنهي جهانن ۾ درڪار هڪ رب جي آهي.

وحدت جن وجود، ڪعبو ڪوڙيو تنين جو.
بيدل ڳل وحدت دي مڻ تون.
الف آندر ۾ ڪيو ڪاڙين،
حرف ڏاران هڪڙي پيو تان نه ٻڌن.

انهيءَ حرف هڪڙي سان محڪم رهو. "ب" پروڙڻ آهي بيو ڀساهي. "ب" اکر اچي "بي ادب"، "بي عقل" وغيره ۾. "ز" اکر لڙائي ڪرائيندڙ آهي، زن، زر ۽ زمين.

هڪڙن جي زمانو وحدت آهي. هدايتوند ڪم زماني جو، حلال وجه جو ڪن ٿا پر رهن وحدت ۾ ٿا. ڪم ڪريو پر رهو وحدت ۾. گهٽائيءَ ڏي ته ڪن به نه ڏيو. فقط هيڪڙائيءَ ڪي وڻيون بينا هجو.

صفات يعني اونده مان ذات ۾ ڪيئن وڃجي؟ وحدت

ويندي سِ صفات جا وصف ڦيرائيندي. سيڪار يندي سِ ٿي سڀ وحدت. سمجهه ۾ وحدت ڏيندي سِ. جي اڳيئون لاءِ سالڪي گهرين ٿو ته وٺ وحدت کي.

ڪتابن ۾ ته گهڻائي لکيل آهي. سو اوهان گهڻائيءَ کي ڇڏي هيڪڙائيءَ کي وٺو. جو ڪم ۾ هڪ رب ڪريم سان آهي، باقي ڪتاب ته سمجهائي وجهندا آهن. ڪتابن ۾ رکيون ڳالهيون آهن، سي ۾ چون ٿيون ته اثبات ڪر الله کي.

وحدت آهي محبت رب ڪريم جي، پوءِ جيڪو رکي. گهڻي علم ڪان گهڻو يقين پلو آهي. يار يقين جنهنجو آهي، ڪشش اها ڪڍنديس. پي راهه ٿي نه پڇائجي. ماڻهو آيوئي ايتري لاءِ آهي. سڀ خبرون وحدت مون پوندي سِ. پر ان طرف پوندو وڃي. پوءِ زال مڙس ٿائين ناهي، جنهنکي الله سائين پنهنجو ٿو ڪري. زالن مان الله سائين پيو ٿو مرد ڪري ۽ حيوانن مون ماڻهو ڪري. اهڙي رڱڻ چڙهي بيٺي آهي. هيءَ لڪ ٿي اهڙو آهي.

رب ٿو چوي ته مون جنهن مطلب تي توکي بيهاريو آهي، اهو ملطب تو ڇڏي ڏنو آهي. جنهن مطلب تي مون حيوانن کي بيهاريو آهي، حيوان ائين انهي مطلب تي بيٺا آهن. تون حيوانن کان ۾ پري آهين! مطلب وحدت کي ۽ وحدت هيڪڙائيءَ کي چوندا آهن.

جي پائيين جوڳي ٿيان ته رلي ڪٽي مَرْدُلْ.

رلي چوندا آهن وهمن کي. توهان ڪٽي وهم ويڙهيا آهن پاڻکي. اهي وهم وساريو، هاڻي ويڙهي وهو هيڪڙائيءَ جو هُل. ٻڻ ڪا يو وهمن کي. چڱيءَ طرح رب سان رهو پوءِ ڪريو انصاف اهو ته رب چڱو يا وهم چڱا. رب هادي هدايت وارو آهي ۽ وهم سڀ نفس جو رايو آهن.

وحدت دي درياہ اڇليا سر رهيا نا پير.

هتان بي سر بي پائي ٿي هلجي. اوهين مريد بہ بي سرن جا آهيو، اوهان ڏي صحبت بہ بي سرن جي ٿي موڪلجي. خود نہ ٿجي، بي خود ٿجي.

بي خودي دا باب، جوئي پڙهي سوئي هوش گنوائي.

الله سائين ڪائي ڇاٿو؟ خودي.

وڪڙ ڏيوئون ڏير، پر وڃائڻ ويسلا.

بازار ۾ آيو آهي يار پيارو. هاڻي هلو تہ اها بازار ڏسون. رڳو ڪنڌ ڦيراءِ تہ سڄڻ سامهون بيٺو آهي. ٻوڙي ٻوڙي ۾ شينهن آهي. گهٽ گهٽ ۾ لعل آيل آهي.

تن مڪہ، من مدينہ، دل ڪعبہ ڪر جاڻي،
رب رسول ڏونهين وچ بيٺي، نال يقين سڃاڻي،
تن من نال ڏيوين تون سجدا، لاشڪ شِرڪُ نہ آڻي،
حج حضور هيَ اِتاهين ميان مراد، جي جاڻ سڪين تان جاڻي.

انهيءَ ڳالهہ ۾ شرڪ نہ آڻجي. اڄ انهي طرف جو خريدار ڪٿي آهي! ڪٿي ٽڪي ٽي باهڙي.

ڪشمير ڏي وڃڻ جو ڪو ضرور نہ ڪونہ آهي. وحدت ۾ ڀلي وڃ.

وحدت جن وجود، ڪعبہ ڪوڏيو تنجو.

اهو وڃڻ ئي چڱو آهي. انهي وڃڻ ڏانهن عارفبازي آهي. بادشاهن تخت ڇڏي اها راند ڪئي.

طالب جو ڪم آهي تہ گهٽين ڳالهين ۾ نہ پوي.

ڳالهين گهر ڪاريا، ڇشن ڀڳا هڏ،
سي ڪيئن سڻن سڏ، ادبون عجيبن جا.

جهنگ اوري، جهوڪان پري، تنهان پراهون ڳوٺ،
قاريبارٺي ڪوٺ، اچا به آڳاهين ڇنجي.

عشق مذاق ناهي، نه باراٺي راند آهي. هي جهلجيٺي گهٽين ڳالهين کان ٿو. گهٽين ڳالهين منجهان دل وچي سوَدا ۾ پوندي آهي.

هڪڙي طالب طريقت دي، تون گهن حقيقت هڪا،
هڪڙي مردي مذهب ڪيتي، تون ڏي دوئي نون ڏڪا،
خوش خيرمحمد دين ڪفر وچ، عشق نهين رهندا لڪا.

هيءُ پند مردانو آهي، سٽن جو پند ناهي. بادشاهن پيٺ سان ڪاٺ جون مانيون پڌي، ته به پنهنجو الله اثبات ڪيو. بيو ته بندبيون سيراندي ۾ ڪري به پنهنجو الله اثبات ڪيائون. سو جڏهن گهٽائي وساري ڇڏبي تڏهن هيڪڙائيءَ ۾ اچبو. بيا خيالات ته ڪيترائي ٿا هت ڪريو مگر هڪ خيال به ته هت ڪريو! سواءِ الله جي بي سب خيالات آهي. جيڪر هلي پئو، پر موت وساري ڇڏيو اٿو ۽ بي خيالا ٿي پيا آهيو. سواءِ رب جي بيون ڳالهيون ڇو سڪجن! جاهل گمراه آهي سو ڇا ڄاڻن؟ راز ڏهون گمراه آهي.

اکران دي وچ جوئــي آڙيا،
عشق دي چاڙهي مول نه چڙهيا.

ڇو جو اکرن وارو هيڪڙائي ڇڏي وچي گهٽائيءَ ۾ پوندو آهي. سو گهٽائي گمراه ڪندڙ آهي. بيون سب ڳالهيون ڇڏي وحدت کي وٺو نه ته گهٽيون ڳالهيون سوَدا جاڳائيندي يون. اوهان پنهنجي جدائي سڃاڻيو. هيءَ علم عقل جي ڳالهه نه آهي. رب وساري سهنجايون ڳوليندا ٿا وٺو. هيڪڙائي ياد ڪريو جو گهٽائي آخر فنا آهي.

هڪ بادشاهه هو جنهن کي الله سائينءَ به چوڪر خدمت لاءِ

Scanned by CamScanner

ڏنا هئا. هڪ آهي وات ڇپو يعني جنهنجي وائيءَ ور پيا، جو وحدت جي ڳالهه ڪري هيڏهون جي ڳالهه نه ڪري. ٻيو آهي چالاڪ. چالاڪ ڪي وچ ۾ وهاريون وينا آهن ۽ سڀ سعدس چوائيءَ ۾ آهن. وات ڇپي دانهن ڪئي ته اسان ٻنهي کي غلام ڪري وٺي آيا آهيو. چالاڪ سان پيا ٿا ڳالهايو مون سان ڇو نٿا ڳالهايو؟ هنن چيو ته تنهنجو وات ڇپو آهي. ڇي مون ته نٿو ڏسان توهين ٿا ڇئو. هنن چيو ته هي چالاڪ ڏاڍيون چڱيون ڳالهيون ڪندو آهي. وات ڇپي چيو ته هيئنر چڱو ٿو چوي پر پوءِ سيني جي ٻانهن پڄائي پڇي ويندو. چالاڪ چيو ته هيءَ اصل مونتي ڪوڙ ٻڌندو آهي. وات ڇپي چيو ته مان اصل ڪوڙ ڪونه ٻڌندو آهيان. چالاڪ چيو ته توهين پڇوس ته سهين ته ڇا ٿو چوين وات ڇپا؟ هنن پڇيس ته تون ڇا ٿو چوين وات ڇپا؟ وات ڇپي چيو ته ڏينهن آهي ٿورو پند آهي گهڻو، حياتيءَ تي ڪهڙو ڀروسو آهي ۽ لکپڙه به اڃي ويئي آهي ته مرڻ کان اڳ مري آءِ. چالاڪ چيو ته ڏسو ته مرڻ کانسواءِ ٻي ڪا ڳالهه ڏسيو به ٿو. چالاڪ کنهن به درويش جي ڪچهريءَ ۾ اندر نه ايندو. لڄي پيو لڳندو. ٻاهر در تي ويٺو هوندو. رڳو ٻانهن پڄائي سيني جي، نڪتو هليو ويندو. جي اڃي ته ڦڪو پيو لڳي. وات ڇپو اُهو آهي جنهن جي وائيءَ ور پيا.

هڪڙو ماڻهو ڪنهن اولياءَ وٽ آيو. چيائينس ته توهين چئو ٿا ته الله آهي هڪڙو پر آهي جتي ڪٿي ۽ وسي به هرڪنهن ۾ ٿو. تنهنجي ثابتي؟ سڄ مٿي چڙهي آيو ته اولياءَ ڪجهه پاڻيون گهرائي پاڻيءَ سان ڀرائي رکايون ۽ ان ماڻهوءَ کي چيائون ته هاڻي ڏس ته ڪهڙيءَ پاٽ ۾ سڄ ڪونهي. ڀريان ڪڙيو پيو وهي ۽ واهه به پيو وهي. انهن ۾ به نظر هٽي اچ.

Ghulam Hussain Y. Abro
Govt: Elementary College

دم

دم پساهه مالڪ جا آهن ۽ معرفت جا موتي آهن. اهي اجايا نه وڃائجن. دم ساري جسم مان ٻريل اچي ۽ ٻريل وڃي. رمز پاڻ ۾ لڳل هجي. نالــي رب ڪريم جي ڪي ائين وٺي وڃجي جيئن وڻ ويڙهي وڻ کي وٺندي آهي، جيئن وري نام ڪان پاڻ ڇڏي نه سگهي. اصلي موتين جو پورهيو لڳي ته ٻيا پورهيا سڀ ڇڏي ڏجن. اهي ڏنڌا انهن ڪيا جن کي دل سان لڳي آئي. باقي عام کي ته هٿ سان لڳي آئي. هٿ ڪڏهن ٻرا ٿيا جڏهن دل سان لڳي آئي! جن ڪان صورت وسريل آهي ته اهو پند انهن جو ناهي. محبت پنهنجي رب جي دم سان رکو. جيئن دم خالي نه وڃي.

خيال رکين هڪو هڪ دم دا.

دم ٻيو اچي ٻيو وڃي، ڪم هاج ۾، اٿڻ وهڻ ۾، ڪائڻ پيئڻ ۾ دم سان هججي. پريت رکي، دم سان دوستي رکي. ٻيو کهڙو ڪم اوهانکي ڏسجي؟ دم اجايا نه وڃايو. الله سائينءَ جا ڏنل آهن، ٻيو ڪونه ڏيئي سگهندو. دم وڏي غنيمت آهي.

گذريءَ کي ڇڏي ڏيو، رهندا وڃن ٿا جيڪي دم، سي هٿ ڪريو، مور نه نه وڃايو. پياري ۾ پياري شي آهي ساهه. اها ته گهران پيئي وڃيئي وڃي.

جو دم حياتي هووي، رهِ يار نال آوي.

اهي دم آهن معرفت جا موتي ڪي ڪنهن سنڀاريو ڪنهن نـه سنڀاريو. جيڪي به دم سندس نام سان هلن ٿا اهي سجايا آهن؛ ٻيا نام وارا دم اجايا آهن. ڪنهن سڄاتا ڪنهن نه سڃاتا.

Scanned by CamScanner

پويان پساها آهن سي پنهنجي رب کي هاڻي ڏيو. هيئر پويان پوَن آهن، رب کانسواءِ اجايا ٽـا وڃايو. جيڪي به دم آهن سي هلايو نام الله جي سان. جنکي دم جو قدر پيو انهن مان اها ٻولي نڪتي ته برابر رات هڪ دم مونکان سواءِ نالي رب جي ڇٽي ويو. دم جڏهن ختم ٿيندا ته هڪ دم لاءِ به سگهندو. لک ڪروڙ ڏيندو ته به هڪ دم نه ملندس. سچ جيسين ٻيڻو آهي تيسين ڪڻ ڪونه ٿو نهار ٻس پر لٿي کانپوءِ قدر ٿو پوي.

ڏنل دم رب جا سي ماريندا ٽـا وڃو! اهي اهڙا دم آهن جو لکن ڪروڙن ۾ به هڪ نٿو ملي. اهي ٿو زيان ڪري ماڻهو. رڳو زيانخور به نه ٿجي. زيانخور چاڪي چوندا آهن؟ اهي زيان نه آهن جيڪي روز پيا ٽا ڪريو! جيڏا دم ٻنا رب جي اجايا پيا ٽا وڃايو! زيان ئي زيـان پيو ڪري ته زيانخور نه چئبو! اولياءَ هجي ڪامل، انکي ٻئي جهان ڏيو ته تون هڪ دم ڏي، هو نه ڏيندو جو هنجو دم الله جي نام سان آهي. هن جي دم دم ۾ الله سمايل آهي. هي ٻئي جهان الله جي مٽ تـہ نـہ آهن! جنين سڄاتو سي هڪ دمئي نٿا ڏين ٻنهي جهانن تي. پوءِ اهي دم ٽا وڃائجن پيا جو ٻنهي جهانن تي هڪ دم به نه ڏجي!

دم جي ڪاه ڪريو ۽ دم جـي سوٽ رکو،
دم دم ڌمال دم ڪي، ڪرني نه فراموش،
موسيٰ به ڪوه ڪهتا، رب ارني نه فراموش.

جڏهن سپ دم ماڻهو ڏيئي ٻيهندو، پوءِ قدر پوندو. دم دم تي سعيو هجي، پريو اڇي پريو وڃي. سعيو پلي هجي پوءِ جيڪو پڇي سگهي. وسان نه گهٽائجي. سعيو ڪجي جو اندر جا هٽ به سعيو چوريندو آهي.

چوای اندر جوئي ٻولي، سو ساڏو ساڻ گڙا هٿ چولي،
تنهن تان ويسان اواي گهولي.

ڪئون دم ڪئون سعيو. ٻندي تي آهي سعيو. سعيو ٻ انهن
کي ڪپي جنکي مليل آهي. جنهنجو هادي پنهنجو رب تو ٿئي،
ادم ۽ سعيو ٻ انهن ڪيو. دم ساڻ پريت رکجي. هي۽ رمز بازي
آهي. دم نہ وسارجي. جيئن هڪ دم ٻ ٻنا رب جي خالي نہ
وڃي اٿن پهرن ۾.

جو دم غافل سو دم ڪافر.

همت ڪريو. همت سعيي کي چوندا آهن. همت ادم کي
چئبو آهي. همت اها آهي جو نہ وسري نہ وسارجي. خيال
سان محبت گهڻي هجي. هي سارو جهان خود خيال آهي، زال
جو خيال پنهنجو، مڙس جو خيال پنهنجو. پيتي ڪانپوءِ خيال
بيخود ٿيندو آهي. اهو واپار جو اهڙي دستور آهي. جيڪا
ڳالهہ الله سائين۽ وس ۾ ڪري ڏني آهي انهي۽ ۾ نہ گهٽائجي.
جڻ ادم ۽ سعيو وس ڪري ڏنا اٿس. مجرو ٻ همت کي آهي.

سعيو ڪريو. رب ڪريم پيارو ڪريو يا پنهنجي جان پياري
ڪريو. اها واردات سر جي آهي. پوين گداهي ڪنهن جي ڪانہ
ڪئي آهي. طالب هرڪوئي پيئي تو پيو پر هرڪوئي طلب
سارؤ تو پيئي. جي سعيو ڪندو تہ رب ڪريم مهربان ٿيندس.
لاهي پاهي ٻ رڳو پيٽ واري پاسي بيهڻ اجايو آهي. هيئر
پاڙس پرين ويجهو آهي تڏهن تو سعيو ڪرائجي. همت سعيي
کي چوندا آهن. مرد ٻ همت سان آهي، مجرو ٻ همت کي
آهي، ليڪن جو ڪم آهي هتان سمجهي هلڻ، باقي مئي ڪانپوءِ
ڇا ٿيندو! هرڪنهن سعيو ڪيو آهي جو هي۽ سڌ سرڪار جو
اهڙو آهي جو محل ماڙيون ڇڏي هليا.

جن همت ڪئي اُن حق ڏٺو بيا نست نادانان.

جڻ اُن طرف ڏانهن همت ڪريو. سعيو هجي. بين ڪمن جو سعيو ڪريو تا تہ اهي ڪم پورا ٿي تا اچن. هيءَ بہ سعيو ڪريو جو سعئي سان هي ڪم بہ پورو ٿي تو اچي. هر حال هر گهڙيءَ سعيو هجي؛ سعيو ڪرڻ رب ڪريم جي طرف ڏي هرهڪ اِنسان جو فرض آهي. ڪم هاج پر بہ نہ وسري نہ وسارجي. سعيو اهوئي ڪجي.

حياتي ساعتڙي آهي. همت سان بينو هججي. مدد بہ همت سان آهي. نيت خدا سان ڪم پوڻو آهي. خاص خداوند آهي. حق پاڪ خداوند آهي. اوهان هڪ رب راضي ڪريو تہ پوءِ چوطرفيون مدد ون ملن.

پڙهيا آهيو پر مطلب سمجهوئي نتا. اوهان لکيو هو تہ جيڪي تقدير ۾ هوندو اهو ٿيندو، باقي ادم ڪرڻ اجايو آهي. اهو توهانجو چوڻ اجايو آهي. تقدير تي پارڻ اها عادت زالن جي آهي، مرد ادم ڪندو آهي. مرد تي ادم جو حڪم آهي تہ ادم ڪريو. پر نہ سڀ مرد مرد آهي، نہ سڀ زالان زالان آهن. ادم جڏي پراڀت تي بيهڻ اها بہ زال آهي. همت ادم ڪي بہ چئبو آهي. زالاڻي وصفن مان نڪري مرد ٿيءَ. جيڪي ادم جڏي وينا آهن اهي پنهنجون رليون آهن. مرد تي امر ادم جو ٿيل آهي. ادم ڪريو. جنهن ڪم تي ادم ڪري اٿبو تہ ڪم پورو ٿي ويندو آهي. ادم جڏي ويٺو هوندو تہ اهو ڪم ئي رلي ويندو. اهو ادم جڏڻ جو رايو توهانکي جنهن وڌو اهو دشمن آهي. اهو رايو ماري ٿو. ڪاملن جو دم دم تي ادم آهي. ادم مهرباني آهي. جي ادم هوندو تہ ڪم سان هوندو. جيڪڏهن ادم ئي نہ هوندو تہ بي ڪمو ٿيو وينو هوندو. موت

آهي وسريل، ماڻهو بيخوفو ٿيو ٿو پوي. بيخوفي ڪان ادم ٿي نہ سگهندو.

ڪريو يادگيرو موت جو، جو وڏي عبادت آهه،
جنين موت وساريو، واءِ تنين لاءِ واءِ.

يادگيرو بہ ادم ڪبو تہ ايندو. ادم نہ ڇڏيو. مرد ٿيو، زالون نہ ٿيو. رڳو ڇڙهي بيني آهي. زالن مان پيو تہ مرد ڪري، ڍڳن مٿون پيو ٿو ماڻهو ڪري، پر جن ادم ڪيو. نہ سڀ زال زال آهي نہ سڀ مرد مرد آهي. قدم قدم تي سعيو هجي جو آخر خدا سان ڪم پوڻو آهي. اڄ جي محنت سڀان ٿائين نہ رکجي. چرخي کي ڏور تاريڪ پيا نئين وجهو.

دم کي ڪماليت ونرايو. ٻيون ڳالهيون سگهٽيون تہ نہ آهن. امتحان ٿوهان جو تڏهن پڪو ٿيندو جڏهن پون ڪماليت وٺندو. جيڪي پون بنا رب جي ٿا وڃن اهي زواليت ۾ ٿا وڃن. حياتي ٿي زواليت ۾ وڃي. موت ڇڏيو اٿو وساري تڏهن ٿا پون وڃن بنا رب جي. دم سان پريت هوندي تہ دم ڪماليت وٺندو. ٿئون دم نئون خيال. سندس دم عطا ٿيل سي بہ وڃن ٿا. تار سان رهو. بي تاري اولادئي ڇڳي ناهي. دم جي ڪاهہ هجي. پوءِ جي ماڻهو منزل رسيو تہ لڪ ٿيو نہ تہ راهہ جو مرڻ بہ پلو آهہ. فقط سعيو هجي؛ دم دم جو سعيو وقت بوقت اوهان کي ڪبو آهي، باقي پيا ائين نہ ڪندا آهن. دم جي ڪاهہ هجي ۽ سونهون نظر مان نہ ڪڍجي. اها ڇگائي ڪنهن جي آهي؟ نيت هدايت پنهنجن کي ڪبي آهي. نہ وسري نہ وساريو. سهڻي جي اڳيئون سهڻا لڳو. جيڪي مرشد ڇيو آهي ان تي ويساهہ ڪجي تہ دم ڪماليت وٺي. اها خبر سڀ وحدت مان پوندي. جيئن آهستہ آهستہ وڌيڪ وهڪ ڪبي ۽ دم ڇڳيءَ طرح هلائبو ٿيئن دم بدن ۾ وهندو ويندو ۽ هڏن مان بہ آواز

نڪرندو. سو خيال سان پوتل رهجي. رمز پون سان گڏيل هجي، وسري وري ياد ڪجي.

پدڻ ڪندي پرينءَ ڏي جي مون ڪنن ڏيهن،
هوند مڌهڄي نيڌهن آپر لاوان لسديون.

دم سان پريت رکجي. اها ٿوري ڳالهه ناهي جو وڃڻ جو وارو به آيو آهي. اڃا ريل ڪانٽي مٿ ڪري ٿي، ماڻهو ايترو به نٿو ٻيهي. دم سان پريت هجي ۽ سونهون به نظر مان نه ڪڍجي. پريم به پڌهڄي دم سان رکجي، پيو رهبر به نظر منجهان نه ڪڍڻ کپي. دم جي ڪاهه ڪريو، دم خالي نه ڇڏيو ۽ سونهون نظر مان نه ڪڍو. ماڻ خالي نه پرجن، ماڻ ڀبيو اڇي ڀبيو وڃي. ماڻ دمن جو. فقير درويش انهي ڪي چئجي، رات جو جنهڄو پيٽ خالي هجي طعام کون، دم سيٺي نام سان ڀبيا اڇن، ڀبيا وڃن. نه خالي ٻنا رب جي.

اڪ دم هووڻ نال الله دي، بهتر ڪدون بادشاهي،
ڪيا جو مُلِڪ سليمان هويا، جڌهندا لشڪر لک سپاهي،
ديوان پريان امر وچ رهندي، جيهي آهي ٿيهي ناهي،
تنهين ڪدون به اڳي ميان سچل سائين، وچ ڏيندا هي دم اوگاهي،

کهٽيءَ واري سان به گهٽو نه ڳالهائجي. رهٽي واري سان پلي ڪري ڳالهائجي. پر صبر پلو آهي. پر صبر به خدا ڪارڻ ڪجي، متان دم اجايا وڃن. اجائي گهٽي ڳالهائڻ ۾ دم اجايا ٿا وڃن. گهٽي ڪِرِي مڙيوئي دمن جي ڪجي، جيئن دم اجايو نه وڃي سواءِ رب جي. اجائي اٿڻ وهڻ ڳان به ڪرِي ڪجي. اجايو گهمڻ ڪو چڱو آهي ڇا! اجائي وک ئِي چڱي ناهي. ائين واندو ويسلو نه گهمجي، غافل نه ٿجي دم دم ئي هوشياري هجي. اهو ڪم

اهڙو آهي جو ٻهي جهانن ۾ سهڻو ڪندو، انهي ڪم سان لڳل هوندا تہ. توهانجي وٽي بہ مات ٿي. جيئن پوءِ تيئن دل تازي ٿيندي ويندي. ڪنهن ڏهون بہ ٻوڙا ٿيو. آدم بہ تڏهن آهي جڏهن دم سان آهي. جي دم سان ناهي تہ آدم ناهي، ڪا بي صورت آهي.

صبر سڪجي. جيڪو خواب ڏسو ٿا سو وري ٻين کي ڏسيو ٿا. صابرين ماڻهوءَ جي دل ڳوڙهي رنگ جيان رچندي آهي. اهو نالو رب جو جيڪو پيهنجي اندر ۾ وهائيندو، انهي کي قسمين قسمين خواب ٿيندا. عام سان ڳالهہ نہ ڪوابي آهي، ڇهليو پاڻڪي. توهانجي دل دانهن کان نٿي رهي. جيڪو خواب خيال جي ڳالهہ ظاهر ٻين سان ڪندو، انهي کي ايمان جاڳندي ويوم نہ ٿيندي.

مات ڪرم ڪُيي.

صبر سڪجي، رب ڪريم کي سڀ سٽر معلوم آهي، توڙي ماڻهو مات ڪٽي هجي. صبر عجب آهي. هُت صبر بہ معلوم آهي. سٽر ڇٻو آهي صبر کي. هيءَ حال احوال بہ سڀ معلوم آهي. هي اچڻ وڃڻ بہ سڀ معلوم آهي. ڪجهريءَ ۾ ڪو ڳالهاءَ اهڙو آهي جو ڳالهہ ڪندي ماڻهو ڪافر ٿي ٿو وڃي. وري ڪا ڳالهہ اهڙي آهي جو ڳالهہ ڪندي رب پيو راضي ٿيندو. آها بہ ڳالهہ، هوءَ بہ ڳالهہ.

چي ياد ڪر نہ تہ پوءِ ياد ڪندين.

اڇو ٿيو آهين ٻر اندر اڇوئي نہ ڪرين،
اڳين عادتن ڪان لڪ نٿو لاهين،
انهيءَ دغاجا دانهين، ٿيندءِ لڪ لطيف چوي.

پوءِ چا ڪجي؟ چي مات ڪجي.

مسان ڪر م چڙ ڪوجهو ڪهين م ڪهه،
منديون سنديون ڳالهڙيون تون سيني جون سهه،
ته تنهنجو گپ مان گڏهه، ٻوري سوڊو ٻاهر ٿئي.

پر اينترو به ڪو سهي نه! بارگير ٿئي، اهو سهندو جيڪو بارگير ٿيندو. پر وهت ئي بارگير پيو وٺندو. بارگير پلو آهي. پوءِ کهڙي صلاح آهي؟ سبحان الله، ويکيا درشن اتريا پاپ!

نتو قري قول بادشاهن جو. بادشاه اهو جنهن ”فز ڪروني از ڪرڪم“ چيو. چي تون گهر مونکي ته مان گهران توکي. جيڪو دم سان ٿو رهي سو رب سان گڏ آهي. سالڪ کي ٻئي جهان ڏي ته هو هڪ دم جو منصب نه ڏيندو جو هنجي دم دم ۾ رب سمايل آهي.

سا چون ٿا ته ٻه ملايڪ ڪلهن تي ويٺا آهن. هڪ چڱا ڪم پيو لکي ٻيو برا ڪم. جڏهن ڪو دم سان ٿو رهي ته الله سائين چڱن ڪمن لکڻ واري ملايڪ کي حڪم ٿو ڪري ته اهي تون نه لک. اهي تنهنجي لکڻ کان گهڻو مٿي آهن اهي مان لکندس. تڏهن ٿو چئجي ته

گهڙيءَ ۾ ته گهڻو، نه ته ٻه هڪ دم،
لهن ئي گوندر غم، محشر جا مراد چوي.

مون ته راڳ ڪونه ٻڌندو آهيان، ٻچو مان ٻوڙو آهيان. ٻچو اجايا دم ٿا وڃائجن. جڻ خدائي خيال ختم ٿو ڪري تڏهن ٻئي پاسي ٿو ٻڌي. ٻئي سان ڳالهائي ٿو، جڻ پنهنجو خيال ٻئي کي ٿو ڏئي. هي جو ڳالهائجي ٿو، ڪو ماڻهو ٿو ڳالهائي ڇا؟ اهو خيال ٿو ڳالهائي، نه ٻئي کي خيال ڏجي.

ساهيون ساهيون پڌ، سور پنڻ وڏو سندرو،
ڪيچ اڳاهون پڌ، متان ڇپر ۾ ڇڙي پوي.

اهو سندرو ٻڍڙو آهي. رڳو چوڻو ته سندرو ته ٻڍ. پڄڻ ته اڃا پري ٿيو.

قرآن شريف ۾ لکيل آهي ته کائو پيئو پلي، زيان نه ڪريو. ملن جي معنيٰ آهي ته کائو ماني ۽ ميوا، پيئو پاڻي ۽ خرچ اجايو نه ڪريو. انهي جي حقيقي معنيٰ آهي ته کائو خودي، پيئو شراب وحدت جو ۽ زيان نه ڪريو اجايا دم.

جنين ڪين ڏٺو سي ڪين ٿيا. ڪين ۾ موتي ٿيندا آهن. ڪين ۾ اهڙا موتي ٿيندا آهن جو شاهه سڪندر وٽ به نه هوا. سمنڊ به ڪين ۾ ٿو وهي جو بي انت آهي. ڪين هيڪڙائيءَ کي چئبو آهي. اهي دم جيڪي اچن ٿا تو منجهون، اهي معرفت جا موتي آهن. نه وڃايو اجايا دم. اهي دم موتي معرفت جا نه وڃايو. قدر پوندو جڏهن سڀ دم ڏيئي وينو پوءِ. سيڪو تعريف دم جي ڪندو ويو آهي. دم زنده هجي، دل ۾ دوست پڇائجي. وحدت منجهه به دم ٿو نيئي وڃهي.

نئون دم نئون خيال. خيال خدائيءَ کي ختم ڪري پوءِ ٿا ولو ڪم ڪي. ڪم ڪاڄ ۾ خيال خدائيءَ ۾ پوتل هجڻي، ٻيا ڪم سڀ ڇڏڻ وارا آهن. خيال خدائي ته پوءِ به ڇڏڻو نه آهي. ٻي ڪمون ماڻهو گهر ۾ به نٿو وٺي. درويش لوڪ ڳالهه الله سائينءَ جي ڪري؛ اوهين وري ڪريو پنهنجي بيماريءَ جي ڳالهه. اوهين رب وساري ٻيون ڳالهيون ٿا ياد ڪريو. دم دم تي سعيو هجي جو ماڻهو هلڻ وارو آهي. گوهي گاگن واري ڇڏ متان پوءِ هٿ هٽين!

جي ماڻڪ موتيءَ جو پورهيو هٿ لڳي ته ٻيا پورهيا ڇڏي ڏجن. راس سمنڊ آهي، جنهن ۾ ولجهه کونه ٿو لڳي. موتين

جو پورهيو بہ انهي سمنڊ ۾ آهي. جيڪو ساهي سنجهائيندو
انهيءَ رات ۾، اهو موتين جو پورهيو ڪندو، موتي معرفت جا.

هيڏي سڄ لهي هوڏي اڀري انهي وچ ۾ هڪ دم بہ خالي نہ وڃي.
مفتي منجهہ وهار تہ لهيئي ڪاڻ قاضيءَ جي.

پڇاڙوئي لهي وڃي.

هيءَ گهڻتي جيڪا دم جي لڳي پيئي ٿي اها چڙهائي آهي.
ٽيم پرجي ٿي وڃيس.

دو جڳہ اپنا جوئي گنوائي، سوئي منصب پاويگا.

ٻنهي جهانن ۾ هنجو ڇا آهي؟ ٻنهي جهانن ۾ هنجو ڪم
رڳو رب سان آهي. ٻئي جهان پلي جيڪي گهون انهکي ڏئي.
رڳو سندس راضي ڪپي، من سڃاڻي!

جيڪو دم قدم ئي نہ ڄاڻي، نال تنهيندي ڪم ڪيها!

تنهن سان ڪهڙو ڪم جيڪو پنهنجو دم ئي نٿو سڃاڻي!
جنکي ساه ڪنئين سڌ نہ پوي تن سان سوُر ويهي ڪهڙو سلجي!
انهن جون وري ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن. اجايو ڳالهائڻ آهي،
جنکي پنهنجي ساه جي ئي خبر ناهي، جنکي پنهنجي دم جي
خبر ڪانهي!

دم آهي پکي نعيڙو، نہ پير، نہ ڇهب، نہ پر، ڪائي موٽي.
دم ساٿو آهي. روح بہ ساٿو آهي. انکري ساول وٺي ٿي.

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot.

Scanned by CamScanner

رب جو يادگيرو

رب جو يادگيرو سڀ ڪنهن جي مٿان فرض آهي. رب ڪريم جو يادگيرو نه وساريو. يادگيري کان فراموش نه ٿيڻ گهرجي. يادگيرو آهي ته ماڻهو جڻ ميلاپ ۾ آهي. دل جيئري به يادگيرو رکندو آهي. هوندي به يادگيرو هميشه چڱو آهي. ياد وارو ياد ۾ آهي. اوهين ڳالهائيندا آهيو، اها تعريف رب جي اوهان کان ڪير ٿو ڪرائي! اوهين ته اڳي گونگا ٻاتا هئا انهي طرف ڏانهن! اوهانکي انهي ڳالهائي ڪنهن وڌو آهي! تعريف وينا ٿا ڪريو هڪ الله جي پي مرشد جي، اهو چڱو آهي. مالڪ جي يادگيري ۾ مرڻ به عجب آهي. ماڻهو وڃي ته هوندي ٿي ٿو، رب رب ڪندو هلجي. پنهنجي مالڪ سائينءَ کي پاڻ سان دائم قائم سمجهڻ گهرجي.

ڪيچي ڪهندا ويا چوندا ويا ته ونجو وات وندر جي.

اِنسان کي رب پيدا ڪيو آهي پنهنجي يادگيري واسطي. يادگيرو به اِنسان لاءِ آهي، ٻي ته اج ڪلهه حيواني گهڻي آهي. رب ڪريم شل ڪنهن کي اِنسان ڪري ماري ته چڱو آهي. اُنهي پنهنجي وطن جو به يادگيرو ڪجي جو آخر انهي وطن ڏي هلڻو آهي. ٻيهي نه رهو جو ٻيهي نه سگهبو. هيئنر هلڻ چڱو آهي. اچا الائي ڪهڙا وقت ٻيهندا. رب بيپرواه آهي. ياد ڪريو نه ته پوءِ ياد ڪندوَ.

هيءَ ته هٿ وهاڻي ٿون آڳه ڪر اڳه جي.

جنهنکي الله سائين پنهنجو ڪندو آهي انهي کي يادگيرا به پنهنجا ڏيندو آهي. اهو ڀڳ عارفن جو آهي. دل کي

ڙنده ٻه مالڪ جو يادگيرو رکندو آهي. دل جيڪڏهن رکندو آهي يادگيرو رب جو. دشمن جو ته ڪم آهي راه مارڻ. اول کان اوهانکي يادگيرو رب جو ڏسيل آهي، جنهنجي نالي ورتي ئي لکيا ڏوهه لهي وڃن. بي عيب هڪ الله سائين آهي. ٻيو هرڪوئي گناهن سان ڀريل آهي. جهڙي تهڙي حال سان ٻه رب قبول ڪريو. سواء رب جي ٻي ڪهڙي آه وسڻن وچ تي! سواء رب جي ٻيو ڪهڙو تڪيه آه؟ وڃي ڪٿي وهامندي. هر حال ۾ ٻه طرف رب جي رهجي. اِنسان کي الله سائينءَ پيدا ڪيو آه خاص پنهنجي محبت ۽ پنهنجي يادگيري واسطي. سو سندس يادگيرو نه وساريو. فقط پنهنجي مالڪ کي مالڪ ڪري سمجهو. سيني ڪمن جي جوابداري انهي مالڪ تي آهي، باقي ٻندو اجايو ٿيو آهي. سندس يادگيري جا وقت هٿان نه وڃايو. مالڪ ٻيڏوهو آهي. اوهانکي اول کان چيل آهي ته مالڪ جو يادگيرو نه وساريو. آخر ٻيو سڀ فنا آهي. بقا فقط هڪ مالڪ جي نام کي آهي.

اڳيئون ٻه ڪامل ڪنبندا ويا آهن. رب جو يادگيرو رکڻ اها نيڪن جي عادت آهي. ڪم هاج ۾ پوتل هججي، وسري وري ياد ڪجي. رب ڪريم جي پنڌ ۾ ڪو به اعتراض نٿو جڳائي. اهي سڀ اعتراض ڇڏي اٿي پنڌ ڪريو. رب ڪريم جي پنڌ کان بس ڪرڻ جي باس ئي نه باسيو. انهي پنڌ جو قدر پوندو ۾ اڪ پوڻئي ڪانپوءِ. هميشه صحبت ٻڌي اٿو ڪجهه گهٽي ٿنهن ۾ ڀاپي پيا آهيو. ڪاريل آهيو منهنجي هٿ جا. مرشدن تي به پچاڻو ٻيهي ٿو نصيحت ۽ هدايت جو. آيوئي ماڻهو ڪنهن هدايت لاء آهي. انهي هلڻ ڏانهن اعتراض ڪهڙا ٿا ڏيو! ڪاٿي چوي ته مونکي ڪُڪ ۾ سور آهي، ڪاٿي چوي ته مونکي ريزش ٿي پيئي آهي، ڪاٿي چوي ته منهنجو خيال پورو نٿو هلي،

ڪاٿي چوي ته مان ويهي نٿي سگهان! جتان خط اچن ٿا سڀ ائين پيا لکن. مون ته هوند توهانجي گهڻي ڪهل ڪريان پر رب جي بيپرواهين جي اوهانکي خبر ناهي! رب جون پلڪاران اهڙيون انسان تي آهن جيئن درياه ۾ ڇولون پيئون اچن!

اسان وٽ هت رکيل آهن سورن جا سامان. توهانکي ڪنهن چيو ته اهڙن دردمندن سان گڏجو! هاڻي جي گڏيا آهيو ته پلي ڪري اچو، وڪ وڌائيندا هلو. مان ته توهانکي سڏيندو ٿو وڃان. رنن جهڙا مڙس آهيو، اوهان کان زال به چڱي. نيث پنڌ ڪندي جند ڇٽندس. اوهين رڳو زماني جي لُڏبُڏ ۾ آهيو سدا ٿي رب ياد ڪريو. منهنجي اچڻ وڃڻ جي ڪا اوهانکي خبر ڪانهي ته آءٌ ڪو آيل آهيان بمبئيءَ ۾. هيڏي هوڏي نه نهاريو.

اهو واپار حياتيءَ جي خراني مان ڪري ونو. غفلت ڇڏي ڏيو رب جي پنڌ ڏانهن، هيءَ به هڪ لڪ آهي، اڃا به لڪ لنگهڻا آهن.

ڇي لکن جا لوڙا شل ٿاب پونئي سسئي.

رب رب ڪندا هلو، هيڏي هوڏي نه ڏسو سواء رب جي.

ڪيڏڻ ڏي ڏن چار

چار ڏينهن لنگهي ويا، رهندا به وڃن ٿا. هن زماني جي راند ۾ رهلي (لاري) سارو جهان جهلي وڌو آهي. ريس نه ڪريو ڪنهن سان، اوهين هلڻ پنهنجو سکو.

ياد گيرو پنهنجي رب جو هرڪنهن تي فرض آهي. ٽيم حياتيءَ جو پريو ٿو وڃي. وڃي ٿي وهامندي، ڪنهن سنڀاريو ڪنهن نه سنڀاريو. نفعي نقصان جي خبر لهجي ٿي، پر بندگيءَ وقت بيخبر! پٺي جهان وساريں ته وسار پر هڪ رب ڪريم نه

Scanned by CamScanner

وسار. نيت خدا سان ڪم پوڙو آه، انهي مالڪ جي روبرو ٽيڙو آه. رڳو بيخوفو نہ ٿجي، پوتل هججي. يادگيري جو اوسيڙو ٿڌيءَ ڪوسيءَ بينو هجي.

ٿڌيءَ ڪوسيءَ ڪاه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداه، پوءِ پير نہ لهنديءَ پرينءَ جو.

چيل آهي ۽ هاڻ بہ چئجي ٿو تہ سندس يادگيرو ڪا ڇرڇي بازي ناهي. جڏڪي خبر پيئي تن دانهان ڪيون. ڇوائيءَ ۾ هوندوَ تہ خطا نہ ڏسندوَ. اهو توهان تي ڪم رکيل آهي رب جي يادگيري جو. هر هاج ۾ رب ڪريم نہ وساريو. رب جو يادگيرو فرض آهي ماڻهوءَ تي. يادگيرو پيو تہ دل کي سڌ تيو. نہ وسري نہ وسارجي، وسري تہ وري ياد ڪجي.

جو دم غافل سو دم ڪافر.

ڪيچي کهندا ويا، ڇوندا ويا، ونجو وات وندر جي.

رب جو يادگيرو فرض آهي، زال تي توڙي مرد تي. خدائي حال ڪانسواءِ ماڻهو بيحال آهي. مالڪ جي راضي تہ ٻئي جهان موچارا ڪري ڇڏي.

اهو چٽتو بينوئي بينو هجي. سالڪ سالڪ آهي ۽ بيخبر بيخبر آهي. بيخبرو انهيءَ کي چئبو آه، جيڪو رب ڏانهن بيخبرو آهي. جنهنکي رب پنهنجو ڪندو آهي، انهي کي يادگيرائي پنهنجا پيو ڏيندو آهي. جاڻ تہ الله سائينءَ هنکي پنهنجو ڪيو آهي. پر سڀ شي تعليم گهرندي آهي. جيئن هي علم ظاهر وارو تعليم گهرندو آهي، تيئن هو علم بہ تعليم ٿو گهري.

علم حق در علم صوفي گم شود،
اين سخن ڪي باور مردم شود.

صوفيءَ جو علم رڳي ذات حق جي آهي. صفات پاڻيهي ذات سان اچي گڏ ٿي. لاري صوفين جي سڀيئي لڱل آهن. اهو عجب لارو آهي. صوفين وٽ رڳو الله آهي. خريدار به هجي! جيئن هتي ماڻهوءَ کي پٽ ڇائو تيئن هُن طرف وري مرد ٿي آيو. جنهنڪي رب جو نالو وڻي ٿو، اهو پاڻ رب کي وڻي ٿو. اهو اڳيان وڻي ٿو. هتان نهي جڙي هلي اهو پلو آهه. مرد به هتان ٿي هلي.

ڪجهه وطن جو يادگيرو به ڪجي جو آخر وطن به هلڻو آهي. هيءُ وڏو سفر آهي. رمز پاڻ ۾ لڱل هجي.

ريل مڙيئي ريل، پر رمز تکي آهي ريل ڪان.

درجي بدرجي خيالات بدلي اچجي ۽ يادگيري رب جي سان هججي. ڪنير جي مٽي به جيئن ڪمائڻ ۾ ايندي ويندي تيئن ميلاپ ۾ ايندي ويندي. هيءُ به ميلاپ ۾ تڏهن ايندو جڏهن ڪمائيندو هلندو. هيءُ به مٽيءَ جي مٽ آهي نه! ٻئي جهان وسري وڃن ته وساري ڇڏيو پر هڪ رب نه وساريو. ملڻ نه ملڻ سائينءَ جي وس آهي.

بندا بيراڳي ڪر ڪا وطن ورڻ جي،
وطن جن وساريو حيف تنين کي هوءِ.

اوهان رب راضي ڪريو ته رب اوهانکي راضي ڪري. رب سائينءَ جي محبت نه ڇڏيو. رب ڪريم جي يادگيري کانسواءِ ٻيو سڀ فنا آهي. پوءِ فنا جي ڪهڙي تعريف ڪجي! تعريف به مالڪ جي جڳائيندڙ آهي ۽ انهي جي ڪجي. مجلس محبوب ريءَ ٻيو سڀ تقوا (اجائي هستي) آهي. فقط رب ڪريم نه وساريو ٻيو وڏين عبادتن کي ڇا ڪبو! رب جي مٽ ڪا به عبادت ڪانهي. درشاهن کي ڳالهه دل سان لڳي آئي ته ڪاٽ جون مانيون

پڙي رب گهرايائون. خدا جي خوف پڙرايون. خدا جو خوف وڏي عبادت آهه.

سچو طالب اهو چئبو آهي جيڪو سختيءَ ۾ به پنهنجو محبوب نه وساري. حياتيءَ جو ٽيم به پريو .ٿو وڃي. هاٿي هليا وڃن، اڏريا وڃن اُٺ. رب رب ڪندا هلو. ٻيو ڪهڙو پرجهلو آهي وڃڻي! ٻيو فنا ۾ ڪهڙا هٿ هٽيا!

بقا نالي رب جي کي آهي. اوهان پڇيو آهي ڪو سولو رستو بنا اعتراض. مالڪ جي طرف جيڪو رستو اوهانکي ٻتايل آهي اهڙو ٻيو ڪونهي. سو اهو رستو نه ڇڏيو.

جيسين ٿا جيئو، رڙهو پيا انهيءَ راهه ۾.
ٽُر مردان، پُر مردان - به مردان، جُهر مردان.

اوهان هر حاجت ۾ به مالڪ جو نام ياد ڪريو. دم سان پريت رکو. سڀني ڪمن ۾ وڏي ۾ وڏو ڪم اهو آهي ته رب نه وسري. اوهين انهي ڪم کي وٺو جنهن ڪم اوهانکي لائي ڇڏيو اٿئون. اوهانجي ڪمن جو الله ۽ فقير نگهبان آهي. وڏو ڪم اهو آهي تہ اثبات ڪريو الله کي. سوَ وراڪي ڳنڍ هڪ، هڪ الله نه وساريو. سندس نام وسريو ته ماڻهو بيراهه ٿيو.

جيٺار يس ئي سنيار، آءٌ ملي ڪنديس ڪوه!

يادگيرو دل کي پيو ته سڏ ٿيو. اوهانکي ڪشش به ڪجي ٿي ۽ سڏ به ڪجي ٿو پر سمجهو نٿا پيا. جيڪي به صحبتي آهيو انهن کي سڏ ٿيندو آهي.

هيڏي هوڏي جي پٽڪ ڇڏ، ويهي پنهنجو رب ڪريم ياد ڪر. هڪ ٿيءُ ته پوءِ ٻيائيءَ جي ملڪ مان نڪرنديئن. وٺي ڪانپوءِ جيئن وجود وسريل هجي ۽ محويت ۾ هجي. تسالو رب ڪريم جو ڳرو ٻج آهي. بدن به ملڪ آهي، سو پلي ڪري

لُڙڻ ۽ لُڙڻ ۾ ساماڻبو اچي. جيئڻ ٿورو آهي ۽ پيٽ گهڻو آهي. مرد ٿيءُ ته پوءِ معرفت جي ميدان ۾ اچين. معرفت ماڻهو اکر هڪ آهي. هيٺئين پويان پساهه آهن. نالي رب جي کي ائين وٺي وڃ جيئن پاڻ نه ڇڏي سگهي. اک جي محبت سڀ سان هجي. ٿڌيءَ ڪوسيءَ پورل هججي. انهي ڪم کي مرد ٿي وٺ جو ڏينهن ٿورو آهي. وري به مرد ٿي انهي ڪم کي وٺ. بوعلي قلندر جو چوڻ آهي ته مرد ٿي وٺ انهي ڪم کي، نه ته ڪڏڻن وانگي تاڙيون وڄائيندي سڄ لهي ويندءِ.

رب کانسواءِ ٻيو اوهانکي ڪهڙو ڪم ڏسجي! جي رب جي محبت سان آهن اهي مٿي به مون سان گڏ آهن. جيڪي هڪ راهه سان هلندڙ آهن اهي گڏ آهن، مٿي به جدا نه آهن. الله سائينءَ کانسواءِ ٻي ڪهڙي صلاح ڏيان؟ سواءِ رب جي ٻيو ڪهڙو يادگيرو رکجي! مالڪ سائينءَ جو يادگيرو دل کي جيئرو رکندو آهي. اهو خيال رب ڪريم جي طرف جو دائم دل تي ويٺو هجي. انسان کي رب ڪريم پنهنجو بندو ڪيو آهي، پر بندو به پنهنجي خالق مالڪ کي مالڪ ڪري ته ڏسي. سندس فرمان مبارڪ آهي ته بندي جي سيني ڪمن جي جوابداري مون تي آهي. فقط بندو مونکي نه وساري ۽ منهنجي محبت ڇڏي اونده ۾ اجايا هٿ نه ٻيو هڻي. سواءِ رب جي ٻيو اونده ۾ هٿ هڻڻا آهن. ٻيڙو ڪنو ڏٺي پٽائي. ٻي خيال نه ٿجي. خيال ڇوندا آهن رب جي يادگيري ڪي. ٻيا دليل آهن زماني جا. خيال سان رهجي.

يادگيري جو اوسيڙو ٿڌيءَ ڪوسيءَ ويٺو هجي. رب سائين نه وساريو، دم سڀيار ڀندا هلو. زماني جي گردش ۾ قابو ماڻهو به پلي پوندو آهي. هاڻي هلڻ ۾ دير ڪانهي. مون به توهانکي فقط رب ڪريم جي يادگيري جو چيو آهي. يادگيرو ڪندا ته

ياد ۾ ايندا ويندا. وسري ته وري ياد ڪجي. جڏهن ماڻهو سمجهي ته توهان پوءِ وري هٿ ٽو ڪري، جڻ خطا ٿو ڪري. رب ياد ڪريو، هر حال ۾ رب نه وساريو. ڪٿي به هجو ته پنهنجو رب نه وساريو جو پوءِ جدا نه رهندؤ.

چڱاين ۽ چڱن ڪمن مٿون الله سائين ۽ مرشد به راضي ٿو ٿئي. چڱي ۾ چڱو ڪم آهي الله سائينءَ جو يادگيرو ڪرڻ. ٻيا اعمال آهن سي سڀ اڳيئون هلي ڏسندا. تڏهن ٿو چئجي ته رب ڪريم جي محبت نه ڇڏيو. هرڪوئي پنهنجن اعمالن سان ٿو هلي. اوهين ٿا چئو ته اسين ڪجهه ڏسون. سڀ ڏسندؤ اعمالن سوڌو. اعمال هڪ رب قبول ڪيو بيٺا هجن.

لاڙو رب جو نيٺي ڏيکاري ٿو درد دوست جو.

سواءِ لاڙي رب ڪريم جي ٻيو ڪهڙو لاڙو آهي جو وٺجي! جي اهو لاڙو نه هجيئي ها ته تنهنجو اهو هوش ڪٿي هيو! پنهنجي رب جي پيش پيل هج. من سهاڳ جي رات ڪنهن وقت اچي ته وڃي! اڳيئون به سهاڳڻ تڏهن سڏبينءَ.

ڏينهن جو حلال وجه جو ڪم ڪجي، اڌ رات ڪانپوءِ رب گهرجي. هول حسيني مٿي ۾ وجهي لڙائي ڪجي. پڻ ڏانهن سست نه ٿجي. هرڻ جيڪڏهن هليو وڃي ته لوبڙيءَ جي ڏک ڪان هليو وڃي. جيڪڏهن ڪنڌ ڦيرائي ڏٺائين ته هو به لوبڙي آهي، ٺڪاءُ بندوق هڻندو. هليو وڃجي پوئتي نه نهارجي. بادشاه جي سلام تي جو ويندو سو جي هيڏي هوڏي ڏسندو ته ڇنبو نه پوري هوش سان نٿو وڃي. هلو ٻه ٽا، پر هيڏي هوڏي ڏسندا، پوري هوش سان نه. سرت هجي. مراقبي ۾ ويهجي ته سرت سان ويهجي. ڏک ڏک لسي لڳندو ته فراق جاڳندو، غم جاڳندو. سرت سان هججي. ڏينهن آهي ٿورو پڻ

آهي گھٽو. ٻرو نه ٿجي جو ٻرپيابان آهي، ڪوبہ ڪنهن جو ساٿي ڪونهي.

تنهنجي دوا آهي يادگيرو رب جو. ٻي ڪري آهي تنهنجي صبر جي. رب ياد ڪريو ته هلو. رب ياد ڪجي. فقير جي اولاد آهيو سو هر حال ۾ رب ڪريم نه وساريو. اوهان تي اهوئي فرض آهي جو مرڻ تائين به مالڪ جو يادگيرو نه ڇڏيو. منهنجي دل ۾ اهو يادگيرو رهندو آهي ته جيئن اوهان ڪان مالڪ نه وسري. اڃا وڌيڪ اوهانکي ڪانه ڪئي اٿم، ٻي نصيحت هدايت آخر مرشد تي حق آهي. فقير جي اولاد آهيو اوهين ته هوند شڪر ڪريو. ڪم هاج ۾ وڏو ڪم فرضي اهو آهي جيڪو توهان کي توهانجو بابو ٿو ڏسي، جيئن دليئون دوست نه وسري، جو هيءَ حياتي هڪڙي ساعتڙي آهي، پر اها به وهامندي پيئي وڃي. رب نه وساريو. انهي ڪم هاج ۾ وڏو ڪم خدائي ڪم آهي. انهن نوڪرين ۽ ٻين جي هٿن ۾ ماڻهو مري ويندو. غفلت پنهنجي رب ڏهون ڪرڻ اهو چڱو ڪم نه آهي. جي پنهنجي رب ۾ اميدوار ٿيو ته رب نه وساريو. جيڪو وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو. ٻانهي رسي ته به ٻانهي مسي، سائين رسي ته به ٻانهي مسي. خدائي امر ٻہ آهن. فقير جا طالب آهيو، انڪري ٿو چئجي جو نيت خدا سان ڪم پوڙو آهي. ٻيا پنهنجا مسڻ قبر سڀ جوابداريون هن تي آهن. ياد ڪري، اهي سڀ مٿي تي اٿس. ٻيو حلال وجه جا ڪم نبين به ڪيا آهن. اهي ٻلي ڪري، ڪري. پر واندو نه رهجي. اڪ به صورت ۾ لڳل هوئي جيئن ننڍو ٻار هجي. ننڍو ٻار مائٽ جي پويان هلندو آهي ۽ هيءَ به اولاد آهي نه! سونهون نظر مان نه ڪڍجي. جاڻ ماڻهو هيڪلو ٿيو.

اهو الله تو پند آهي. انهي ۾ غم ٻہ ٿيندا آهن ۽ مونجهه به ٿيندي آهي. اڃايا ڦرنا به ٿيندا آهن. اهو هر ڪنهن طالب کي

ائين ٿيندو آهي، نه به خيال ڪي هنيون ويندا آهن. غم ڪائيندو وڃجي. جيڪو غم ڪائي ٿو سو ظاهر به وٺي ٿو، باطن به وٺي ٿو. اٽڪلو ويساه آهي پنهنجي رب تي رکڻو. پند به وڏايو ۽ اعتقاد به وڏايو پنهنجي رب ڏانهن. اهو پند جو اهڙو آهي، ميران بائي ۽ کان بادشاهي ڇڏائي ڇڏيائين. مالڪ سائين ۽ جي پند هلڻ ۾ ڪو به اعتراض نٿو جڳائي، جو اهو خدائي پند اصل اهڙي قسم جو آهي.

پند ساروئي ڪيچ جو ٿو مٿي آه،
اهو پنهل پڇاء جو منزلان معاف ڪري.

هِت پنڌ بيحد، هُت پرين ۽ پرواه ناه. ڪا.

هيڏڙو گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ آيل آهي، اهو نه وساريو. پنهنجي مالڪ سائين ۽ جي طرف ڏي دل کي خبردار ڪجي ۽ خبردار رکجي. اونده ۾ ماڻهو ڪيترا همت هٽندو! جنهن دل ۾ هي هي نه آهي، نه اها دل غيرآباد آهي. رب جو ڇڻتو پيئو هجي.

هيَ هيَ جي نه هوءَ نه جيڪر جيءُ جلي وڃي!

جيڪر شرن وانگر دلاسا ڏاڍا ڏيانوَ پر اهو پند جو اهڙو آهي. ساپيان هلڻو آهي! جيئڻ ٿورو آهي پند گهڻو آهي. اها راه جيڪا ورتي الٽو اها راه نه ڇڏيو. آخر اها راه وڃي حضور مالڪن جو ڏيکاريندو. ٿوري جيئڻ لاءِ هي ۽ عمر سڳوري اجائي نه وڃائجي. رڳو زماني ۾ مخمور نه ٿجي.

حب دنيا، سر خطا.

ڏيهن ٿورو منزل ڏور.

ويهي ڪين وڃاءِ ٽوڪي وري به هلڻو پوندو انهي هوش ڏي.
ڏينهن ٿورو پند گهڻو، ٻوڙڻو اٿيئي ته ٻوڙ.
جنهن راهه ۾ پوندو ماڻ اها راهه جهليندي ڪيترو!

عمر سڳوري بيپرواهي نه وڃائجي، پند ڏانهن ويهي نه رهجي جو ويهي نه سگهبو. جا گهڙي وينو هججي ته ويني وڃائجي نه. اڳيئون به طالب حق جا وڃن ٿا، طالب دنيا جا نٿا وڃن. هيءُ هلندڙ قافلو آهي، ڪيت يقين جو پختو رکجي. آهي به يقين. ڪاهه نه وڌي ته اعتقاد وڌايو. چڪور پکيءَ وانگر

اپني لوڙ نباهه، اُسڪي اوڙ جاني.

الله سائينءَ جي پند ڪان ۽ طرف ڪان بي ڪما نه ٿيو. بي ڪمو انسان ماتا پتا ڪي به نٿو وڻي.

سلا اُهي جيڪي انگوُرئُون پلا.

جهڙي ٿهڙي حال سان به هلو. راهه جو مرڻ ئي چڱو آهي. پنهنجي رب جو طرف وٺيون بينو هججي. گذر جو ته هڪ پاسو آهي، ٻيا پاسا به نيٺ آهن. ماڻهو هلندڙ آهي، نيٺ اُها منزل ڏسبي. صبوح شام پند ۾ آهي. منزل به ٻاري آهي جو ڪامل ڪنبندا ويا. جيئن پوءِ ٿيئن منزل کي ويجهو پوندو ٿو وڃي. هيءُ هڪ وڏو سفر آهي. ماڻهو اڃي منزل کي ويجهو ٿيو آهي. ڪنهن سنيارو ڪنهن نه سنيارو. هيئنر 'ونحن اقرب' ويجهو آهي. هتي ڪجهه بس نه آهي. جيڪي آهي سو اڳتي آهي. هيءُ هلندڙ قافلو آهي. انهي ۾ غم به آهن ته بهاري به آهي. جڏهن الله به آهي ته پوءِ غم ڇو پيا ڪريو؟ هرڪو اُميدوار پنهنجي الله ۾ آهي.

ماندي ٿيءُ نه مارٿي جو الله به آهي.

ـــــ/ مٿان ٿي ماندي جو ويڇا اٿيئي وڃڻ وندر جا.

تاڪيد اها اٿو ته جهڙي تهڙي حال سان به هلو. هيءَ وڏو سفر آهي، ماڻهو اچي وطن کي ويجهو ٿيو آهي. پيو ته نه اجهو نه آسرو اڳتي آهي.

خدائي پنڌ ۾ غم گوندر به آهن. زماني جي بهاريءَ کان رب جي طرف جو غم به ڀلو آهي. انهي پنڌ ۾ غم گوندر کائيندا پيا هلو. منجهه ڏسي به رب ڪريم جو يادگيرو نه وسارجي، جو آهي منجهه ظلمات حياتي. ظلمات اونده کي چوندا آهن. هيءَ پنڌ نياز جو آهي، سڄ جو پنڌ آهي. اڃا ڏک انهي پنڌ جا اوهان ڏٺا نه آهن، رڳو ٻڌا اٿو. پيو جي ڏک نه پڄي ته هڪ رب نه وسارجي.

ڏيکاريس ٿي ڏکن، نيٺي گوندر گس پرينءَ جو،
سونهائي سورن، وڃي ڪٺي هيڪاندي هوت سين.

رب ياد ڪجي ساڻ خوشيءَ ۽ بهاريءَ جي. غم اچي ته کائيندو وڃجي.

غم کائڻ غم پيئڻ، غم جي ڪريو غِذا.

دليل ڇڏي ويهجي. خيال بهاري تڏهن ولندو جڏهن پنهنجو خيال وڃي هُن خيال سان گڏجي. ڄڻ ذات صفات گڏجي. گڏي ڏسجي پر درجه بدرجه.

ٽٻن پوءِ ٽٻي، آهي ٻي انت ۾.

اهو پنڌ سارو اِنسان کي مٿي تي آهي، پوءِ جيئري ڪري يا مٿي ڪري. ڪُريز ڏجيس ته پوءِ سگهندو. اها ڪريز شهبازن لاءِ آهي. ڪريز اِنهي لاءِ ڏجي ته جيئن پراڻا پر ڇڻن ۽ پوءِ نوان

پڻ ڇڻ. پڻ اهو سيکارڻ جو ته نه آهي. ڪجهه سمجهڻو آهي. اهو پڻ سگهڻ سان لاڳو نه آهي. ٻي سر تي هلجي. لاڳاپڻ واري سر جي طلب ٿا ڪن. پڻ ڪريو. توهين لاهي پاهي رڳو پيٽ تي ٻيهي رهيا آهيو. ٻار کي هوندو هڪ ٻيو وات ۾، ٻيو هٿ ۾ ته ٽئين لاءِ پيو واجهائيندو. هن اِنسان کي هڪ گرهه وات ۾، ٻيو هٿ ۾ ته ٽئين لاءِ پيو ڏسي. هرڪوئي پنهنجي اعمالن سان آهي. وڃي اُن جي دامن وٺجي.

خيال خدائيءَ کي مرد تي وٺجي جو اهو پڻ مردانو آهي. هيءَ پڻ پهلوانن جو آهي، ظاهر به پورا باطن به پورا. خيال سان به خيال رکجي، سڌڙيو نه ٿجي. سڌڙين جو ڪم نه آهي. پوتل هججي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي انهي لڙهيءَ ۾. ٻيراهي وک به چڱي ناهي، سو راه سان وک وڌائيندا هلو.

پڻ پراهون ۽ منزل ڏور.

هيءَ الڏنو پڻ آهي. توڪل ڪجي جو وڃڻو ضروري آهي. پنهنجي هيڪلائي ڏسي سونهون نظر مان نه ڪڍجي. ريس نه ڪجي ڪنهن سان. سونهون رهبر هميشه پڻ وارن ڪي نظر ۾ هجي. وانڊو نه رهجي نام ڪان، جو آخرين وقت آهي. انهي دردن جي دنبوري کي هاڻ وڄاءِ ٻوليءَ حق جي سان. اهو خاڪي خرقو آهي. خدائي پڻ ۾ تڪڙ نه ڪبي آهي. سڀ شي درجه بدرجه ٿيندي آهي مگر وک وڌندڙ هجي. عمر جو پڻ آهي تڪڙ نه ڪجي، درجه بدرجه.

راه کان ٻيراه نه ٿيو. راه جو مرڻ ئي ڀلو آهي. چڙهيا ته اوهين به گهوڙن تي وينا آهيو، پر جڏهن ته جڙ گهوڙن تي آهيو جو وقتي راه تي، وقتي ٻيراه ٿو هلي. لغام هٿ ۾ هجي. ڇڏائجي وڃي نه وري جهلجيس. آخر گهوڙو وهوَ ٿي ويندو ۽ پوءِ ته

راهه تي پيو هلندو. بيراهو ماڻهو چڱو ناهي. جيڪا راهه ورتل آتو انهيءَ ۾ قدم واڌاري ڪندا هلو. هر حال ۾ وک وڌايو، سعيو ڪريو. آخر خدا سان ڪم پوڻو آهه. خبردار پنهنجي رب سان ٺيو. مطلب ته اهو پند اهڙو آهه. ڀهريون ڏک آهن پوءِ باغ بهاري. انهي پند مان نه ورچجي. عام لاءِ ناهي. جنهينکي رب پنهنجو ٿو ڪري انهنکي غم گوندر طرف اُنهي جا پيا پوندا. پر الله ڏي ٻه وڃجي جو اهو وڃڻ سهڻو آهه.

هٿين پيرين مونڙين ڪاهج پر ڪاپار،
متان ڇوري ڇڏئين پرين جي پچار،
ٿولي سَنت سستي آهي لوچڻ جي لغار،
هوتن لڪ هزار، ٿون پاڙج ڪين پنهل سان.

ڪارين ۾ ڪار چڱي ڪورين جي، جو چجي ته وري ڳنڍين. هونءَ ٻه وسري ته وري ياد ڪجي، وسري ته وري ياد ڪجي. پوءِ رب ڪريم چوندو ته هن ٻه نه وساريو. اُهو جڻ وسريل ڪين ڇڏيو. ٻولين ۾ ٻولي چڱي ڪنهن جي؟ جتن جي. صبح ٿيندوئي ڪين ته سويلئي لڏ پلاڻ جون هڪلون ڪندا. ڇي اٿو يار اٿو، پلاڻيو. پوءِ ٻه هونگار ڀندا هلندا، پڇندا ويندا.

هرڪوئي موڪليل ٻندو آهي. ٻي ٽاري اولادئي چڱي ناهي. ٽار ٽن سان لائجي. اها ٿوري ڳالهه ڪانهي. الله سائين جنهن ٻندي کي پنهنجو ڪندو آهي انهي کي رايا ٻه پنهنجا وجهندو آهي. مڙيوئي ٽار ڳنڍيل هجي. رازق رب ڪريم آهي، جنهنجي دائم ديگ چڙهيل آهي، جيڪو هر شي کي پيو پهچائي. پالڻهار هر شي جو اهو مالڪ الملڪ آهي، باقي سڀ ٻهانو آهي. اُهو رب نه وساريو جو بخشيشن جو صاحب آهي. ياد ۾ ياد رهي.

هِت سچل سنيارا، هُت سنيار سچل جي.

راه جو هلڻ چڱو آهي. راه ور ٽيون وچ، هيڏانهن هوڏانهن ڇاڻو نهارين؟ بيپراهي وک به چڱي ناهي. جڏهن بيخوفو ٿيو آهين تڏهن ٿو وقت وڃائين ۽ تڏهن ٿو اِهي ڪم ڪرين. جا شي وڃي پيئي ٿي هٿن مان نڪرندي، انجو سعيو ڪجي. وينو آهي تڏهن به وڃي ٿو، ستو آهي تڏهن به وڃي ٿو.

ڪيچي ڪهندا ويا، چوندا ويا ته ولجو وات وندر جي.

چڻ راه ولجو اها جيڪا سنئين ٿي اچي. اها راه پهنجي رب ولرائي آهي جيڪا سنئين وات ٿي وڃي رب ڏي. اها وات چڱي آهي. ڪنهنکي رڳو بيپراهو چئبو ته ڪاوڙجي پوندو. ڇي بيپراها ماڻ ڪو ۽ هجي به بيپراهو ته به ڪاوڙجي پوندو. ڪنهن گي ڪٺي چؤ ته ڪين ٿيو آهين ته به ڪاوڙجي پوندو. ڪين ۾ وري موٽي اهڙا آهن جو شاه سڪندر وٽ به نه هوا ايترا. ڪين لٺو ٺٺي، جاڻي ٿو ته مان پيي آهيان.

اڄ جي محنت سپان ٽائين به نه رکجي. اڄ جهڙي مهل وري هٿ نه ايندي. درويشي پڻ ڏکيو آهي. ڳالهوَ ٿي خيال ڏنائين ته خدائي خيال کي خطرو آهي. هيءَ خدائي پڻ هڪ خيال جو ڪم آهي. هرڻ جنهنکي ڪٽوري دن ۾ هوندي آهي سو چرلدو پين سان آهي پر وهڪ الڳ هوندي اٿس. درويش لوڪن جو به اهو ڪم آهي ته تنهائيءَ ۾ وهي، حرف به هڪڙو بڌي پيو نه بڌي. جيڪو محبوبن جو چيل آهي اهو بڌي. اهو ڪاه وارن جو ڪم آهي. انٺي پهر يادگيرو اهو نبين جو ڪم آهي. ميران بائيءَ چيو آهي ته ڏينهن اٺيئي ٺورو، پڻ گهڻو، ٻوڙڻو اٺيئي ته ٻوڙ. ٺڪو به اهڙو وڃجي جو مرڻ کان اڳي وڃي جياڻي ڪٺجي.

گهڻي صحبت منجهائي وجهندي آهي. تون هڪ الله اٺباٺ

ڪر، رب جو يادگيرو رکجي. وجود وسري وڃي. وجود خود دليل آهي. پنهنجي دل ۾ دوست پڇائجي، دل وجان سان پيو رب ياد ڪجي. جهڙي تهڙي حال سان ۽ رب جي طرف پيل هججي. بندا ۽ رب جا آهيو. اثبات ڪريو پنهنجي الله کي. الله اثبات ڪرڻ آهي نبين جو نيهو. ماڻهو هت آيو ۽ اثبات ڪرڻ پنهنجي رب کي آهي.

ويهجي ۽ نہ، وڃجي ۽ نہ، رڳو لُڙُ مئون نڪرجي تہ ڇٽو پنهنجو الله ڏسجي. پنهنجو وڃڻ ۽ ياد ڪجي، پنهنجي هيڪلائي ۽ ڏسجي، پوءِ ڪيئن ويهي رهجي! هيٺئر پارس پرين ويجهو آهہ، دشمن ۽ گهر منجهہ آهہ، لڙائي ڪجي، جيئن اڳيئون فقير جو پت سڏين. دوست دشمن جو خيال ۾ رايو سمجهجي. دشمن راهہ ماريندڙ آهي.

ونيو وڃج وات، ڪنڌ نہ ڦيرج ڪاڏهين،
متان لوَنڍي سِر لپات لڳيئي شاهہ لطيف چوي.

اهي بيت نہ ڪري سمجهو. جي سمجهو تہ ساري ڳالهہ توهان جي ٿا ڪن. توهين پنهنجون ڳالهيون ٻڌي سڻي مات ڪري ويهي رهيا آهيو. ڪاهہ نہ وڌي سگهي تہ يقين وڌائجي. درجہ بدرجہ نڪرجي. انهي گهر مون. اڄ رات ڪانپوءِ مٿي ۾ هول (پهلواني ٽوپي) وجهجي، جو اڪبري لڙائي آهي. هيٺئر حياتيءَ جي سڄ بيني لڙائي ڪجي. ائين جاڻو تہ جيڪو توهانکي راهہ رب جي ڪون رنڊائي ٿو سو سڄڻ نہ آهي. سڄڻ اهو آهي جيڪو دل جيئري ٿو ڪري. دلاسو ۽ وڏو ڏي آهي. دلاسي تي پند ڏانهن بيهي وڃبو آهہ. جهڙي جان ٿا پياري رکو اهڙو الله پيارو رکو تہ جيڪر وڃي قبول پئو.

آهي اجهاڳہ اهو پند ڙي اديون.

هو جهڙو آهي صاحب، تهڙا اٿس اٿالا (سامان)، اچي ته وري ڳسيٽي ڪين.

رڳي عبادت جي رب کي پرواه آهي ڇا! نه ٻچو، نيت به هجي. نيتان ٿيون قبول پون. عادتون به مٽ ڪندو. وڃي ته ماڻهو ٿي پوندو ۽ اخلاق به ڦرندا ايندا. درجه بدرجه پوءِ ماڻهو ٿي پوندو. رڳو پنهنجن وصفن ماڻهوءَ کي مُنو آهي. ماڻهو ڳلا نيڪيءَ کان ڏجن ٿا، خدا کان نٿا ڏجن.

انهي رب جي پاسي جي اهل به چڱي آهي. جي عبادت نه پچيس ته چپ جو دڪان کولي وهي. ڳالهائڻ جي واندڪائي نه هجيس ۽ پوئلِ هجي. نڪو چور جو خوف نه ٻئي ڪنهن جو. چپ ۾ رهي. ڪو ڪارائيس ته ڪائي نه ته ائين ئي رهي. جنهنجو سچوئي آهي ان طرف پيل هجي. اهو به دڪان آهي. ٿورن ڏينهن ۾ پوءِ گهڻي آمدرفت ٿيندي، ڪو زال لاءِ ڪو ڏن لاءِ. پر ڪو دڪان به ته کولي! پوءِ دشمن کي گوڏي هيٺان ٻوڙيو وينو هجي.

لائي ترار "لا" جي ڪٽي خنجر کي مار،
ته سموري سرڪار مينگها ملندي ڀيءَ مات ۾.

"لا" جي ترار اها آهي جيڪا لوهانڪي هٿان ٻڌرائي اٿئون.

رب ڏانهن ڳاڳن واري کوهي نه ڪريو جو ساڀيان رب ڏانهن هلڻو آهه. پنهنجي رب ڏي ساڀيان ويساهه ڪريو. رمز وارو گهوڙوئي وڻندو آهي. رمز چٽبو آهه نور کي. جي رمز نه هوندي ته رڳو ڏڪ هلندو. ڦڦڙئي ڇتي ڇڏيندو. رمز ڪانسواءِ زمانو رڳو ڏک آهي، ٻيو ڇا آهي! وهندڙ پاڻي چڱو آهي. بيٺل پاڻي بانس ڪري ويندو آهي. هيءَ به پاڻيءَ جو پٽلو آهي، هلندو ته بانس نه ڪندو، پر جي بيٺو ته بانس ڪندو. اها آهي پاڻيءَ جي بيماري.

Scanned by CamScanner

اجهو آسرو پنهنجي الله سائينءَ جو وڏو جيڪو بخشيش جو صاحب آهي. ماتا جي پيٽ مان ڇا آندو هيوَ جو هت سڀ ڪجهه پيو ٿو کارائي! رب ڪريم لطف فضل جو صاحب آهي، جو جيڪڏهن لطف موڪلي يا فضل موڪلي ته وس وارو آهي جو انهيءَ وٽ ڪمي ڪانهي.

علم عقل جي جاءِ نه ڪائي.

فضل رحم جي جاءِ آهي، گهري وٺجي. چوي ٿو ته منهنجي رحم ڏانهن ٻي اُميد نه ٿيءِ، گهري وٺ. ماڻهو سمجهي ته ظاهر باطن خوش رهان ته پوءِ مالڪ سائينءَ کي راضي ڪجي. راض گهري وٺو پنهنجي رب کان جو هو بخشيش جو صاحب آهي. رازق، مالڪ، خالق رب آهي باقي پيو سڀ بهانو آهي. زمين آسمان جي وچ ۾ ٻئي ڪنهن جو حق ئي ڪونهي. هي مهمان آهي، سڀ سرڪار جو آهي. چڱا ڪم سيئي انهي مالڪ جي راضپي سان ٿين ٿا. الله سائينءَ جڏهن تنهنجي اُڄ بک به لاهي ڇڏي آهي تڏهن تون هاڻي رب راضي ڪر. ڪنهن کي جو موڪلجي ته وڃي مصري وٺي اچ، پر جي هو وڃي ڦٽڪي وٺي اچي ته ڪيئن وڻندو! انسان کي رب جي سرڪار حياتيءَ جو خزانو ڏيئي موڪليو آهي ته

وڃي وکر سو وهاءِ، جيڪو پئي پراڻو نه ٿئي.

اهو وکر آهي نالي رب جي جو ته وڃي رب جو يادگيرو ڪر. هيءُ وري ٻين اجاين ڪمن ۾ پيو آهي. نيت ته سرڪار جي روبرو به ٺيٺو آهي. پوءِ اڳيان ڪهڙي آبرو ملنديس!

جي ٻڌي جهان وسرن ته ڀلي وساري ڇڏي پر هڪ الله نه وساري.

يادگيرو هر جاءِ هر هنڌ ۽ هر وقت پنهنجي رب ڪريم جو رکو. ٽڪيو به پنهنجي مالڪ جو وٺو. توهين سچا الله جا

آهيو سو توهين بہ سچائي انهي طرف ڀيٽل رهو. پنهنجو الله پاڻ سان دائم قايم سمجهو. ڪهڙا سالڪ ماڻهو آهيو جو گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ وڃائي ويهي رهيا آهيو! ڏيئو ڪٺي هٿ تي ڪو سچ ڳولهو آهي ڇا! جڏهن رب پاڻ سان دائم قائم ڏسجي تڏهن ڇو ٿا ٻجو؟

ٻئي جهان وسارجن تہ ٻلي وسري وڃن پر هڪ الله نہ وسارجي. رب پنهنجي دل تان نہ وسارجي، ٻيو سارو جهان وساري ھلبو، محل ماڙين سميت. الله ياد ڪريو. زمانو ڪيترو ياد ڪبو! پاڻيءَ منجھ آهي مانداڻي، هرڪوئي ولوڙيندو ڇڏيندو ويو. پنهنجو وڃڻ بہ ياد ڪريو. ڪيترو اڳ اڳ ڪبو. ڪجھ پوئتي بہ نهاريو. مرڻو بہ ضرور آهي، شل پنهنجو ڪري ماري. جيئن رب ڪريم جي يادگيري ۾ مري وڃجي. عبادت جي هٿ ٻرواھہ ڪانهي پر امر ميٺو آهي. ڏس پوندو ٿو وڃي پر هي پيڊ انهن جا آهن جيڪي پيڊ پيا. هٿ ٿون ياد ڪندين تہ هٿ تنهنجو يادگيرو آهي. ڇڏڻ واريون شيون وٺو ٿا سنڀاريندا. سنڀارجي پنهنجي رب کي. عام ڪسان خيال کي ڇڏائجي. پوءِ جڏهن هيڪلو ٿيو پوءِ مدد سنڀاريندو. ٿون رب ڪريم جو يادگيرو سنڀار تہ ٿون بہ سنڀار ۾ اچين. خيال سان خبردار! اک پاڻ سان اٽڪاءِ. مردانو پيڊ آهي.

انهي پيڊ ۾ خشڪي بہ ٿيندي آهي. خشڪيون ٻن قسمن جون ٿينديون آهن. هڪ خشڪيءَ جي بيماري ٿيندي آهي. ٻي خشڪي اها جا پيڊ ۾ لڙائي ڪندي ٿئي. اُها خشڪي چڱي آهي جو غير کي جلائي ٿي.

جنهنجو ماڻهو ٻڌو آهي اُهو هيٺڙ ويجهو آهي. لڄ لڏ ھالي ٿي رکي تہ بہ هلو. هيءَ ڪنهنجي ترسڻ جي جاءِ ناهي. گھڙوئي ترسيو آهي باقي الائجي ڇا آهي! اهو هلڻ اهڙو آهي.

فقط هلوئي هلو پيا. جهڙي تهڙي حال سان ته به هلو. اهو پنڌ نبين ۽ اولياون جو آهي. اهو پنڌ مردن ۽ عارفن جو آهي. جيٺري ملياسون ته لک آهي نه ته به مري ته ملون! هتين پيرين هرڪوئي ٿو هلي

تون هل هيئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار.

اٿي رب جي پنڌ جي ڪريو. مٿي پير به هلو جو آيو ٽڪيئي ڪونه ٿو.

وک وڌائجي ته چڱو آهي نه ته اعتقاد وڌائجي. انهي پنڌ ۾ ڪاه هجي، ڪاه ڪـي وڌايـو. وک وڌائجي. ڪاه گهٽي جيڪڏهن نه پهچي ۽ نه وڌي ته يقين کي وڌايو. آهي به يقين. مذهبن کي ڇا ڪبو، يقين رکجي اهو پلو آهي. زماني جا ڪم انشا الله تعاليٰ پيا ٿيندا، اوهان پنهنجي ڪم سان هجو. پيا ڪم سب ڇڏڻ وارا آهن. هرڪوئي پنهنجي گهر جو ڪم ڪرڻ آيو آهي. جنهن کان پنهنجو گهرئي وسري ويو، انهي کي ماڻهو نه چئبو. ڪجهه ماڻهو ٿيو. معرفت ۾ ماڻهو اچي ٿانهر جي ٿان ۽ ٿو ٿئي.

Ghulam [illegible]
Lecturer
Govt: [illegible] College
of Education (Men) [illegible]

محبت

محبت هڪ مالڪ سان هجي جو محبوب ۽ مالڪ ڪي چوندا آهن. محبت رب ڪريم جي ڪانسواءِ ٻيو سڀ وسار. سواءِ سندس محبت جي ٻيو ڪجهه ڪونهي. محبت رب جيءَ ۾ رهو. محبت الله جي ڪون سواءِ اجايو وقت نه وڃائجي. سڀ وقت هٿئون پيا ٿا وڃن.

رڳو محبت آهي منهن ڪارو، سڃيڏنا ڪونه سنياري ٿو.

محبت ڪانسواءِ دل مردہ آهي. جيئن رب جي محبت ۾ پيو ايندو، تيئن اخلاف بہ مت ڪندا ويندا ۽ خلط ۽ ماڻهوءَ جا مت ڪندا ويندا. رب ڪريم جي محبت ۽ يادگيري ۾ گهڻو رهجي. سواءِ محبت رب جي ٻيو هتان مال ڪهڙو ماڻهو ڪڻي هلندو! سواءِ ذات حق جي ٻي وَسِنئن ڪانهي وچ تي. محبت مولاءِ جي عجب آهي. مخمور پنهنجي رب جي محبت ۾ ٿيڻ گهرجي. دنيا جي مخموري آخر فنا آهي. سواءِ رب جي محبت جي ٻي اجائي ٻڪ ٻڪ آهي.

وکر رکيل هوندو ته خريدار پيا ايندا. ماڻهن جي لش لش چا ڪبي! هڪ رب کي پنهنجو ڪجي. دم دم تي سعيو هجي، محبت رب جي رکجي. وڏي عبادت محبت مالڪ جي آهي. سواءِ محبت مالڪ جي ٻيو اجايو دم نه وڃائجن. رب جي محبت سان رهندا ته زماني جا غم بہ لهي ويندا. محبت رب جي نه ڇڏيو. پنهنجو اصل سنيار يو.

محبت سهڻي جي لڳو. جنهن جي محبت الله سائينءَ هڪ ڪئي آهي، اهي مٽي بہ گڏ آهن، جيئن جيئري آکهه گڏ هوندي آهي. محبت مالڪ ۾ جيڪي آهن، اهي مٽي بہ گڏ آهن؛ جدا نہ ٿيندا. اوهان بہ مالڪ جي محبت ۾ رهو. جيڪي

مالڪ جي محبت ۾ آهن، اهي جدا نہ آهن، مونسان گڏ آهن. رب ڪريم جي محبت کانسواء ٻيون سڀ محبتون زماني جون ڇڏيون آهن، ڇڏيندو بہ وڃي ٿو پيو. زماني جي محبت کان مالڪ جي محبت ڀلي آهي. زماني جي محبت ڏانءُ اچيو ٿي، باقي محبت مالڪ جي ڏانءُ نٿي اچيو! اوهان وڪر وهايو پر محبت رب ڪريم جو. باقي سڀ فنا آهي، سو فنا جي محبت ڪيتري ڪبي! آخر فنا فنا آهي. اصل پنهنجو ياد ڪريو، باقي نقل ۾ ڪيترو ٻيهڻو! جيئن وصال وڃي محبت رب جيءَ ۾ ٿئي.

ماڻهو مري ٿو وڃي پر محبت نٿي مري. محبت رب جي نہ ڇڏيو. اها نيت ئي ڀلي آهي، پنهنجي رب ڏي رکڻ جي.

محبتي ميڙي ڳوت ٻڌ جي هڪڙو،
لنين جي ويڙهي، هلي ايندو بادشاه.

ماڻهو محبت رب جيءَ ۾ گم هجي. محبت جو مرڻ بہ ڀلو آهي. محبت مالڪ جيءَ ۾ مرڻ عجب آهي ۽ ٻئي جهان موچارا ٿين ٿا. دانهون بہ محبت ڪرائينديون آهي. خبر اٿوَ تہ ٽائيم حياتيءَ جو پرجي آيو آهي؟ اوهان وٽ محبت ڪانهي. پاڻ سمجهايو جيئن محبت رب جيءَ ۾ رهو تہ رب نگهبان ٿئي. ايڪيتاليهون حصو هججي زماني ۾ چاليهہ حصا پنهنجي رب جي محبت ۾ هججي. مالڪ جي نام سان محبت رکجي جو آخر مالڪ سان ڪم پوڻو آهہ. اها محبت ڪو ڪو رکندو آهي، سالڪ رکندا آهن.

مالڪ جي محبت کانسواء عمر ٻيراهي ٿي وڃي. پنهنجي مالڪ جي محبت ۾ رهجي. هر حال هر هاج ۾ مالڪ جي محبت نہ ڇڏجي. گهر ۾ ڀلي ڪري مالڪ جي ٻولي هجي.

ڪو پورڙو يا گهٽ عقل وارو ماڻهو اچي تہ پاڻ ماڻهو ان لي کلون ٿا. پر اهي پاڻ کان چڱا آهن جو عقل ٿورو اٿن. هيءَ

سچي مارئي عقل تي آهي. هڪ ڪراچيءَ جي سکر ماڻهوءَ وڏي وڪيل کان پڇيو سين ته ٻڌو محبت الله جي چڱي يا دنيا جي؟ وڪيل جواب ڏنو ته قبلا سائين محبت الله جي چڱي. اسان ڇيس ته ٻڌو تون ڇڙيو آهين. وڪيل ويچارو ماٺ ڪري ويهي رهيو. تڏهن چيوسونس ته ٻڌو اڳيئون ڇريا انهن کي چوندا جيڪي سمجهيون وينا آهن پوءِ ٻه ٽتا هلن. سچي مارئي عقل وارن ۽ سمجھ وارن تي آهي.

محبت ظاهر جي ٻه عجب آهي، دل جيئري رکندڙ آهي. نه ته جيڪا شي اوهانکي مليل آهي اها سياڻو ته سهين! انهي کان وڌيڪ اوهانکي ٻي شي سمجهڻ ۾ اچي ته اُها مون ڏي لکي موڪليو. جيڪڏهن ظاهر باطن جي امن گهرو ته محبت رب جيءَ منجھه رهو. مون توهان کي ستيون ئي وڌيون آهن محبت رب جيءَ جون. ستي اوهانکي اهڙي وڏل آهي! مائٽ اولاد کي ڪوڙيون ستيون وجهندا آهن، سو اهڙي ستي ٻنهي جهانن ۾ نه ملندي، جيڪا اوهانکي پيل آهي.

هي زمانو اهڙو آهي جو رب جي محبت کان رنڍائي ٿو ڇڏي. جنجون سچيون دليون الله سائين ٿو ڪري، اهي هليا ٿا هلن.

سچا رکن ٿا سچائي، ناهي ڪم ڪچن جو.

ريءَ محبت آهي منهن ڪارو سچيڏنا ڪونه سنپارڻي ٿو.

صادق شاه سائين ٿو فرمائي ته

جي مونکان پڇن سپرين ته پرينت ڪهڙا پار،
مٺا موُر نه ڪن مٿي سر سينگار.

اجايون هيڏي هوڏي جون ڳالهيون دل ۾ نه رکو، هڪ ڳالهه

رکو. اها آهي محبت پنهنجي رب جي. ٻه زبانون ڳوهه رکندي آهي، توهين هڪ زبان رکو، هڪ پنهنجو الله قبول ڪريو. زماني ۾ واجبيءَ مناسبيءَ سان رهو. چاليهه حصا پنهنجي رب سان هجو باقي ايڪيتاليهون حصو زماني سان رهو. طلب دنيا جي ڇڏي طلب پنهنجي رب ڪريم جي رکو ته وٽي اچو پنهنجي رب ڪريم کي. زماني جي محبت مان ٻه پنهنجي رب جي محبت درجه بدرجه ڪڍي ويندي. سواءِ محبت رب جي ٻي باس ئي نه باسيو. ماڻهو هميشه گڏيل هجي. سواءِ رب جي جڻ ماڻهو جدا آهي. ظاهر باطن فقير کي پرٽل آهيو.

لارو رب جو نيڻن ڏيکاري ٿو در دوست جو.

رب جي طلب رکجي. پوءِ دوزخ بهشت سڀ انهي جي وس آهن. ماڻهو لاري لڳل هجي. ماڻهو ماڻهوءَ جي لاري لڳي ٿو ته ماڻهو ڪيتري ٿو ڪري انهي جي. پر جي ڪو رب جي لاري لڳي ته رب هنجي ڪندوئي ڪونه ڇا! قري نگهبان ٿو ٿئيس جيڪو سندس لاري ٿو لڳي. پوءِ

سي ڪيئن اجهامن مچ، جنجا سنياليندڙ سپرين.

ملي نه ملندياس، نه ته گهوري جند جتن تان.

مليو ته لک آهي نه ته ٻه قربانيءَ ۾ ته آيو. قربانيءَ جون ڪڪڙيون ئي قبول ڪري ٿو. سواءِ لاري رب ڪريم جي ٻيو ڪهڙو لارو آهي جو اهو ونجي! جي اهو لارو نه هجيوَ ها ته توهانجو اهو هوش ڪٿي هيو! پنهنجي رب جي پيش پيل هجو. من سهاڳڻ جي رات ڪنهن وقت اچي ٻه وڃي! اڳيئون ٻه سهاڳڻ تڏهن سڏ ٻينءَ. خط لکڻ جو رايو ڪونه ٿو پويو جو پريت ناهي. گهگير ٿي پيا آهيو انهي ڪري جو موت جو چرڪ ڪونه اٿو!

اِنسان جو شان آهي قرب سان. قرب ڇڏيائين ته جڻ شان وڃايائين. شان به قرب سان آهي. هي دليون به پنهنجون قرب گڏيون آهن. قرب سان آهي ته ماڻهو شان سان آهي.

انهي طرف جي رڳي سِڪ به عجب آهي. اهي ٻہ لک شڪرانا پنهنجي مالڪ جا جو اها سِڪ ڏنائين. جي ڪنهن ٻئي طرف جي سِڪ ڏئي ته به وس وارو آهي. اهي سڀ سندس مهربانيون آهن جو وري ٻہ پنهنجا يادگيرا ته ڏئي ٿو. جي ڪنهن ٻيءَ راند ۾ ريجهائي ڇڏي ته به وس وارو آهي. بس توهين رکو پنهنجو رب نہ وساريو.

عشق

عشق اسرار آهي. عشق الاهي آتش آهي جا ساري غير کي جلائي ٿي. عشق ماري وري جيئاريندو آهي. عشق عُقاب ِشتاب آهي، باز ن وانگي بکيو آهي. عشق چرچيبازي نہ آهي، مرداني راند آهي، عارفبازي آهي، اوليائن جي راند آهي. سائين شاه شهيد بادشاه جو بيت آهي تہ

عشق نہ آهــــي راند، جان جان کيڏن ڳيرو،
جيءَ جسي جند جان جي، پڇي حج هيڪاند،
سسي نيزي پــانــدِ، اڇل تـــ ادہ ٿئي.

مطلب تہ عشق آهي محبت رب جي. عشق ۾ فراق آهي، عشق ۾ گوندر آهن، عشق جي پنيان گلا آهي. اللہ توهيءَ ويساه آهي. کثرت هارائڻ جي جاء اها آهي. وري نہ اهڙو وارو ايندس. اها دل مرڻ جي نہ آهي جيڪا عشق جاڳائي. ديدار کانسواء بي دوا کانهي انهيءَ بيماريءَ جي. هيءَ دانهن سڀ جدائي ٿي ڪرائي. جنهن دل ۾ هي هي نہ آهي اها دل آباد ناهي. اهو پيٺ پتنگن جو آهي.

عاشقن ٿي اَندوہ سدائين معشوقن جو.
جي هجين عاشق تہ ميهن محبت جو وساء،
جي رکين سانگو سر جو تہ پيرو هن پڙ ۾ نہ پاء.

اها راه جيڪا ورتي اٿو، سو اهائي راه وڃي عشق جي بازار ۾ وڃهندي.

عشق عاتش بازي آهي. سسئي پنهون اهي جي ڳايا اٿن، اها اَڙ ڪئي اٿن. ڳالهہ مڙيائي پنهنجي لئا ڪن. بندوق جا ٺوبچي هٽندو سا اَڙ ناهي هٽندو. اهي اڙون ناهيون اٿن ڳالهہ

رڳي پنهنجي ٽا ڪن. هيءُ پيدائي عشق مان ٿيل آهي. پٽ
بنياد تي ويندي آهي. عشق ڪانسواءِ ماڻهو حيوان آهي.

عشق بلاشاه دا اوکا اٽاگا، ڪائي ريڻ نهين واندي.

سو حيوانـي خيال ڇڏي پنهنجو رب اثبات ڪريو جـو نيٺ پنهنجي رب سان ڪم پـوڻو آهي. جنڪي دل سان لڳي آئي سي دانهان ڪندا ويا. جنهين جي دل ۾ اُٺ ئي پهر الله آهي اهي بي فيضا نه آهن، باقي عشق ته اڃا اڳيرو آهي. ماڻهو هن جهان ۾ آيو به ڪنهن فيض جي واسطي آهي. اهو فيض آهي جو دانهون ڏو ڪرائي.

جنهن دل کي طلب هوندي آهي اها دل گهرندي آهي. هن ٽڙ جي اُڄ اهڙي آهي جـو پيٽي ئي نه لهي. جيئن ويڄهو پوندو ايندو تيئن چوندو ته چڻ مون ڪجهه به نه ڏنو. چڪور پکي آه چنڊ تي عاشق. چنڊ ۾ چارئي پهر اکيون وجهي بيٺو هوندو، نند نه هوندس. بيا پکي طعنا هڻندا اٿس ڏينهن جو، ته ساري رات حيران آهين، چنڊ توسان ڪڏهن ڳالهيو به؟ چي نه. تولاءِ ڪڏهن بيٺو به؟ چي نه. پوءِ تـون ڇا تي حيران ٿيو آهين؟ چڪور جواب ڏنو ته

اُپني تورڙ نباه، اُسڪي اوُ جاني.

هن لي به اهو حق آهي ته

ملي ته ملندياس نه ته گهوري جند جتن تان.

رب جي راه سان نباهڻ مشڪل بازي آهي. جهڙي تهڙي حال سان به هلڻ ڪبي. اولياءُ ڏو هڪڙو چوي ته توهانجو ارمان آهي اسان کـي جو گهر جو مالڪ گهر ۾ وساري ويهي رهيا آهيو. اولياءُ پيو ڏو ارمان ڪري. رب جو عشق گهري ونو، ملي ڏو. جي نه ملي ته ماڻهو ڇو گهرن!

هي جهان هڪڙو ميدان آهي، تنهن ۾ به جماعتون لنگهي

آيل آهن. نعدي عقل اچي اٿي ذڪر ڪيون آهي. غازين وري عشق جي تاڙي هڻيين، سر گوءِ رکيائون. اوهانکي انهيءَ راند ۾ چڙهيو اٿئون، عاشقن جي راند ۾. ٻاراڻي راند نه آهي. مرد ٿي وڃي انهي پٺ ڪي. عشق جي تاڙي لڳي ته سر گوءِ رکجي. زماني ۾ ته غم گهڻا آهن پر عشق جو غم آهي ٻيءَ طرح.

ڪافر ٿئي عشق ڌي. عقل ٻجي ٿو ته متان شينهن عشق جون جو نعب ۾ آهي سو اٿي پوي. جيڻ عقل گهڻو تيڻ مرشد لاءِ چيٽ. عشق اصل گهُر نٿو ڪري.

لوڪ لهوارو لڙهيو، هليا عاشق اوڀارا.

عاشق پنهنجي رب تي ٿجي. عاشق ٿي پئجي پنهنجي معشوق تي. عاشق ٻڪرا معشوق ڪاسائي، جڏهن ڪسڻ قبول ڪري! جن قبول ڪيو انهن جو حال ڏيرو آهي. سي ڏيرا آهن ۽ عاقل متارا آهن. ڏيرا ڪاساين ٻه نه قبوليا پر جيڪو فراق انهن ڏيرن ۾ آهي سو متارن ۾ ڪونهي!

قرب جي ڪاتي حياو سان ٿي کهي ۽ اِنسان کي خبر ئي نٿي پوي جيسين بلڪل ڪسجي وڃي. هڪڙا قرب جا ڪنل آهن، ٻيا لوه جي ڪاتين سان ڪنل آهن. عاشق معشوقن جا ڪنل آهن. ڪنلن مان دانهن نه ٿيندي آهي پر جيڪي ڪسندا ٻيا سي دانهن ڪندا.

معشوق پنهنجي رابي وارا آهن. پر عاشق وري معشوق کان پري هوندو ڇا! عاشق ۽ معشوق گڏيل آهن. هي سمجهه جو قيد آهي. معشوق اولائتو پيو رئندو عاشق کي سمجهه نه ڏيندو. عاشق ۽ معشوق ٻئي باحجاب رهندا آهن، گستاخ ٻاڻ ۾ نه ٿيندا آهن. عاشق معشوق کان جدا نه آهي. جيڪي حيران ٿي ٿا

پون ۾ ملي نٿا سگهن، ويجهائي اهي آهي. عاشق ۽ معشوق جو ملڻ ٿيندو آهي. سپنو نه آهي ساڀيان آهي.

جيڪڏهن عشق گهرين ته حرام ڪاءِ. جڏهن حرام ڪائيندين تڏهن حلال کي پهچندين. حرام جيستائين نه ڪائبو تيستائين حلال جي خبر نه پوندي. حرام آهي پنهنجو ماس،

خـــاص طعام لحم گفته مـــوسلان،
لحم خـــود گفته نــــه لحم ديگران.

ڪسندي حلال شي آهي. حلال کي حرام نه چئبو آهي. حلالين کي حلال ٿو ڪارائي، حرامين کي حرام ٿو ڪارائي.

سؤري ۽ سڪڻ ٻئي اڪر هڪڙو آهن.

هوءَ وهاري واڻن تي، هوءَ رئاري ضروري،
ٻنهي جي پوري، جيءَ ڏني ريءَ نه رهي.

ٿوکي اڇا نه واڻن تي وهاريو اٿس نڪو وري رئاريو اٿس. ٿون ته اڳيم پنهنجي ٽڪڻ جون ڳالهيون ٿو ٻڌائين. مٿي ٻر ٻه هل. پر جي مٿي ٻر نه هلي سگهين ته پاسي ٻر ٻه هل. ٻيو اهڙي صلاح جهان ۾ ڪونه ڏيندو.

پکي هڪڙو درياه جي اورينءَ ٻــر ۾ ٻيو وري پرينءَ ٻر. انهن مان هڪڙو ٻولي ڪندو آهي. انهي ٻوليءَ تي ٻئي پکي اڏامندا آهن پر ملي نه سگهندا آهن. وري ماريءَ ماري هڪ ڳوٺڙيءَ ۾ وڌا. پر ورتي مارڻ واري کي پيا دعائون ڪن تــه ٿو اسانجو ميلو ڪرايو آهي.

پکي جڏهن ٻئي هڪ ٻوليءَ ۾ هوا ته ماريءَ ٻه قصد ڪيو. پر انهن مان هڪ پکيءَ وري ٻوليءَ جــي مت ڪئي، تڏهن ماري ٻه قصد ڪٽي ڇڏيو. هاڻي وري جڏهن ٻئي پکي ساڳي ٻولي ڪن تڏهن ته ماري ٻه تيار ٿيندو.

Scanned by CamScanner

ٻيون ٻوليون سڀ وهم آهن اهي ڇڏي ڏيو، هڪ رب جي محبت ۾ رهو. دل مان شڪ ڪڍي حق سان رهو، فقط هڪ ٻوليءَ سان. رب راضي ڪريو ۽ رب جي امر سان رهو. پنهنجو پاڻکي سمجهائجي. رب ڇڏي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ماڻهو پيو ته ڇٽڪ ٻنڙ ۾ پيو.

ٻچو هي ڪير ٻه جيڪر ته پڇجي ۾ قبضي نٿي ڇڏي. ادهم سلطان بخاري جو بادشاه هو انهي کهڙا ڪير پيتا ۽ کهڙيون قبضيون ڏٺيس! نيڻ سندس وزير هو اهو ساڻس وزيري ڇڏي نڪتو ۽ گڏ هوس. انهي پنهنجي شعر ۾ چيو آهي ته سلطان طعام اهڙا کائيندو هو جو ديگڙا هميشه چڙهيا پيا هوندا هوا ته بادشاه الائي ڪيڏي مهل کاڌي جي طلب ڪري. سندس خوراڪ هروقت تازي هوندي هئي ۽ رات ڏينهن ٻور چيخانو تيار رهندو هو. انهي بادشاه کي اڄ ڪاٺ جي ماني بدل آهي. سلطان جي پوشاڪ درزي هميشه سبندا ئي سبندا پيا هئا. ڪپڙا اهڙا پهريندو هو جو پنج ڏڪا ڪپڙن جي تور هجي. اڄا ڪپڙو بدن تي پاتو ته لاهي وري ٻيا ڪندو هو. سو وري اڀائي مٽن جي گودڙي ڪنيائين. گهوڙن جي سواري ائين ڪندو هو جو ڏينهن ۾ ڪيترن ابلق گهوڙن تي سواري هوندي هيس. اهو جبل جي چوٽيءَ تي لانگ ورائي سوار ٿيو. اتي بت لڳو پيو هو. الله سائينءَ پنهنجي پياري لاءِ هرڻين کي حڪم ڪيو. اتي ڪٻڙا آهن اهي اچي انهن ۾ ڪير هاري ويندا هيون. ادهم سلطان پنهنجي نفس کي چوندو هو ته گهرج هجيئي ته پلي کاءُ پيءُ، هي ڪاٺ جي ماني اٿيئي ۽ هو ڪونڊا ڪير جا. موڪلي طلب ڪانهي، توکي آهي ته توڻ کاءُ. ظاهري بادشاه ۽ نازڪ بدن هو مگر عشق ته اهڙا ڪم ڪرائي ٿو پيو. باقي زمانو ته ٻاراڻي راند آهي؛ سو ميدان ۾ مرد ٿي مرداني راند ڪيڏڻ گهرجي.

Scanned by CamScanner

رب جو خوف

رب جي خوف کان بيخوفا نہ رهو جو ڪامل ڪنبندا ويا آهن. بيخوفائيءَ ۾ رب وسري ويندو آهي. خدائي خوف رکڻ جو اول آخر خدا سان ڪم پوندو آهي. جنهنجو خوف رکجي ورڻي اميد بہ انهي ۾ رکجي. جنهن مالڪ جو موڪليل بندو آهي، ورڻي بہ انهي سرڪار جي روبرو ٿيڻو آهي. هرڪوئي موڪليل بندو آهي، حياتيءَ جي خزاني سان.

اڄ ماڻهو گلا نيڪيءَ کان ڀڄن ٿا پر الله سائينءَ کان نٿا ڀڄن. خدا جو خوف وڏي عبادت آهي. بيپرواهي بہ انهي مالڪ کي جڳائي. جيڪڏهن اوهين سندس طرف کان بيپرواهي ڪندا تہ آسمان ڇپر تہ نہ ٿيندو! پر سيڪنهن کي آئي خبر پوندي. الله سائينءَ بہ پنهنجا امر واقف سڀ ڪنهن کي ڪري ڇڏيا آهن، مرشد بہ چئي رهيا آهن، ڪامل بہ ڪنبندا ويا آهن، تہ بہ توهين الائي ڇو بيخوفا ٿيا آهيو! بيخوفائي هرگز چڱي ناهي. اوهانکي مالڪ جي بيپرواهيءَ جي خبر ڪانهي تڏهن بيخوفا ٿيا آهيو. خدا جو خوف رکو ۽ پنهنجو مدايون بہ سنڀاريو.

هو دوست ڪهائي دادلا ٿو محب مارائي،
خاص خليلن ڪــي ٿــو سختيون سهائــي.

پوئيلن ۾ آهي مومل جي منزل جو.

جنهن بہ شي جو خوف هوندو آهي تہ اها شي وسرندي ناهي. ماڻهو جيڪڏهن بيخوفو ٿيندو آهي رب ڪريم جي طرف کان، تہ پوءِ رب بہ وساريندو آهي. جنهن سرڪار هٿ موڪليو آهي حياتيءَ جي خزاني سان، سو ورڻي بہ انهي مالڪ جي

روبرو ٽيڙو آهي. اهي ڳاڳن واريون ڳوٺيون به پنهنجي مالڪ جي طرف کان ٽيا ڪريو!

باھ جي سيڪ مان سڀئي لهندو، سوڙ ۾ به سڀئي لهندو، پر سالڪ، باھ جي اوڏو، ٻوڙي سوڙ ۾، ته به پيو ڏڪندو، خدا جي خوف جو سياڻو بيٺو هوندس. خوف جو فڪر سو به سالڪن تي بيهي ٿو. سالڪ بيخبر ناهي ڪنهن به ڳالهه کون. بيخبر اهي آهن جن هٿئي اڇي پنهنجو الله وساريو آهي. سالڪ سالڪ آهي، بيخبر بيخبر آهي. بيخبر انهي کي چئبو آهي جيڪو رب ڏانهن بيخبر آهي. سالڪن جو چوڻ آهي ته

لُکان لک لڳن ته به پير نه ڇڏج پنهل جو.

جاهل به انهي کي چوندا آهن جو پاڻ پنهنجي طرف کان بيخبر آهي. جيڪو پاڻ کان بيخبر آهي سو گمراھ آهي، جاهل ڪري چئجي جو پاڻ نه سڃاڻي. عقل به جيڪو وهيءَ ۾ هٿ آيو نه ته پيريءَ ۾ اڳيون به وڃي ٿو. جيڪي عقل کي پهتا سي ائين گهگهير نه ٿيا، جيئن اوهين ٿيا آهيو، ڇو جو بيخوفائيءَ ۾ رب وسري ٿو وڃي. بادشاهن تي خدا جو خوف پئجي ويو، دل سان لڳي آئي، تخت بخت سڀ وسري ويا، هڪ رب ياد اچي ويو. بادشاهن کي ڳالهه دل سان لڳي آئي، لنگهه لڳي ويو، بادشاهيون ڇڏي ويئون. پيرن کي جڏهن ڳالهه دل سان لڳي آئي، تنبو طولان ڇڏي ويا، بعد يون سيراندي ڪري سمهيا. ڇڏي ٻاراڻيون عادتون وڃي مرداني عادت سکو، ڇڏي زالاڻي وک، مرداني وک کڻو.

اول آخر خدا سان ڪم پوڻو آهي، سو خالق مالڪ جي طرف کان بيخوفا نه ٿيو. ڪڏهن خبر به نه پوندي جو سود و صرافن جو اچي ويندو. انسان کي انهي طرف کون رهايو بـ

بيخوفائيءَ آهي. خدائي خوف ڪونهي. جنهنکي خدا جو خوف ڪونهي اهو ماڻهو ڇا ڇڏيو! جنکي خدا جو خوف ناهي انهن بيخوفن کان نبي به ڊڄن ٿا، اولياءِ به انهن کان ڊڄن ٿا. ڇون ٿا ته هڪڙو ڪتو اٿن پهرين ۾ سڙ ڪوه ڪري ويو. ڪيئن ڪري ويو؟ خوف پند ڪرايس، موت جي خوف. هِنکي به موت جو خوف پند ڪرائيندو. خوف سان رهجي.

جنهن اوهانکي هيتري عزت آبرو ڏني آهي، تنهن خدا جو خوف اوهان ماڻهن ڪـي نٿو پوي! وجود پيارو ڪريو، توڙي رب پيارو ڪريو، بيخوفا هرگز نه رهو. نيت خدا سان ڪم پوڻو آهي، نديون بارن وانگر راند ۾ رهجي ويا آهيو! جنهن اوهانکي هت موڪليو آهي وري انهي مالڪ جي روبرو به ٿيڻو آهي. حياتيءَ جو خزانو سرڪار اجايو وڃائڻ لاءِ ته ڪونه ڏنو آهي! سو سجايو ڪجي. انهي سرڪار جي بيپرواهيءَ جي خبر نه اٿوَ!

اوهان پنهنجي رب کان ڊڄو. ماڻهن کان ڪيترو ڊڄيو! هيءَ سارو جهان ٿاريءَ رب جي سان ٿو تڳي، جيڪو لطف فضل جو سائين آهي. ٻئي سندس نوڪر هارا (نوڪر آهن). جي فضل منجي ته به وس وارو آهي، جي لطف منجي ته به وس وارو آهه (لطف = مهرباني؛ فضل = آزادي سيني غمن کون). رحم ۽ لطف پيا گهرو پنهنجي رب کون، جنهن وٽ ڪمي ڪانهي ڪا. هوڏانهن گهٽ ڪانهي، گهٽ رڳي پاڻ ۾ آهي. پنهنجي رب جي رحم ڏانهن بي اُميد نه ٿيو جنهجا بندا آهيو. رب نالايق نواز آهي. پنهنجي رحم ڏهون الله سائينءَ ڪنهن کي بي اُميد نه ڪيو آهي. اوهين به اُميدوار ٿي رهو ۽ اُميد رکو پنهنجي الله سائينءَ جي رحم ۾. نيت صاف ته مرادان حاصل. ڏسجي تہ مان انهي الله جو بندو آهيان جيڪو بخشيش جو صاحب آهي. انهي جا ٿي، اهو در هڪ ڏسو. بي اُميد پنهنجي رب

ڏهون نہ ٿجي. الله سائينءَ کان امن امان پيا گهرو. ماڻهن کان نہ ڊڄو، الله سائينءَ کان ڊڄو. انهي سوڙهہ سنگهوڙ ۾ هرڪوئي پنهنجا وسيلا سنڀاريندو آهہ. ڊڄو خدا جي خوف کان. اڻ مست پويون لڳو ٿو اچي، خبر نہ اٿو نہ تہ هلڻ کان جيڪر ڊوڙڻ ڏانءُ اچيوَ!

پنهنجي رب کان امن امان گهري وٺو. اٿندي وهندي امن امان پنهنجي رب کان گهرو. امان ڏيندڙ آهي. رب جي رحم ڏانهن بي اُميد نہ ٿجي. رب رحيمن آهي، وڏا خزانا خير جا اٿس. رب ڪريم پنهنجي امن امان ۽ پڙده پناه سان ڍڪي وٺندوَ.

سرڪار اعالي بيپرواه سرڪار آهي جتي چوڻ چائڻ جو ڪنهن کي اختيار ڪونهي. رب لاشريڪ جنهنجو شريڪ نڪو ثاني. نہ حجت جي جاءِ نہ ڏورابي جي جاءِ. باقي سندس لطف ۾ هروقت اُميدوار رهجي. ڪڏيءَ ڪوسيءَ رب نہ وسارجي. سواءِ سندس رحم ۽ ڪرم جي ٻيو چارو ڪونهي. الله سائينءَ جو فرمان آهي تہ منهنجي رحمت مان اميد نہ لاهيو. رب ٿو چوي تہ جيڪو مونکان ڊڄي ٿو سو قبر قيامت جي تڪليف کان نہ ڊڄي. اوهانکي الله سائين پنهنجو ڪري. جيڪي الله کي پنهنجو ڪري سمجهن ٿا، الله بہ انهن کي پنهنجو ڪيو آهي. رب بيپرواه آهي جنهن کان ڪامل ڪنبندا ويا آهن. خوف رکو اڳہ جو پيل اٿن تہ الله شل پنهنجو ڪري.

رب بيپرواه آهي ۽ بيپرواهيءَ تي بيٺو آهي ۽ ڪيل اعمالن جي شامت آهي. رب بيڏوهو آهي. جڏهن مالڪ راضي ٿيو تہ دير ڪانهي. اهو پنهنجو رحم مخلوق تي فرمائيندو. اڄ رڳو اسان بدن ۾ بيخوفي آهي. خدا جو خوف اصل ڪونهي، تڏهن مالڪ الملڪ بيپرواهيءَ تي بيٺو آهي. جڏهن رب راضي ٿيندو تڏهن ملڪ ٺهندو. اڄ ماڻهو بلڪل ٻورو آهي ۽ حيواني گهٽي

آهي. بيخوفي خلق تنهن ۾ خدا جو خوف ئي ڪونهي. منزل جي خبر ئي ڪانهي.

خدا سڀ گناه بخشي ٿو جو بخشيش جو صاحب آهي، باقي هڪ بيگناه خون نٿو بخشي. بخشيش به گنهگارن تي ٿيندي آهي. ديوان حافظ ٿو چوي ته ڪرامت جا حقدار به گنهگار آهن. سخيءَ جي ڪرامت به گنهگارن تي ٿيندي آهي. الله سائين راضي ٿي وري انهن کي بهشت ۾ وجهندو آهي. سواءِ گناهن جي سخيءَ وٽ ويندو ته گنهگار ٿي پوندو ته ڇو آيو آهين سواءِ ڪم جي! رب ٿو فرمائي ته مون توکي پنهنجو محتاج ڪري موڪليو آهي، تون وچي منهنجي محتاجن جو محتاج ٿيو آهين!

گرفتم دامن از تو شاه مردان،
مرا محتاج نامردان مگردان.

(اي مردن جا سردار تنهنجي دامن جهلي اٿم مونکي ڪنهن نامرد جو محتاج نه ڪج.)

روزا، نمازون ۽ عبادتون اهي سڀ عاجزيءَ جون نشانيون آهن. سڀ کان پياري شي ساه آهي، سو وڃي ٿو پيو، انجي ڳڻ ڪريو. سڀ کان ويجهي قيامت آهي سا به آئي بيني آهي.

رب جو قدر پوندو پر اهو ڏينهن ويجهو پوندو ٿو اچي. بيخوفي ڇڏي ڏيو، رب ياد ڪريو.

ميَن ماريا ڪاپڙي ميَن نه ماريائون،
ڇاريءَ جو ڇيو ڪري وڳه نه واريائون،
تنهان پوءِ ساريائون جڏهن هاڃي جو هل پيو.

پوءِ وڃي سنڀاريائون. پڇڙئي ڪانهي. بيخوفي خلق پوءِ انهنکي ڇا ڪبو!

Scanned by CamScanner

، هڪڙي ڪامل جو قول آهي ته ٻاهه جي اُلن جي ٻرسات پوندي. پوندي ضرور پر خبر ناهي ته ڪڏهن. پوءِ ورِي ڏکڻ کان ڪڪر ايندو اهو اچي ٻرسات وسائي اها ٻاهه وسائيندو. قدرت آهي! مڇيءَ جي ٻرسات ٻه ڪجهه سال ٿيا ته پيئي، مون ٻه اها مڇي کاڌي. پر مڇيءَ جي ٻرسات کانپوءِ ڏيڏرن جي ٻرسات پيئي. وڏا چوندا هئا ته هڪ پيري جوئر جي ٻرسات ٻه پيئي.

الله سائين شل ماڻهو ڪري ماري. ماڻهپي جا ڪهڙا ٻه وصف آهن؟ ذڪر ۽ فڪر، حياءُ ۽ خدا جو خوف. اول حياءُ پوءِ يقين. حياءُ آهي پاڙ، يقين ميوو. الله سائين جنهنکي ماڻهو ٿو ڪري، انهي جي اُٿڻي وهڻي بندگي آهي. برهمڻ ٻه بندگيءَ سان آهي، بندگيءَ کانسواءِ برهمڻ ناهي. بندو سهڻو ٻه بندگيءَ سان آهي.

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot.

Scanned by CamScanner

فراموشي - نندا

فراموشي سڀ نندا آهي. جي فراموشي ٿو ڪري ته پاڻ فراموش ٿو ٿئي پنهنجي رب ڏانهن. رب ڪريم جي راز سان هجو. رب ڪريم ماڻهو وساري ٿو ته راه ڪان بيراه ٿو ٿئي. جيڪا راه ورتل اٿو اها راه نه ڇڏيو. هيءَ هلندڙ قافلو آهي، پاڻ به هلندڙ ٿجي. رڳو هَل هلان لڳي پيئي آهي. ڪنهن به شي ڪي بيهڪ ناهي، اوهين به بيهڪ نه ڪريو. وهندڙ پاڻي چڱو آهي جو بيٺل پاڻي بانس ڪري ويندو آهي. هيءَ به پاڻيءَ جو پتلو آهي، هلندو ته بانس نه ڪندو پر بيٺو ته بانس ڪندو. اها آهي پاڻيءَ جي بيماري. ٿڏيءَ ڪوسيءَ پوتل هججي، ماڻهو آخر وڃي منزل ڏسندو. هٿ ٿورو بيهڻو آهي. ٻئي جهان وساري ڇڏجن پر هڪ الله نه وسارجي.

جنين وساريو نام، تن پٽ وڃائي پانهنجي.

جي دل سهڻي جي يادگيري ۾ رهندي ته اها دل پيئي سهڻي ٿيندي. سواءِ رب جي ماڻهو نٿو ٿهي. هتان ٿهي جڙي هلو، انهن کي اڳيان وَسو (پولو) نه آهي. هٿ سڀ جهج پائي آهن، پندرڻ پائي ته ڪونهي. پنهنجي پندرڻ جي به ڳرڻ ڪجي. هي وڃڻ وارو آهي، تنهن ڪري رب جي طرف ڪان فراموشي نه ٿيڻ گهرجي.

فراموشي جاهلي آهي. جاهل به بيخبر کي چوندا آهن. جيڪو مالڪ سائينءَ جي طرف ڪان بيخبر آهي سو جاهل آهي. جاهل جو ڪم آهي جُهل سان رهڻ. حياتي درگذر ۾ آهي.

فراموشي مڪن اي يار جاني،
اگر دورم مرا نزديڪ داني.

Scanned by CamScanner

فراموشي بيخوفائيءَ ۾ رهندي آهي. فراموشي گمراهي آهي. جيڪو الله کي وساري ٿو ته اها دل گمراهيءَ ۾ رهندي آهي. آخر انڌا اهي سڀ ٻا جن هِت نه ڏٺو هوُ ڏيهه. فراموشي نه رو ٻڙ ۽ چڱي ناهي. اوهان کي رب ڪريم فراموشيءَ کان رکي ويندو، پنهنجو ڪندو. هر حال ۾ نام نه وساريو. جيڪو وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو. هر حال ۾ رب نه وسارجي، ڪم ڪاج ۾ رب نه وسارجي. اصل نه وسري نه وسارجي. خيال عام کان يڳانو هجي. اُهو جڻ جوڳ منجهه آهه. جيڪو فراموش ٿئي ٿو، سو اها ڳالهه ناجڳائيندڙ ڳالهه آهي. پنهنجو رب نه وساريو. دل پنهنجي رب ڏي رجوع ڪريو.

فراموشي سڀ سپنو آهي. اوهين ننڊ ڦٽي ڪريو. رڳو زماني ۾ مخمور نه ٿيو. فراموشي رڳي اونده آهي. فراموشي سڀ ننڊ آهي. ننڊ نياڳڻ سان گڏيل آهي. ننڊ ۽ نياڳ اکرئسي هڪڙو آهي. جاڳ سهاڳ اکر هڪ آهي. جا دل فراموش آهي جڻ اڃا اک ئي نه پٽي اٿس، نادان آهي، ٻڌڻ ۾ ٻڌل آهي، رڳو پنهنجي وصفن ۽ عادتن ۾ ٻڌو وينو آهي. ڇرڪ ڪونهيس. ڇرڪ هجيس ته سڀيئي ٻنڌڻ ڇني وجهي، پر ڇرڪ ڪونهي، بيخوفائي آهي. اک پٽيندو پر جڏهن نظر صرافن جي چڙهندو. پري کان ئي هڪل ٿيندس ته خبردار، هاڻي گهمي ڦري اهڙي جهان ۾ آيو آهين جو تولاءِ ايتري زمين ناهي جو اٽي پير رکين. پوءِ اک پٽيندو، پر پوءِ انهي کي ڇا ڪبو!

سانگهارا (پاڻيءَ جا پوپان ڏينهن) ٿيندا آهن، پوءِ ڪڙمي ننڊ ڦٽائيندا آهن. هيئنئر حياتيءَ کي ٻه سانگهارا آهن. انهي ڪم لاءِ ٻه ڪڙمي ٿسي ننڊ ڦٽائي ڏڻيءَ کي ياد ڪجي. هرڪوئي ماڻهو جنهن ڪم لاءِ آيو آهي، انجو ڪڙمي آهي. رب سائينءَ جي پاسي جو ڇڻو بيندوئي بيٺو هجي، جو فراموشي سڀ ننڊ

آهي. اِها اُڻ تڻ پاي هجي. سانگهارن ۾ ڪڙمي ننڊ گهٽي نہ ڪندو آهي، جو پويون پاڻي هوندو آهي. پويان پساھ هيئنئر رب سان هلايو. اهي ڏيو رب کي. اهي ڏيئي ڇڏجن نانءُ الله جي.

فراموشي ڇڏيو ۽ اک کوليو. اچا اک بہ نہ کولي اٿو. ظاهر باطن جو سک گهرو تہ الله نہ وساريو. مالڪ جي طرف جو خيال هردم دل تي قايم بيهل هجي. خيال عام کان يگانو هجي، اُهو جڻ جوڳہ ۾ آهي. مالڪ ياد هوندوَ تہ اوهان بہ ياد ۾ هوندوَ. بيمائيءَ کي بوڙي رب ياد ڪريو.

چت پنهنجي مالڪ سان لايو. وسري تہ وري اُدم ڪري سندس يادگيرو ڪجي. اول آخر ظاهر باطن الله سائينءَ سان ڪم پوڻو آهي. مالڪ توهانجي سيني ڪمن جي جوابداري پاڻ تي ڪئي آهي. اوهان فقط مالڪ جي طرف کان فراموش نہ ٿيو، رب نہ وساريو. انهي ڪم هاج ۾ وڏو ڪم خدائي آهي، جو غفلت پنهنجي رب ڏانهن ڪرڻ، سو چڱو ناهي. جي پنهنجي رب ۾ اُميدوار ٿيو تہ رب نہ وساريو. سندس نالو وڏو فرض آهي، مگر ڪنهن سنڀاريو ڪنهن نہ سنڀاريو. هدايت وارا سڀيئي چوندا ٿا وڃن ۽ اشارا سڀيئي رب جي طرف جا ڏيندا ٿا وڃن.

ڪم ظاهر باطن جا الله سائينءَ تي آهن. سچايا ڪم انهنجا آهن، جن ظاهر باطن پنهنجو الله نہ وساريو آهي. اوهان رب راضي ڪريو. نہ وساريو تہ گڏئي گڏ آهيون، جدائي نہ سمجهو. مونکي هروقت ياد آهيو. اوهين بہ نہ وساريو. گڏ هجو جيئن جدا نہ ٿيو. اها سنگت جيئن ڇڄي نہ، مئي بہ گڏ هجون. اوهان رب راضي ڪريو تہ اوهانکي بہ رب راضي ڪري.

جنهنجي دائم ديگ چڙهيل آهي، جو جتي سو لتي، هو هرڪنهن کي پهچائي ٿو ڏئي. ٿرين، برين، شهرين، بحرين،

Scanned by CamScanner

هر ڪنهن کي راضي ڪيو بيٺو آهي، سڀ ڪنهن ڏانهن رازق آهي.
رڳو رب نه وساريو. هيءُ لڪ اهڙو آهي جو مري لنگهبو. اهو
پنڌ اهڙو آهي. هيءُ لڪ به اهڙو آهي. هيءُ به هڪ لڪ آهي،
اڃا پيا لڪ لنگهڻا آهن.

اوهانکي فقط هڪ ڪم چئجي ٿو جيئن نه وسري ۽ نه وساريو.
اهو هڪ ڪم اوهانکي جيڪو چيل آهي ان تي محڪم رهندا.
وڏو ڪم ته خدائي پنڌ جو فرض آهي. ماڻهو وڃڻ وارو آهي سو
پنڌ خدائي نه ڇڏجي. بوعلي سائينءَ جو چوڻ آهي ته چپ پڻ زماني
جي اجائي گفتار کان، متان دم خالي وڃن. اک پڻ غير ڏهون،
ڪن پڻ ڳلا نيڪيءَ ڏهون، پوءِ چئو الله ڏس ٿون. اهو سر
سي سکن جنکي ويڙهيڇا وجود ۾.

حضرت عيسيٰ نبي هو. تنهن تي ٻولي ٿي ته منهنجو يادگيرو
گهڙي وقت نه ڪبدا آهيو؟ حضرت عيسيٰ جواب ڏنو ته
وقت ٿوري جي به وسرو نٿا، پر ڪجهه وساريون ٿا. وري ٻولي
ٿي ته اوهانجي ٿوري جي بعدش ڪجي ته ڪنهنکي ياد ڪندو؟
حضرت عيسيٰ جواب ڏنو ته انهيءَ وقت به ٿوکي ياد ڪنداسين.
وري ٻولي ٿي ته مونکي انهي وقت به نه وساريو. جڏهن ماڻهو
سمجهي به ٿو، پوءِ وري هٿ ٿو ڪري، جڻ خطا ٿو ڪري.
هر حال ۾ به رب نه وساريو، رب ياد ڪريو. غفلت ڇڏي ڏيو
پنهنجي رب ڏانهن. رب راضي ته جڳ ئي راضي. من اٿن پهرن
۾ ڪو دم هٿ اچي وڃي ته لک ٿيو. جيڪو نٿو وساري ته
اهو سدائين ميلي ۾ آهي.

چريا اهي آهن جن هٿي اچي پنهنجو الله وساريو آهي. خلق
عقل ۾ قاتل آهي. انهن تي گهڻو غم گذر جو پيهي ويو آهي.
پنهنجو موت وساري ڇڏيو اٿن تڏهن رب ڏهون بٽال ٿيا آهن.
اهو علم ئي اهڙو آهي. خيال سنيار جي. دشمن اڃايا قرنا پيو

وجهندو آهي. هڪ دليئون دوست نه وسري، ٻئي جهان تڏهن چڱا ٿيندءِ. زماني جون لذتون هئنديون وڃن، وهم وجودئون ٽرندا وڃن، ڇا ننڊ ڏانهن، ڇا غفلت ڏانهن. مُشرڪ اهو آهي جو رب جو در ڇڏي ٻين درن تي ٻڌڪي. دنيادار اهو آهي جيڪو پنهنجي رب ڏهون فراموش آهي. عبادت اها جيڪا خالص پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪجي. هڪڙا ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ عبادت ڪندا آهن. رب انجو اُجورو به ڏئي ٿو پر موالين کي. سو رب ياد ڪريو پر دل سان. ماڻهو دل ڏيئي ڇڏي پنهنجي رب ڪريم کي. بندگي بي نياز آهي. بندگي بنا نياز جي بيفائدي آهي.

فراموشي ظاهر به چڱي ناهي، باطن لاءِ به چڱي ناهي. گهر جو مالڪ گهر ۾ آيل آهي پر وساري ويهي رهيا آهيو. ارمان آهي اوهانجو جو رب جهڙي شي وساري ويهي رهيا آهيو. هينئر پنهنجي منڊ سنڀاريو ۽ فراموشي ڇڏي ڏيو. اوهان ماڻهن پنهنجو رب وساري ڇڏيو آهي، انڪري سيڪنهن کي پنهنجا اعمال پيش آهن. پوءِ سڪا ساوا ٿا گڏجن. حياتيءَ جو خزانو برباد ڪرڻ لاءِ ته ڏنل ڪونهي!

يا ننڊ پياري ڪريو يا الله پيارو ڪريو. غفلت سڀ ننڊ آهي. توکي ٻيا ٿا جاڳائين تون دل جا جوش جاڳاءِ. جوشن کان سواءِ غير نه جلندو. مرشد هڪ چڻنگ چولي ۾ وجهندو آهي، جي کو قوڪيندو ته ٻرانڊ به ٿي پوندو. جوش جاڳائيندس هڪ اوجاڳو، جيئن ٻئي سان ڳالهائڻ جي واندڪائي نه هجيس. جدائي پنهنجي ياد ڪجي.

ٻريئي ته ٻار نه ته قوڪ ته لڳي انبرين.
انبر وڏيءَ ڳالهه کي ڇنبو آهي.

ڪيترن وري ننڊ ڏيئي هڪ اوجاڳو ورتو. سڀ سڪ ڏيئي هڪڙن رڳا ڏک ورتا. اهو به ڏنڊو آهي.

صوفي سرمست سوَدا دست بدست.

سوداگر ڪونهي. ڏيئي وٺ ڪبي تـڏهن سود ٿيندو. نند ويرياڻي آهي. سڀ نند ڏيئي تڏهن اوجاڳو ملندو. سڀ سک ڏيئي تڏهن هڪ ڏک ملندو.

نند نياڳــ، جاڳـ سهاڳــ.

رب جي طرف کان غافل نــ ٿجي. غافل غفلت ۾ رهجي ويندو آهي. سچو منهن توهان ڏي آهي، ڪيترين دعائون ۽ فهمايشون ٻه ڪجن ٿيون! پنهنجو اندر اوجارجي ۽ ٻيا سڀ وهم وسارجن. ڪيتري توهان سان هدايت ڪجي ٿي! سمجھ کان ٻاهر نہ وڃو. پنهنجي حياتيءَ جو خير گھرجي، اجايو برباد نــ ڪجي. مونکي تہ گھڻوئي پيارا ٿا لڳو پر توهان ڪٿي پنهنجا عضوا پيارا ڪيا آهن. انهن وهمن مان خيال ڪڍو. مون تہ گھڻو دعائون ڪريانوَ ٿو، پر توهين تہ نهاريو بہ ڪونہ، رڳو پنهنجو هڏ چم پيا ڏسو. هڏ نہ رواڄيو. رب ياد ڪريو.

توهان الله ۽ مرشد ڏانهن ڪٿي اکيون ٻوٽيون آهن. صاحب توهانجي من ۾ توهين هوش رکو. ڇا ڏنو اٿوَ جو هوش کان بيهوش ٿيا آهيو! توهين جنهنکي ڏسڻ آيا آهيو انهي کي ڏسو، اهي پيا ٿا اوهانکي ڏسن. اجايو بيهوش ٿي بيگانن خيالن ۾ خيال وجهو ٿا. ڪيتري توهان سان نصيحت ٿي ٿئي! رمز پاڻ ۾ هڻو، الله کي سڃاڻو. صاحب اٿوَ پنهنجي من ۾. ٻوءِ مٿان همت هڻو، چوائي ولو. جيڪر منهنجو چوڻ ولو تہ هوند بيخوفا نہ رهو، جڏهن الله ۽ مرشد هادي بينا آهن. جي رب نہ وساريندا تہ الله ۽ مرشد مرڻ وقت بہ گڏ هوندوَ.

اهو عقل ٿئي ٻن ٻوي، جيڪو جدا ڪري پنهنجي رب کان. اهو گدرئي ٻن ٻوي جيڪو جدا ڪري پنهنجي رب کان. اها

آولاد ٿي ٻن پوي جيڪا جدا ڪري پنهنجي رب کان. جيڪي ڳالهيون گمراه ڪرڻ جهڙيون آهن اهي نه ٻڌجن. ٻڌجن اهي مرشد واريون ڳالهيون. الله کانسواءِ ٻي ڳالهه ٿي نٿو چوي. ڏٺُيين جي ويڙهي ۾ وچي ٿا وهو. 'ب' وچي ٻين کي ڏيو. توهين اَلف سان رهو. مان توهان کي الله چيو آهي؛ دليل ڏي خيال نه ڪريو، الله ڏي خيال ڪريو.

دشمن گهر منجهه آهي، جيڪو راه ماريندڙ آهي. اجايا دليل اجايا قرنا اهو دشمن ٿو وجهي. دشمن جي چوائي ڇڏي ڏجي؛ توڙي چڱا دليل هجن ته به رب جي مت ناهن.

سوڍا ملن سوَ ته به مت نه پائنج ميندري.

جي دشمن سان لڙائي ڪرين ته لڙائيءَ وارا هٿيار ٻڌ. بي هٿيارو ڪهڙي فتح ڪندو! رهندو غلام ٿي پوندو. هٿيار چار توکي ڏسيل آهن. لڙائي اصغري ۽ اڪبري ٻئي لڳيون بيٺيون آهن. اڪبر ڇڏي وچي اصغر ۾ پيا آهيو. اصغر پاسي گهٽا تون اڪبر پاسي آءِ. مرد اهو جيڪو اڪبري لڙائيءَ ۾ بيهي. وري ٻه پنهنجي عادتن سان لڙائي ڪرڻي اٿس. عادت عضوو آهي. عادتن پنهنجين سان لڙائي آهي. اڪبري لڙائي آهي.

نفس سان وڙهڻ لاءِ چار هٿيار آهن. خنجر صبر جو، ترار بک جي، نيزو عام کان تنهائيءَ جو ۽ ترڪ ننڊ جو. شيخ عطار اولياو جو ائين چيل آهي ۽ چيو اٿس ته جيڪو منهنجي صلاح نه وٺندو، نفس انجي چوائيءَ ۾ نه ايندو. سالڪ نفس جي اڳيان مري لنگهيا. نفس نامراد ڪتو آهي. نفس دشمن آهي مائٽاڻو. اوهين ان سان لڙائي ڪريو. جڏهن الله سائينءَ نفس پيدا ڪيو تڏهن پڇيائينس ته ڪير آهين؟ چي تون تون آهين، مان مان آهيان. ملائڪن کي حڪم ڏنو ته ٻون بيابانن ۾ رولبوس. پوءِ

Scanned by CamScanner

پڇيائونس ته هاڻي ٻڌاءِ ته ڪير آهين؟ چي تون تون آهين، مون مون آهيان. پوءِ وري ملائڪن کي حڪم ٿيو ته ٻرن ۾ ٻوڙيوس. ملائڪن ٻرن ۾ ٻوڙي ونئي :آيس ته به وري ساڳيو جواب ڏنائين ته تون تون آهين ۽ مون مون آهيان. اتي ملائڪن کي حڪم ٿيو ته اوجاڳا ۾ بکون ڏيوس. پوءِ پڇيائونس ته تون ڪير آهين؟ چي تون خالق مان مخلوق!

بدن ملڪ آهي، خيالات ٻيلو آهي ۽ خلط حيوان آهن. سڀڪنهن ۾ چار خلط ٿيندا آهن. (انهڪي عناصر به چوندا آهن.) پهريون خاڪي (ڪائڻ پيٽڻ)، ٻيو بادي (واءُ، حرص)، ٽيون آبي (ننڊ ۽ فراموشي) ۽ چوٿون آتشي (شهوت). جڏهن خاڪي ٻڪ سان ماريائون تڏهن ٻيا عناصر پاڻيهي پيا ڇٽڻ لاءِ زور لائيندا. بادشاهي پهرئين جي وئي، پهرئين کي قابو ڪري ته ٻيا پنهنجو پاڻ جند ڇڏائڻ جي ڪندا. بک ڪڍي ته ننڊ (آبي) پنهنجو پاڻ ڇڏائي ويندي. بادي به ويندي رهندي.

اوهين پڇي وڃو. پڇڻ ڏانءُ اچيوَ تو ته پڇجي ڇا ڏانهن؟ بدن سان جيڪي لڏ تون لاڳو آهن، انهن کان پڇي وڃو ننڊ سميت. ننڊ جي اهڙي منع ٿا ڪن! هل به نٿا ٻڌو رات جو! اِهو ڪم آهي ماڻهو ننڊ ۾!

ڪم ٿيوين وچ ذات، تڏهان صفات سڃاڻين.

وحدت وادي وچ لڙه جاوين، قطرا قلزم نال رَلاوين،
فرق گيا فرقات، رليا پاڻي دي وچ پاڻي.

پاڻي پاڻيءَ ۾ گهڻو ٿيندو ته ٻڌندو نه. ڄڻ وڃڻ وارو آهي، مسافر جيئن هجي، ننڊ هڪ ڪجي. جيڪو رات جو هڪ ننڊ تو ڪري سو پلي ڏينهن جو به هڪ ننڊ ڪري، وڌيڪ نه. نه ته رات وارو نشو به لهي ويندس. پر صفا ننڊ به نه ڦٽائجي.

سمهي الله الله ڪرڻ ڪان ويٺي جي ٺنبڻ به پلي آهي، سو وينو رهجي. پيٽ پريل آهيس تڏهن ئي ٺنبڻ اچيس. جي پيٽ خالي هوندس ته ٺنبڻ به ڪانه ايندس ۽ خيال به سنئو هلندس. جيڪي به زماني جا ساز آهن، دهل، دلا، تنبورا وغيره سي وڄن تا تڏهن، جڏهن سندن پيٽ خالي آهي. هيءُ انسان به تنبورو آهي. تارون آهن رڳون جي وڄنديون ۽ انهن مان آواز نڪرندو. هڪ هڪ رڳ نالي رب جي سان وڄندي.

ڪنهن ڪنهن منگڻهار، سڌ پيئي انهي ساز جي.

انسان پاڻ به ساز آهي. خيال وارا وڄائيندا آهن، بي خيالا نه وڄائيندا آهن. هڪڙا خدائي خيال ختم ڪري پوءِ بيا خيال ڪمائيندا آهن. بيخيالن سان صحبت نه ڪجي جو هو ڪيترائي بيخيال ڪري وڃهندا آهن.

حياتي

حياتيءَ جي هڪ بادشاهي الله سائينءَ ڏني آهي انسان کي. سا ساري بادشاهي ٿي وڃيس. ۽ بادشاهه هڪڙيءَ بادشاهيءَ ۾ نه سمائبا آهن. جڏهن اها بادشاهي حياتيءَ جي ورتائينس ته پوءِ وري ملڪ ئي بيو ڏيکاري ڇڏيندس. حياتيءَ جو ٽائيم اچي نزديڪ ٿيو آهي. هيءَ حياتيءَ جي محل عجب آهي. جيڪي ڪجهه ڪري هلڻو آهه سو هتان ڪري هلڻو آهه. پر ڪنهن سنڀاريو ڪنهن نه سنڀاريو.

وهاڻي ويندياءِ پوءِ گهڻا هڻندين هٿڙا.

عمر سڳوري آهي. ساري عمر ماڻهو پنهنجي هٿان پيو ٿو وڃائي. عمر جي ڏڪ ڪان ۽ الله سائين رکي وٺي. پنهنجي عمر سڳوري جو خير گهرجي. ساري عمر ۽ شل افراد ڪنهن جي نه وڃي. هيءَ بازار ۽ تيترو ڪليل آهي جيترو اک ڪليل آهي. اک بند ته بازار ۽ بند. هن ڪليل بازار مان ڪجهه ڪريو.

حياتيءَ جي عجب بادشاهي آهي. سڀي حياتيءَ جي بادشاهي برباد نه ڪجي. هيءَ حياتيءَ جي هڪ ساعتڙي آهي. ساعتڙيءَ ڪري سڀي عمر جي ڏڪ ڪان ۽ الله سائين بچائي وٺي. باقي عمر ۾ رهيو ڇا آهي! ماڻهو آيو بيٺو آهي. اها ساعتڙي ۽ وهامندي ٿي وڃي. همت ۽ انهي ساعتڙيءَ ۾ رکجي. ٿوري جيترو لاءِ پنهنجي عمر اجائي نه وڃائجي. هيءُ جهان هيري لعل جو جهان آهي. اوهانکي جيڪا چال سڌارڻي آهي سا هت سڌاريو جو اڳيان حاڪم بيپرواهه آهن. حياتيءَ جي بدليءَ ۾ ڏيو ڪانهي. ٽائيم پورو ٿو وڃي، ٽڪر ڪريو انهي طرف جي، جنهن طرف ضرور وڃڻو آهه.

هيءَ راند عمر ساري آهي چلپل جو چٽڪو.

حياتيءَ جي هڪ مهل آهي. وري اهڙي مهل هٿ اچڻي ڪانهي. سو ڪجهه ڪري وڃجي. هاڻي انهي رب جي پيرن ۾ قدم سوايو ڪجي.

هيءَ عمر ته هڪ ساعتڙي آهي، هميشه رهڻ وارو جهان سچو اڳتي آهي. هتان نهي هلو ته اڳيئون انهنکي خطرو ڪونهي. هن فنا ۾ ٿوري جيئڻ جي ڪري عمر سڳوري برباد نه وڃائجي ۽ عمر سڳوري آباد ڪجي. سڀ شي آباد پلي آهي. هيءَ عمر هڪ خواب جي نشاني آهي. وهامندي ٿي وڃي. باقي به وسامندي وسامندي وسامي ويندي آهي. ڦوڪيندو ته ٿانئڙيءَ مان پاڻيءَ پري پوندس.

ڪجهه پنهنجي عمر سڳوريءَ جو خير گهرو جو اها درگذر ۾ آهي. هيءَ عمر هڪ ساعت آهي. ٿوري جيئڻ لاءِ رب ڪريم نه وساريو جو اهڙو حياتيءَ جهڙو وقت وري نه ڏسبو. هتئون نهي جڙي جيڪو هلندو انهي کي وسوئي ڪونهي. يادگيري جو وقت به اهو آهي سو وڃي ٿو وهامندو. سعيو ڪريو جو وڃي ٿي وهامندي. اهڙي حياتيءَ جهڙي مهل وري هٿ نه ايندي. انهي ٿوري جيئڻ مان سالڪ سمجهندا آهن. درڪار هڪ رب جي رکو. رب ڪريم جي راز ڪانسواءِ عمر اجائي ٿي وڃي. هيئنئر برين ساه پساه سان گڏيل آهي. رب ڪريم نه وساريو.

اجائي شل ڪنهن جي ڪڪڙ به نه وڃي، سو هيءَ ته عمر سڳوري آهي! حياتيءَ ڏانهن وقت گذرندا پيا وڃن. ڪهڙو ڀروسو آهي حياتيءَ جو، ڪهڙو ڀروسو آهي هن سنسار جو! ڀروسو انهيءَ ذات جو رکجي. ڪامل ڪنبندا ويا.

جيڪي آهه اڄ، صبح ناهه صديق چوي،
واڄي جيئن وڄ، متو مـــرســي ڪري.

سدائين نہ هوندا ساھ سيئن، اهي ميلائي جا ميئهن،
هي وڻ هٽي جا، آهن ڏسڻ ٻہ ٽي ڏينهن.

عمر عزيز اجائي ٿي وڃي، انجو ٻہ خيال ڪريو. ڪنهن ٻہ اِنسان جي شل گذرہ اجائي نہ وڃي، سو هيءَ نہ عمر سڳوري آهي. جيڪا شي نقصان ۾ وڃي ٿي انهي جو انتظار ڪريو. سڄي حياتيءَ جي بادشاهي برباد نہ ڪجي. ٻاراڻي راند ڇڏي ڏجي، عقل جاڳائجي. ڪيترا ڏينهن ائين اجا ٿو سمو! ڪو سدائين آڪهين ۾ وينو ٻہ ڏنو؟! اٿان ٻہ نيٺ اُٿڻو آهي. هي جهان ميدان آهي، لڙائي اصغري ۽ اڪبري ٻئي لڳيون بيٺيون آهن. اڪبر ڇڏي وڃي اصغر ۾ پيا آهيو.

اصغر پاسي گهٽا ٿون اڪبر پاسي آءَ.

مرد اُهو جيڪو اڪبري لڙائيءَ ۾ بيهي. لاڏاڻ لڳي پيئي آهي، هاڻي عارف بازي ڪيڏ، سلطاني راند.

اهو مالڪ هميشہ نزديڪ آهي. چوي ٿو تہ مون ٿوکي حياتيءَ جي بادشاهي ڏني آهي سا پيو ٿو وڃائين، وڃي اجايو ٿيو آهين! هيءَ حياتيءَ جهڙي بادشاهي پيئي ٿي وڃي، ٿون پيو ٿو نندان ڪرين! غافل غفلت ڇوڙ. محبوب ٿو چوي تہ ٿو مون سان جيڪي قول ڪيا آهن، اهي پاڙ تہ مون ٿوسان سڀ پاڙيندس. اهو اقرار تہ هرڪوئي ڪري آيو آهي تہ تنهنجو مان ويهي يادگيرو ڪندس. ٿوڙي ماءُ جي پيٽ ۾ ٻہ ڏانهان ڪيائين تہ ابتو ٽنگيل آهيان، ڪڍ هن ابتي ٽنگڙ مان، هن انداريءَ کوٺيءَ مان. چي ٿون ڪهڙو ڪم ڪندين؟ چي مان ويهي تنهنجو يادگيرو ڪندس. هيءُ تہ عِبرت خانو آهي منهن ڪڍڻ سان قري ويو. ڪنهن ڪنهن کي ڪل وڃي پيئي. ڪنهن ڪنهن کي الله سائينءَ راھ سان وڃي لاٿو. جن پنهنجو مالڪ سائين

سچاتو آهي ته انهنکي مالڪ به سڃاتو. هرڪوئي پاڻ مان راضي ٿيندو ويو. سندس راز گهرجي ۽ راز سان رهجي.

چوڻو ته تنهنجي سيني ڪمن جي جوابداري مونتي آهي. تون وري مون کانسواءِ اجايو ٿـو ٿيين، اجايو ٿو ڀٽڪين. توکي مون حياتيءَ جي بادشاهي ڏيئي ڇڏي آهي ۽ تون پيو ٿو اها اجائي وڃائين. اجايو انهي کي ٿا چون جن مالڪ وساريو. الله سائين اوهانکي اجايو نه ڪندو. جيئن الله سائين هن صورت کي ڏو ڪارائي تيئن جانورن کـي ڪارائي ٿو ڇا! گڏه کي ڪٽي پٽ پهراءِ تـه به ڪرندو ڪيرڻ ۾. سو هن اِنسان کي سائينجن بادشاهي ڏيئي ڇڏي آهي، جي اها اجائي وڃائيندو ته ڏوه اٿس. عمر سگوري اجائي نه وڃائجي.

رب ٿو فرمائي تـه مون اوهانکي سون ڏنو، چاندي ڏني، اولاد ڏني، اهو سڀ اوهانکي اکين جو ڏيوَ ڪري ڏنم. پر اهي سڀ دشمن آٿو، اوهانجو ڪم ته وري به مون سان آهي.

هيءَ حياتيءَ جي مهل ڏاڍي چڱي آهي. گذريءَ کـي ڇڏي ڏجي، فڪر رکو رهنديءَ عمر جو.

گهڻو ڪٽيو ته گهوريو مٽان وڃائين مور.

هيئڙ پارس پرين ويجهو آهي، ڪنهن سڃاريو ڪنهن نه سڃاريو. ياد ڪريو نه ته پوءِ ياد ڪندوَ. جيئن لوه پارس سان گسندو تيئن سون ٿيندو ويندو. هيئڙ ڪعبه قبله اِنسان منجهه آهه. اک ٻوٽي ڪانپوءِ وٿيون لڳنديون. اک ٻوٽيائين ته ساري جهان ڏانهن چڙ در اڇي ويا، چڙ هنتاڙ تي ويٺي، وڪر وڪامي ويو، سگهه به سڀ ڇڄي ويا. سڄ لٿي ڪانپوءِ پير به وڃائي وهندو. هيئڙ گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ آيل آهي ۽ هيئڙ پارس پرين ويجهو آهي، پنهنجي جهڳي جي ٻُڙن تي وَهايو نه ته جنهن پارس ڏنو آهي سو سڄ ٻيئي ونندو. هڪڙو غريب هو سو هڪ

فقير وٽ آيو. فقير کي چيائين تہ منهنجا ٻچا ٽا ٻک مرن، ڪو حيلو ڏس. فقير پارس ڏنس تہ گهر ۾ جيڪي لوهہ جا ٽڪر هجن ٿي انهن کي هڻ تہ تولاءِ اهوئي گهڻو آهي. مگر سڀ ٻيني پهچائي وڃجانءِ. پارس کڻي غريب روانو ٿيو، وٽي دڪانن تي لوهہ چڪائيندو. لوهہ چڪائيندي هنکي دڪانن تي سڀ لهي ويو. فقير ڏٺو تہ هن اچا پارس ڪونہ آندو. پوءِ پاڻ فقير وٽس ويو. چيائينس تہ هاڻي پارس مونکي ڏي. سڀ لهي ويو آهي. هن چيو تہ مون تہ اچا لوهہ پيو چڪايان!

سٽيا هي سمڌا نهين، ميٽيا نہ من ڪا موهہ،
پارس ڪون پهنچا نهين، رهيا لوهہ ڪا لوهہ.

ماڻهو جهٽڪ اُڏامندو پيو وڃي. اچا پکي بہ ڪا گهڙي وڻ ٿي وهي ٿو. سو ٿوري جيترڻ ڪري سڄي عمر زماني ۾ گم نہ ڪجي. هيءَ حياتي هڪ ساعت آهي، انهي تي ڪهڙو ڀروسو آهي! تڪيہ پنهنجي رب جو ورتل هجي. حياتيءَ جي خزاني مان جتي بہ گهري، هر جاءِ وکر اٿس. اها بازار بہ تيتر ڪليل آهي، جيتر سندي اک ڪليل آهي. اک بند ٿي تہ بازار بہ بند، وکر وڪامي ويو. تون حياتيءَ جو خزانو کڻي وڻجارو ٿي هتي آيو آهين. حياتيءَ جي خزاني مان وکر وهايو. وڃي ٿي وهامندي. نيت حياتيءَ ڏانهن بہ سڀ لهڻو آهي. سڀ لٽي ڪانپوءِ پيرُ نہ لڳندو آهي. هيٺر حياتيءَ جو سڀ ٻينو آهي. انهي سڀ ٻيني ٻ وڙڻ سگهجي. ڏينهن ٿورو آهي پند گهڻو، جي ٻ وڙڻو اٿيئي تہ ٻ وڙ. رات لڏي ويئي، ڏينهن لڏي ويو. هيءُ سارو جهان لڏيو ٿو وڃي. هن ميدان ۾ ڏينهن ٿورو ڏسي هڪڙا گهوڙا سنيار پندا ويا، هڪڙن حياتيءَ جو ڏينهن ٿورو ڏٺو، پاڻ سنيار پندا ويا.

مرد سوئي مردان جيڪو آپ نون آپ پڇاڻي.

وکر سو وهاءِ جيکو پڻي پراڻو نه ٿئي.

اِنسان حياتيءَ جو خزانو آندو آهي ڪاڻ وحدت جي. هي بندو ته وڻجارو وحدت جو آهي. وحدت هيڪڙائي کي چوندا آهن. وحدت جو دڪان به اهوئي بدن آهي. راز وارا سيئي پاڻ منجهان راضي ٿيندا ويا.

هيءَ حياتي هڪ وڏو سفر آهي. پنهنجي حياتيءَ جو خيال رکجي. دوست دشمن گڏيل اٿس، سالڪ ٿئي ته دوست دشمن جو رايو سمجهي. ظالم نفس به ماڻهوءَ ساڻ آهي. نفس کي ماري نه سگهبو، پاڻکي نفس جي اڳيان مارڻو آهي. ڪيترن جي راه ماري ٿو سا به هلندڙن جي. مرشد رهنما آهي. رب هادي گهري ونو. نفس جي عادت شترمرغ جهڙي آهي، اڏام ته اٿ، بار کڻ ته پکي.

هيءَ حياتي جهڙي مهل وري نه ايندي. تنهن ۾ هيڏانهن هوڏانهن نه نهارجي، جو هيڏي هوڏي نهاريندي سڄ لهي ويندو. دنيا جي لاري نه لڳجي، لاري رب ڪريم جي لڳجي. ڪم رب ڪريم سان پوڻو آهي. عمر خراب نه ڪجي جو نيت پنهنجي گهر هلڻو آهه. پيريءَ ۾ پيون مرادون ڇڏي رڳو هڪ مراد ملڻ جي رکجي. زماني جي جهڙپن کي ڇڏي ويهي رب ياد ڪجي. ٽائيم اڃي پريو آهي، اجا مرادون ٿيون ڳولجن!

عمر سڳوري به شل ٻنا نام جي ڪنهنجي اجائي نه وڃي. پاڻکي اڃي ڏاڙهيءَ سان ڏسي لڄي به نٿا لڳو جو حياتيءَ جي ٽيم اڃي سولي ٿي آهي! هي ڏيساور آهي، هرڪوئي پنهنجي ڪم لاءِ آيل آهي. پنهنجي گهر ڏانهن ٻيڪما نه ٿيو جو اڳيئون پنهنجي گهر به وڃي اڃو.

گهر ڇورن گهل، ٻاهر سنگت ڪرين ٿو ساڏن سان.

حياتي بہ وهامندي ٿي هلي، سو رب رب ڪندا هلو.
هتي ڏيهري جي جاءِ آهي، باقي منزل جي جاءِ اڳتي آهي.
پر پوءِ ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. سڀ وقت سندس
يادگيري جا پنهنجي هٿان پيا ٿا وڃن. ساري حياتي هٿان پيئي
ٿي وڃي. هڪ ڏينهن اچڻ جو ۽ ٻيو ڏينهن آهي وڃڻ جو.
اچڻ ۾ ماڻهو اچي ويو آهي، هاڻي وڃڻ وارو ڏينهن باقي آهي.
هي سڀ جيڪي وڃن ٿا سي حياتيءَ جا ماڻ ٿا وڃن. عمر
وڃيتي ۽ عمر سڳوري ساري فراموشيءَ ۾ وڃي ٿي. سعيو ڪريو.
هي مردانو پند آهي. اهو هڪ رب راضي ڪريو تہ پوءِ چئن ئي
طرفن کان مددون پيئون ملنديون. مدد بہ همت سان آهي.
همت بہ چوندا آهن سعيي کي. همت جي مهل بہ اها آهي
جيستر حياتي آهي. جيڪا همت ڪرڻي اٿو سا هٿان ڪريو.

هيءَ حياتي هلندڙ آهي. هي جهان لڏيو ٿو وڃي. ڪجهہ
پنهنجي لڏپلاڻ بہ ياد ڪجي، نہ تہ ويني حياتيءَ جو سڀ لهي
ويندو. حياتيءَ جهڙي شي گهڻن ڪائيندي ٿي وڃي. هينئر
حياتيءَ جي مند بہ اچي وئي آهي. هرڪوئي هليو ٿو وڃي،
پاڻ بہ هلڻ وارا آهيون. گهڻي عمر بہ چڱي ناهي. الله سائينءَ
جيڪا ڏني سا بس آهي. نبين نہ گهڻي عمر ورتي، نہ گهڻي دنيا.

دم جي ڌمال لڳي پيئي ٿي. حياتيءَ جي چڙهائي جيڪا
ڪالهہ هئي سا اڄ نہ هئي، جيڪا اڄ هئي سا هينئر نہ
آهي. حياتي هارتوئي هارتو آهي. فڪر ڪجي جو حياتي ويندي
رهي ٿي. اڄ وڃي نند ۾، ڏينهن وڃي ٻڪندي. سڀ کان
پياري شي ڪهڙي آهي؟ حياتي سڀ کان پياري آهي. اها
تہ وڃي ٿي پيئي. ڪجهہ انهيءَ جو بہ يادگيرو ڪريو. ڪو هتي
ويهي سگهبو ڇا!

ڪيڏڻ جا ڏينهن چار آهن، تنهن ۾ بہ اڄ پنهنجي ڏينهن

پرائو آهي. نيت انهي مهاجار مان به نڪرڻو آهي. پوءِ به جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي انهي لڙهيءَ ۾ وڃي پوئجي. ٽيم حياتيءَ جو اڇي ويجهو ٿيو آهي. هاڻي انهي غير گند مان همت ڏوئي، رب جي پيڊ ۾ قدم سوايو ڪجي جو ڏينهن آهي ٿورو پيڊ آهي گهڻو. سو محبت رب جي اختيار ڪريو. زماني جون سڀ مراد ون ڏئيون اٿو، باقي رکو موت رهيل آهي.

حسن ۽ حشمت به سڀ وهيءَ سان آهي. عقل به جوانيءَ ۾ آيو ته واه، نه ته پيريءَ ۾ ته اڳيئون عقل به پوئتي ويندو رهندو. پوءِ گهر ۾ ڳالهائڻ به ڪونه وڻندن، ڪنگهه به نه وڻندن. عقل بس الله سائينءَ انهن کي عطا ڪيو، جن سڃاتو راه رب جيءَ کي ۽ سڃاتائون پنهنجو رب. مشرڪ يا منافق اهو جو رب جو در ڇڏي بين درن ڏي ڌڪي، ڪافر جيڪو الله کي پاڻ کان جدا سمجهي.

بيائيءَ جي ملڪ مان هيڪڙائي ڪڍندي. هيءُ عجب وقت حياتيءَ جو آهي. هي پسويان پناه آهن، پيڊ جي ڪاه ڪر. قدم قدم تي سعيو هجي جو باري منزل آهي. ڪيترا ڏينهن ننڊي ٻار وانگي پنهنجي پاڇولي سان پيو راند ڪيڏيندين؟ باراڻي راند ڇڏ، عارفاني عارفبازي ڪر، جيئن وصال وڃي رب جي محبت ۾ ٿئي.

زال هجي، چاهي مرد هجي، ڪنهن به ذات جو هجي، جنهن کان چڱا ڪم پيو ڪرائيندو انکي وڏو شرف ٿو ملي. هيڪي اهڙو لاچار آهي جو رات پنهنجي آهيس ۽ ڏينهن پرائو. پسر هيءُ سمجهي ئي ڪونه ٿو، چڪ هتي رهڻ آيو آهي. وڃي ٿي وهامندي. خبرئي نه پوندي، اوچتو سودو صرافن جو اڇي ويندو. سيار جي مهل اها، حياتيءَ ۾ آهي. پوءِ

وهاڻي ويندياءِ، گهڻا هڻندين هٿڙا.

آيوئي هٿ اوڏانهين جا ڪم ڪرڻ آهي. اهڙي صحبت، اهڙي حياتيءَ جهڙي مهل وري هٿ نه ايندي. اڄوڪي صحبت سڀان ٿي نه رکجي. صحبت عجب آهي، صحبت روح جي راحت آهي.

جيترو ماتا جي پيٽ مان ڪٽي هٿ آيو آهي، وري به هتان اوترو ڪٽي هلندو. ماتا جي پيٽ مان ماڻهوءَ ڇا آندو آهي ۽ هيئنر بازار ۾ ايترا مال ڪير ٿو ڪارائي! لٽا ڪپڙا ماني ٽڪرڙا ڪير پيو ڪارائي پيئاري! هلندي وقت به ايترو ڪٽندو جيترو ماتا جي پيٽ مان آندو اٿس. باقي شي سڀ سرڪار جي آهي. ماڻهو واٺان واهو آهي، هليو ويندو، ڪير ورائيندس! جنهن مهل اک بوٽي ڪو ورائي ايندس ڪير!

آندائين به ڪين، وينو به ڪين ۽ نيائين به ڪين!

مڇيءَ کي طلب پاڻيءَ جي هوندي آهي ۽ پاڻيءَ کانسواءِ مري ويندي آهي. اها مثل مڇي ڪٽي درياه ۾ وجهبي ته تڏهن به جيئري نه ٿيندي. ڇا ٿيو! سو جي ڪجهه ڪرڻو آهي ته زندگيءَ ۾ ڪرڻو آهي. حياتيءَ ڏانهن به هيئنر آخري وقت آهي. حياتيءَ جي خزاني مان رب گهري وٺو. رب جي راز کانسواءِ ماڻهو ائين آهي جيئن جهنگل ۾ حيوان. پوتل هججي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي.

ماءُ جي پيٽ مان ماڻهو جيڪي آيو سو آيو. ههڙي بازار وري نه لهي سگهبي. جيڪي گهرو سو سڀ ملي ٿو. گهرو رب ۽ رب نه وساريو. گهري وٺو. گهر آهي گُهر وٺئون. هيئنر بازار کليل آهي جيڪي گهرو ٿا سو ملي ٿو. اوهين گهرو اهو جيڪي گهرڻ آيا آهيو. رب جي گهر نه ڇڏيو. گهرو جيڪي گهرڻو هجيوَ پر اهو به هٿي حياتيءَ ۾. اوهان پلي رب ڪريم کان باجهه گهرو ته رب ڪريم موکي ٿون پنهنجو ڪر.

گذر جو خيال هر شيء ۾ آهي. ڇا سمنڊن جون شيون، درياهن جا ٽولا، بيابانن جون شيون، اهي سڀ شيون گذر گهرن ٿيون. پر وٽ ته گذر گهرن ٿا، گاهه به گهري ٿو. جنهنجي دائم ديگ چڙهيل آهي، سو هر شيء کي راضي ڪيون ويٺو آهي. هر شيء کي پالڻهار رب ڪريم آهي، باقي سڀ بهانو آهي. لک چوراسي جُوُن کي ڏئي ٿو، انهن مان اِنسان به هڪ صورت آهي. روٽيءَ جو ڊپ ڪهڙو! جبلن ۾ بلائون آهن جي نه اَن کائين نه گاهه، پوءِ به مار نه مٽاريون. اِنسان کي پنهنجي اعمالن کٽي روليو آهي، باقي رب ڏيڏ وهو آهي.

مـــوت

موت ياد ڪريو جو وڏي عبادت آهي. اهو مهمان اچڻو آهي. اهو ٽڪيٽ موت جو هرڪوئي ڀريندو. موت نه وساريو.

ڪريو يادگيرو موت جو، اها وڏي عبادت آهه،
جنهن مـــوت وســاريـــو، واءِ تـنـهـن لاءِ واءِ.

يادگيرو به ادم ڪبو نه ايندو. آخر خدا سان ڪم پوڻو آهي. ماڻهو موت جي طوفان ڪنوارو آهي. آخر اها شادي به ٿيڻي آهي. ٻيون مرادون سڀ پڇي آيون ۽ سوڻ به سڀ ٿيا. هاڻي موت سان شادي ٿيڻي آهي. هاڻي اٿي پنڌ ڪريو. رڳي هاڻي پنهنجي فاتح رهيل آهي. هاڻي جنهنجي فاتح رهيل آهي تنهن کي جيئرو ڪيئن ڇڏبو! موت دن بدن ويجهو ايندڙ آهي.

هيڪلائيءَ وارو ڏينهن ويجهو پوندو ٿو وڃي. عاشق دانهون ڪندا ويا. باقي هاڻي اهو وڃي هڪڙو ڏينهن رهيو آهي جو منزل هلي ماڻبي.

هاڻي وڃڻ جو وارو به اچي ويو آهي. هن جهان مان به اڪيلو هلڻو آهه. اهو ڏينهن ويجهو ٿيندو ٿو اچي پيو. هت آيو رهبر ساڻ ڪرڻ آهي. آيو رهيٺي ڪونه ٿـو پيو. اچڻ ۾ اچي ويو آهي، هاڻي وڃڻ ياد ڪريو. هيڪل آيو آهي، هيڪل وڃڻو آهه. سڄو سنسار هلندو ٿو وڃي. سڀڪنهن کي پنهنجا اعمال مٿي تي آهن. خدا جو خوف وڏي عبادت آهه. هاڻي ته ٽائيم به پورجي آيـو آهه. هڪ ٽڪيٽ محڪم ڪريو، جو موت جو ٽڪيٽ به هٿ ۾ اٿس، جو اهو ماري پنهنجي ملڪ ۾ اٿس.
موت آيو بيٺو آهه، اوهين پيا ٿا به پڇو!

Scanned by CamScanner

نہ ڄاڻان ڪيھي اڳيئون ڪندا پَرِ پڌوھار سيبن.

حياتي بہ الائي باقي ڪا آھي. موت ياد ڪريو تہ رب ياد اچيو. ھيءَ گرم بازار آھي، ھرڪوئي ھليو ٿو وڃي، سو پنھنجو وڃڻ بہ ياد ڪجي. نيٺ ھيءُ وڃڻ وارو آھي. اھا مھل بہ ليکو آھي جيتر ھيءَ حياتي آھي. ڪڏھن سنڀاريو ڪڏھن نہ سنڀاريو. جيڪو پنھنجو موت وساري ٿو تہ الھي ڪان بيخوفائيءَ ۾ رب بہ وسري ويندو آھي. جيڪو وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو. حياتيءَ جو ٽائيم بہ پورو ٿو وڃي. موت گھڙي نہ ولجي، رب گھڙي ولجي.

جيئڻ ٿورو آھي، پنڌ گھڻو آھي. پنھنجي وڃڻ کان ماڻھو بيخبر ٿي پيو آھي. خبر بہ نہ پوندي جو اوچتو سود و صرافن جو اچي ويندو. خير سان جيئن مول ھلي سلامت پھچي. اڳيئون جيئن ماڻھو وٺي اچي. نيٺ پنھنجي گھر ھلڻو آھہ. بيڪمو ماڻھو ھتي بہ پنھنجي ماتا پتا کي لٽو وٺي، سو اڳيئون ڇل پنھنجي گھر وٺي اچي. ھيءُ وڏو سفر آھہ. ھيءُ ميلو جيئڻ جو آھي. آخر اھو بہ گل ٿيڻو آھي. جيئن پوءِ ليئڻ ماڻھو منزل کي ويجھو پوندو ٿو اچي.

موت ڇڏيو اٿو وساري، الھن ڳپلن ٿي ڏيجھي ويھي رھيا آھيو. الله ۽ موت ڏانھن بيخوفا ٿي پيا آھيو. بيخوفي ماڻھوءَ سان صحبت ئي نہ ڪجي. پانھنجي رب ڏالھن ڪو اعتراض نٿو لھي، اوھين اعتراضي آھيو. رب قبول ڪريو. موت نہ وساريو جو سيڪڏھن ٿي آيو بيٺو آھي. موت جو خوف ھجي، جي ھولدو نہ ڊڪندو. ھڪ ڪتو ملتان سان سڱ ڪوہ آڻن پھرن ۾ ڊڪندو آيو. ڪنھن ڊڪايس؟ خوف. اِنسان کي بہ موت جو خوف ھجي تہ ڊڪي. فھمايش مان دل ورندي آھي ماڻھوءَ جي، اسان ماڻھو حيواني آھيون جو فڪر ناھي موت جو.

Scanned by CamScanner

سدائين نه هوندا ساه سان اهي ميلائي جا ميهڻ.

سدائين به هيئن هجبو ڇا؟ ڪو سدائين انهن آڪهين ۾ ويهبو ڇا! ٻيو ماڻهو وچڻ وارو آهي. اهو ويهي پنهنجو خيال ٻين کي ڏئي، اهو ڇڱو آهي ڇا! هرڪوئي خيال سان رهي. خيال خدائيءَ کي ختم ڪري پوءِ تو ماڻهو ڳالهائي. ڳالهائجي پلي ٻر جيترو جڳائي. سچو وقت ڳالهائڻ ۾ ڇا آهي! اها هڪڙي پوڻڪ آهي سواءِ رب جي. جنهنجو دم ٻيل آهي نالي رب جي سان، اهو هڪڙوئي پاڻ ڏانهن خيال سان رهي. ماڻهو ڏسي نه اهو ٿهو (بي انت) پنڌ آهي. خلق خدا جي ڏسي ويهي رهيا آهيو. پاڻ ۾ وهو نه ويهي خدائي ڳالهيون ڪريو.

جوانيءَ جي خُنود ۾ موت وسري تو وڃي. نيڪن جي عادت آهي جوانيءَ ۾ سنيالي هلڻ. موت جي هڪل ائين آهي جيئن بيلي ۾ شينهن گجي. هيئر وڃڻ جو وارو به آيو، هڪ تنهنجو ٻيو منهنجو.

تم چلو هم آوت هين، اب کيا کرون کچھ بات،
تماري چنتي واچ گئي، هماري هي هات.

ويهي ڪين وڃاءِ، توکي وري به هلڻو پوندو هوس ڏي.

هيئر سمجهه رکو.
سمجهه ويکين اک سمجهڻ نقطا سالڪ سمجهي سوءِ.

الله سائين شل انسان ڪري ماري، حيوان ڪري شل نه ماري. اڄ انسانيت توري آهي، حيوانيت گهڻي آهي جو آخرين وقت آهي. هيئر ظاهر باطن صبر جو حڪم آهي. آخرين وقت آهي حجت جي جاءِ ڪانهي.

موت اچي سچي حياتيءَ جي بادشاهي تو ولي. به بادشاه هڪڙيءَ بادشاهيءَ ۾ نه ساماٿبا آهن. جڏهن اها بادشاهي حياتيءَ جي ورتائين نه پوءِ وري ملڪ ۾ ٻيو ڏيکاري ڇڏيندس.

بدن ملڪ آهي، ان ۾ هزار ڪوٽيون آهن. ساهه لڪي ٿو، پر جنهن به ڪوٺيءَ ۾ لڪي ٿو ته اتي اڳيئي عزاريل ويٺو آهي. هڪ اولياءَ فرمايو آهي ته

ڪريو يادگيرو موت جو وڏي عبادت آهه،
جنين مـوت وساريـو، واءِ تنين لاءِ واءِ.

پون جي گهنٽي پيئي ٿي لڳي بنگلي سرڪار جي ۾. ٻئي اولياءَ وري چيو آهي ته رب فرمائي ٿو ته جي مونکان ڊڄين ٿو ته پوءِ ڪنهن کان نه ڊڄ. موت جو ڊپ چڱو آهي جو بيڊپي کان رب وسري ويندو آهي. ڪجهه موت ۽ مسڻ جو سمر به ڪٽو.

سمر ڪٽو ساٿيو، جو اڳيئون اَن نه پاڻي.

ساٿ سنگت لڏي ويا، هاڻي وڃڻ جو وارو پنهنجو اچي ويو آهي. منئون ٽيم اچي پري آهي، تون وتين زماني جا ڏنڊا ڳوليندو! تون ڳول انهي ڪي جنهن کي ڳولڻ آيو آهين. اول ڳوليندڙ کي ڳول جنهنکي وڃائي ڇڏيو اٿيئي. نه اها تنهنجي ذات، نه اهو تنهنجو نالو، نه انهي شهر جو وينل آهين. پهرين سڃاڻپ پاڻ، پي سڀڪا صورت پوءِ.

جڏهن ذات پنهنجي ماڻهو وڃائي وينو ته اهو مطلب کي ڪيئن پهچي سگهندو! وڃي ساڳي صورت ٿيءُ. وٺ اصل کي، ڇڏ نقل کي. اهي گاگن واريون گوهيون ڇڏي ڏي.

هي جهان گذر جو آهي. جن لاءِ هي جهان رب ڪريم پيدا ڪيو آهي اهي به هن فاني جهان مان هليا ويا. حضرت سليمان نبي هو. ڪنهن به طرف هلندو هو ته پکي مٿان پرن جي ڇانوَ ڪري هلندا هئس. تڏهن به هن فاني جهان مان هليو ويو. سو ايترو روڊن ڇو ڪجي؟ اها رضا جي گهر ٿئي ٿـي. ڪجهه پوئين جو بـه خير گهرجي. رب بيپرواهه آهي، مٿان ڪا سيدو

ساهي. سياڻي پنهنجي مٽي ٿي ۽ بيٺي ته پوءِ سيڪجهه وسري ويندو. هي جهان سورن جو آهي. ڪهڙو زور پنهنجي رب سان لائبو! توهين پنهنجو موت ياد ڪريو. رب لاشريڪ آهي، نه جنهنجو شريڪ نه ثاني! نيت خدا سان ڪم پوڻو آهي. هرڪنهن وٺان وڃڻ پيا ٿا هڪ تو وٺان ته نه ويا آهن! شاهه سڪندر روءِ زمين جو بادشاهه هو تڏهن به هليو ويو. هي سارو جهان هليو پيو وڃي. ڪجهه وڃڻ پنهنجو به سيارجي. پنهنجا سور روئجن. ڪيتري نصيحت هدايت توهانکي ٿئي ٿي!

تو منجهه چنجوُر چوُر ٿيا، تون پاهڻ ڪين لوهه!

سو اهڙي دل سخت پنهنجي رب ڏهون نه رکجي. هي سارو جهان اولاد سميت، اڪين جو ڍوَ آهي. مرد ٿيءُ.

ساهيون ساهيون ٻڌ، سور يتڻ وڏو سعدرو.

ڇو جو هيءُ جهان سورن جو آهي. رضا تي هرڪوئي راضي رهيو آهي. هتي جو روئڻ وري ويلن لاءِ چڱو ناهي. هو ته وڃي باغن بهارين ۾ ٿيا. پنهنجو رب نه وساريو. دل پنهنجي رب ڏي رجوع ڪريو. توهين پنهنجي دردن جي ڪريو جو نه پڇي سگهندوَ. رهندو وڃي نالو الله جو. نفس اڇي راهه جهلي آهي. توهانکي خبرئِي ڪانه ٿي پوي. پاڻ سنياليو، جڏهن توهين مون وٽ آهيو ۽ مون اوهان وٽ آهيان. اهو قدر اوهان کي پوندو. اها مهل ويجهي پوندي ٿي وڃي.

ياد ڪرين مرشد والي ڳالهين اڳين.

بيدردا نه ٿيو جو موت آيو بيٺو آهي. پنهنجي جدائي ياد ڪريو ته جوش بيهن.

جاڳايا جوشن، دل ۾ درد پرين جا.

واندي گهم نه ويسلي، ڪر ڪا ڪار ڪتڻ.

جنهن شيءِ سان جنهنجي مرڻ وقت خاطر هوندي تہ اهو نمونو تي مرندو. جانور سان خاطر هونديس تہ جانور تي مرندو. زماني جو انهي وقت هڪ اکر بہ ياد بيهي ڪونہ سگهندو. وري بہ علم حق واري جو سبق ياد بيهندو. اهو پڪو اهڙو ڪري ڇڏجي، اڳيئون جيئن پاس ٿجي. پڪو بہ اهڙو ڪجي جو سر هليو وڃي سبق نہ وسري. خاطر ۾ پريت رب سان رکجي، پنهنجي دم سان رکجي. لڏ پلاڻ لڳي پيئي آهي. اچا آيا تہ موت جا سلام آيا.

ساٿ سنگت چل گيا، آيا همارا وارا ري.

انسان جي مٿان جوابداري گهڻي آهي. لکپڙهہ اچي ويئي آهي تہ مرڻ کان اڳي مري اچ. پوءِ جيڪي آبروءِ وارا هئا سي پڌ پيا. مرڻ کان اڳي اهو مرندو جيڪو مرڻ کان اڳي مرندو. موت جو يادگيرو ڪبو تڏهن مرڻ کان اڳي مربو. جنهنکان موت وسريل هوندو اهو مري مرندو. هيئڙ وڃڻ جو وارو بہ اچي ويو آهي. هي رهندن تي آهي.

هوندن اتي هون، لاڳاپا لطيف چوي.

ساري جهان ۾ مڙس ۽ زال بہ ڪڏهن گڏ نہ هوندا. تنهن ۾ جي مرڻو اٿيئي تہ اڄ مر، نہ تہ سيان سيڪا مرندي.

صادق مارج موت کي جو وري نہ ايندءِ وارو.

مرڻ کان اڳي ڪيئن مرجي؟ مرشد ۾ فنا ڪائي وڃجي ۽ ڪافر ٿي پئجي. مرشد ۾ فنا ڪائي، انکي ڪافر چئبو آهہ.

مردان دا ڪم مردان.

يعني تہ مرڻ کان اڳي مري اچ. مرڻ کان اڳي اهي مرندا جنهين کي موت ياد هوندو. پهريون مرڻ سڄايو آهہ، پويون مرڻ اجايو آهہ. پهريون مرڻ ڪا ڳالهہ ڪرڻ جي آهي ڇا!

سر جو صرفو نہ ڪر، صرفي ڪئي سوين اُٿي ٿئي. سر قربان ڪر، نہ تہ نشان ڪر تہ ڇٽيندئين.

سر نہ ويو ڪانءِ ڪاڻ ۾ هو ڪي ٻيو ٿا گهرن.

محويت پاڻ ۾ ولهجي. هينئر مند پنهنجي سنڀالجي. ٽيم اچي پري آهي.

پيچ گنگي پٺيان بانڀ ٿي اچيئي.

(گنگي = ماڻهو، بانڀ = موت)

صفات وارو ڇولو ڏيئي ذات وارو ڇولو ولهجي. پر انهي ڪپڙي جو خريدار ٿورو آهي. ڪپڙو نہ دڪان تي ڪوڙ آهي، ڪنبل ڇوندي هئي تہ قبلا مونکي ڏاڙهي لٽل آهي، ڪڏهن گيڙو بہ پڏندي آهيان. يعني تہ فنا ڪاڏائين، صفاتي ڇولو ڏيئي ذاتي ڇولو ورتائين.

جيڪي مرڻ کان اڳي مئا تہ هو مري چڪا. پوءِ جيئن پاڳيو ماڻهو هجي، هنئون واڌ پٽي وري هن پاسي وڃي جتي گهڻو وڃڻ هجي. هنن جو هلڻ ٿي ائين آهي. اولياءَ جيڪي مرڻ کان اڳي مئا انهن تي وري ڪو ٻيهر موت ايندو ڇا! هڪڙن سان موت صلح تو ڪري.

يڪجاءِ ٿي ويهي رهڻ اهو بہ مرڻ کان اڳي مرڻ آهي. هڪ هنڌ ويهندو نہ سيپيئي اچي سلامي ٿيندس، جي گهمندو وتندو تہ ڪتا پٺيئون لڳا گهمندس.

جز ۾ پيرا بہ آهن پر پکي هڪ آهي. هوڏانهن پکي بہ آهن پر پيرو هڪ آهي. پيري جي قيد مان نڪرو.

Ghulam Hussain H. Ab...
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot.

Scanned by CamScanner

رات

ساري رات سبحان آهي. سبحان چوندا آهي پاڪ کي. اها گهڙن جي اڳيئون وهيو ٿي وڃي، پر ڪنهن سنڀاريو ڪنهن نه سنڀاريو. سڄي رات هيڪلي ٿي وڃي سو رات سان گڏيا وڃو. اها رات نيت وڃي حضور ڏيکاريندي. جيڪو انسان رات جيئري ٿو رکي، تنهنجي الله سائين دل جيئري ٿو رکي. جنهنجي دل جيئري آهه، انهي جي الله سائين قبر به جيئري ٿو رکي. رات پنهنجي آهه، ڏينهن پرائو آهه.

لڌيو ٿي وڃي لڌ، تون به لڌيو وڃ لڌ سين.

رات لڌي ويئي ڏينهن به لڌي ويو، سارو جهان لڌيو ٿو وڃي. اوهين به غفلت ڦٽي ڪريو. رات ٻنا نعب جي، ڏينهن به ٻنا نعب جي، درياه به ٻنا نعب جي، وڻ به ٻنا نعب جي اُيا ادب ۾ بيٺا آهن. ملڪن جو مالڪ به ٻنا نعب جي پوءِ اوهين ڪيئن نعب جا وڃائت ٿيا آهيو! تون به ٻنا نعب جي ٿيءُ ته رات سان گڏجين. ان سان گڏيو وڃ ته وڃي صبوح اُتي ڪڍيندءِ.

رات آهي ويچار لاءِ. ويچار ڪهڙو؟ رب جي پار جو. پر اوهين سڄي رات بيخوفا ٿيا ستا پيا آهيو. خبر ناهي ته موت الائي ڪيڏي مهل اچي.

وڃ ڪڙنديءَ ويسلا، تون ٻنتو ڪهڙي ساءَ (سواد)،
تــو جيڏا تــو يـــار، ڪٿين لهڙن لهوارا ڪيا.

هيءَ ته هست وهاڻي، تون آگه ڪر اڳ جي.

ساري ماني ڪائي ساري رات سمهڻ اها حيوانن جي ريت آهي. ڏينهن جي نوڪري ڏيو پيٽ جي گذر لاءِ، رات جي

نوڪري ڏيو خدا ڪارڻ. رات ساري! چال ۾ ٿي اچي. ٿڏي ڪوسي ٻه چال ۾ ٿي اچي. جي ڪو چال سڌاريندو ته سرڪار وس واري آهي، اضافو ڏئيس، سروپاءِ ڍڪائيس يا آفرين نامه ڏئيس.

ٿڏيءَ ڪوسيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.

ماڻهوءَ جي اُٿڻي ويهڻي بندگي آهي. سڀ ڳالهه چال ۾ ٿي اچي، جيڪو چال سڌاري! پوئين رات ننڊ نه ڪريو، پر ڏينهن جو به واندو نه رهجي. ٿڏيءَ ڪوسيءَ ڪاهجي.

ساري رات نه سمهجي. ساري رات جو پلا سوڙ ۾ پيو هوندو ته انهي کي لڏ چوندا آهن. اهو چڱ لڏن جي جماعت مان اٿندو. پوئين رات اٿجي. آهي ته اڌ رات ڪانپوءِ مڪيار. ڇو جو اڌ رات ڪانپوءِ رات ڳالهائي ٿي. رات هلندڙ آهي. هلندڙ شي سڀ جيئري آهي. اڌ رات ڪانپوءِ رات ڳالهائي ٿي پر ننڊ وارن سان. جيڪو ويٺو هوندو انهي کي نه چوندي. ڇا ٿي چوي؟ چوي ٿي حيف هجنئي، مون وهامندي ٿي وڃان، تون ننڊان ٿو ڪرين! اڌ رات ڪانپوءِ اٿجي. جي اڌ رات نه اٿين ته ڏيڍ پهر رات جو اٿ. پوءِ جيئن نه ڪاوڙ مان ڇٽجي، نه ته به اڌ پهر ته اٿ! انهي انسان جي صورت کي ٿو ڇٽجي. اِنسان جي تعريف ڪلام الله شريف ۾ آهي. جنهنجو هادي رب ٿو ٿئي، اِنسانيت انهي کي ٿو آڻي، پر گهري وٺو. ڏسو ته ڪهڙي بازار ڪلي ۾ بيٺي آهي! ننڍو ٻار جي انگل ڪندو ته مائٽ وسيلو آهيس، ان سان ڳالهه ڪندو. هيءَ ٻي مخلوق جيڪا به آهي، حيوان وغيره، سي سڀ پنهنجي رب کان گهرندا آهن، جيئن ننڍا ٻار گهرندا آهن.

ٽپهريءَ ۽ اَسر جو پوئون وقت چڱو آهي، ويهي پنهنجو رب ياد ڪجي. اَسر جو جيڪو اُٿي اهو سڀني کان اڳي سمهي

رهي ڇو جو ٻين کي ته اڻٺو ناهي، هنکي اڻٺو آهي. مسافريءَ ۾ هوندا هواسون سائينءَ سان. پوءِ ماڻهو ٻه ٽي ٻه ٽي ٻڪريون کڻندا هئا جو خلق سائينجن سان گهڻي هلندي هئي. رات جو پاڻ گره کو کاڏائون ته واه نه ته کير يڪ پي سمهي رهندا هئا. ٻوڙ پلاه پيا ٻيا کائيندا هئا. پاڻ سوڀلئي سمهي رهندا هئا. ننڊ ٻه ايتري ڪجي جيتري جڳائي، واڌاري ننڊ حرام آهي. غفلت سڀ ننڊ آهي. ٿهڙي سفر ۾ غفلت ڇڏي ڏجي. رات پنهنجي آهي، ڏينهن پرائو آهي. ڏينهن ٻه واندو نه ويهجي. ڏينهن نه لڪائجن. اُٿي ويٺي ڪم هاج ۾ دم سان هجي.

رات صفات آهي، ڏينهن ذات آهي، جيئن اونده ۽ سوجهرو. جنهن مهل حقيقت جو سج اُڀريو تنهن مهل صفات ويئي، رڳي ذات بچندي. الله سائينءَ کي سج موڪلڻو هجي ته پهرين رات موڪلي ته جيئن ڏينهن وڏيڪ وٽي ۽ قدر ٿئي. رات آئي ته ڏينهن جي اميد ٿـي. رات مهر اچڻ جي نشاني آهي. ڏکن پنيان سک آهن.

پنهنجن پيارن کي جيڪي سور ڏنا اٿس تن جي زماني وارن کـي خبر ئي ڪانهي. سوُر پنيءَ ۾ ايترو آهي جنهنجو ڪهڙو احوال ڪجي. پر شڪر آهي جو رات ته جاڳائي ٿو.

دل

مالڪ جي طرف ڏي دل کي تازو رکجي. جهڙي تهڙي حال سان ته دل بڌل پنهنجي رب سان هجي. اها دل پوءِ الله سائين سهڻي ٿو ڪري. دل سهڻي رکو پنهنجي رب ڏانهن. دليئون قبول ڪريو پنهنجو رب. جيڪي چڱيون دليون آهن انهن رب ڪريم قبول ڪيو. سهڻي جي صحبت ۾ پئي ڪيتريون دليون سهڻيون ٿيو وڃن. جي دل سهڻي جي يادگيري ۾ رهندي ته اها دل پيئي سهڻي ٿيندي. سهڻي ڪي وڻن ٿيون سهڻيون دليون. سهڻيءَ دل سان مرجي ته چڱو آهي. دل جاڳائجي، خدا جو خوف ڏيکارجيس جو رب جي سرڪار ڏاڍي آهي.

ڪا ڪا دل سهڻي ٿي ٿئي. جا دل رب قبول ٿي ڪري سا سهڻي آهي. نالي رب جي سان سڀ سونهي ٿو. سهڻيون دليون ڪئين دليون سهڻيون ٿيون ڪن. سهڻي شڪل وڻي زماني جي ماڻهن کي، دل سهڻي وري وڻي رب کي. نالو رب جو دل سهڻي ٿو رکي. ميران بائيءَ جي دل سهڻي ته نالي رب جي ڪئي هئي.

دل کي جيترو سدس يادگيرو رکندو آهي. جنهن دل ۾ الله آهي ته اها دل تازي آهي. اوهين ساڀيان پنهنجي دل الله سان بڌو. جا دل الله سان بڌل آهي، انهيءَ کي ڀيو ڪير بڌي! دل ته چورجي پنهنجي رب جي طرف، باقي هن زماني ۾ ماڻهو ڪيترا هٿ هٺندا! هتي ڪجهه به نه آهي. جيڪي آهه سو اڳتي آهه. تڏيءَ ڪوسيءَ دل شروع ٿي بيني هجي پنهنجي رب ڏهون. ڪا ڪا دل ته بجليءَ وانگر ٿي ٿئي. جيئن بجليءَ ۾ چڪ ٿي ٿئي تيئن دل جيڪا وڏيڪ چڪ يا ڪشش ٿي ڪري اها به بجليءَ وانگر آهي ۽ چڪ ٿي ڪري.

Scanned by CamScanner

دل تي نظر آهي محبوب جي.

هٿ ڪار ڏي، دل يار ڏي.

دل ئي هاڻي وڃڻ جو ٻارڻ ٻارجي ته جوش جاڳن. دل درياهه آهي، پل ته دل تي ڇولو ٻيهي. ڇولو عشق جو، يعني ته جڏهن زمانو وسري ۽ هُن پاسي ميل پئجي وڃي. پنهنجي جدائي سنڀار جي جو ضرور اٿڻو آهي اتاهين.

ڪيترا ڏينهن هٿ ڇوربا! دل ٻه ڇوريو. جڏهن دل سان جهنڪي لڳي آئي ته هٿ وارو انهي ڪان پاڻيهي پرو تي ويندو. هي ۽ هڪ وڏو سفر آهي، ماڻهو اچي منزل کي ويجهو ٿيو آهي، ڪنهن سنڀاريو ڪنهن نه سنڀاريو. هيڏو "ونحن اقرب" ويجهو آهي.

گهڻوئي هٿ پير ڪي وهايو اٿو، هاڻي دل کي وهايو. جا دل شروع ٿيل آهي پنهنجي رب ڏهون، اها دل جهٽڪ پنڌ ۾ آهي. هو سؤ مٽڪا سمونڊ جا ڦيرين ٿون هڪ مٽڪو دل جو ڦير نه ته اُتي آرسي سڏيين.

آرس جن ڪيو، اُٺ نه ٻيلي تن جا.

پٽ پير ڏکها ڪري جڏهن سٽيون جي،
تڏهن تنين ڪسي، ساٺ سٽيئي چڙيو.

جيسين ڳالهه دل سان نه لڳندي، تيسين هٿ واري نه وسوندي. جهنڪي لڳل ناهي ته لائي ڏسي. جڻ ڳالهه دل سان لائجي. پر سو ٻه لڳل هونديس ته هي هي ٻه هونديس. سڄو ڪيس مٿي لي آهيس، اها خبرئي ڪانهيس!

اي هيڏان نندڪ، ٿون سجڻ سازيو نه مرين!

جڏهن دل سان لڳي آئي ته پوءِ هٿ واري پاڻيهي وسوندي. پوءِ

سي ڪيئن اُڇڪارن منجهه جنجا سنڀاليندڙ سپرين!
هي وڳهه به ڪنهن جو نه آهي!

بادشاهن کي جڏهن دل سان لڳي آئي ته بادشاهيون ڇڏي ويٺا. پيرن مان جنکي دل سان لڳي آئي، تنهن طولان ڇڏي بندگيون سيرانديءَ ڪري رب قبول ڪيائون.

جنهن وقت دل سان لڳي آئي، ته پوءِ اها دل هڪ غنچ آهي رب گهرڻ جو. مالهي پڪو اهو آهي جو گلن لئي بيٺو آهي باغ ۾. ڪليل خوشبوءِ واري گل تي ڀنور ايندا آهي. مالهيءَ جو ڪم آهي گل سنڀارڻ. گل دل کي ڇوندا آهن، پونو اک کي ڇوندا آهن. پلي دل جي مکڙي کلي ته پوءِ پاس ٿيندين. هرڪوئي پاس ٿو ٿئي، توهين سبق پڪو ڪيو ته پاس ٿيو. دوست دل موُن نه ڪڍجي، دل ۾ پچائجي.

وڃن ٿيون وجود ۾، لونءَ لونءَ ۾ سي لارون،
هادي فقير، ڪجهه ڪو درد جو دارون.

ظاهر باطن به الله انهن سان راضي آهي جيڪي دليون محبت رب ڪريم جي ۾ رهن ٿيون. محبت مالڪ جيءَ ۾ دليون سهڻيون ٿين ٿيون، ظاهر باطن. منهن سهڻي کان دل سهڻي چڱي آهي. سهڻي سائينءَ جي محبت ۾ دليون سهڻيون ٿينديون آهن. زماني وارن سان به گهڻو نه ڳالهائجي جو گهڻي ڳالهائڻ ۾ دم اجايا ٿا وڃائجن. دل پلي رب پنهنجي سان ڳالهائيءَ محبوب تو محلات ۾ ڳالهائي. سر قربان ڪر نه نه نشان ڪر نه ڇنيندئي. سيڪارڻ جي ڳالهه ناهي. ڪجهه سمجهڻو آهي.

سڪ چڱي آهي، سڪ دل کي جيئرو رکندڙ آهي.

سڪ به لڪ به، پوءِ به لڪ لڪوليءَ لڪ،
ته تڏهن پسڻ ٿئي پرينءَ جو.

جنهن دل ۾ الله جو نالو اچي پيو ته اهو ڪيترائي نالا وساري ڇڏيندو. هڪڙي درويش وٽ هڪ دنيادار ماڻهو پنهنجو پٽ نيڪي هوندي ئي ڇڏي ويو. ڇوڪرو اتي ڪم ڪار ڪندو هو. روز صبوح جو فقير کانئس پڇندو هو ته ابا تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڇوڪرو به هر روز پنهنجو نالو ٻڌائيندو هو. ائين ڪندي ڇوڪر اچي جوان ٿيو ۽ مٿون اچي ڏاڙهي مڇ لٿيس. فقير اڃا به ڇوڪر کان نالو پڇندو اچي. هڪ ڏينهن ڇوڪر فقير کي چيو ته قبلا ورهيه ٿي ويا آهن روز پيا نالو پڇو، منهنجو نالو اوهان کان وسري ٿو وڃي ڪيئن؟ فقير چيو ته ابا اسان هڪ نالو ياد ڪيو آهي ۽ اهو اندر ۾ اهڙو ته وُڙهي ويو آهي جو ٻيا نالا سڀ وساري ڇڏيا اٿس. من ۾ چڱو نالو اچي پوي ته به رب جي مت نه. خيال رب سان ٻڌل هجي. هي ڪمرئي خيال جو آهي. ٽالي رب جي کي ختم ڪري ٻين ڳالهين سان لڳڻ اهو جاهلن جو ڪم آهي. جاهل انهيءَ کي چئجي جيڪو پاڻ ڏانهن بيخبر آهي. اهو علمرئي اهڙو آهي.

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot

Scanned by CamScanner

ننڊ نڀاڳي، جاڳ سڀاڳي!

خيال خدائيءَ کي مرد ٿي وڃي جو هيءُ پنڌ مردانو آهي. هينئر وقت حياتيءَ جو به آخرين آهي. پوءِ انهن کي اڳيئون اوڪي ڪانهي جنکي اڻ ٿي پهر دل ۾ سندس نام آهي.

جنجي دل ۾ اڻ ٿي پهر الله آهي، اهي ماڻهو بي فيضا نه ڇٽبا. ماڻهو هن جهان ۾ آيو آهي ڪنهن فيض جي لاءِ. سو الله نه وساريو. اهي ڳالهيون سايبان آهن. جيڪي ڳالهيون سايبان آهن سي سايبان سمجهجن. اُن پهرن ۾ من کو دم هت اچي! ماڻهو اهڙو به نه آهي. جاڻجي ته اهڙي به نه هيس.

چريون ڏيئي چار، بيوان وڃي هڪڙي،
پوءِ بيوان سندو بار چريون چوريئي نه سگهن.

چري به دل، بيوان به دل. چري اها دل آهي جنهن پنهنجو رب وساريو آهي. بيوان اها دل آهي جنهنکي نام جو نشو هردم بينو آهي.

هيڪر دل ڏيئي وري ڪٽي نه وڃي. دل کي جڏهن يادگيرو ٿو پوي ته اهو دل کي جڙ سڌ پهتو. دل جو ڪم آهي ته نه وسري نه وسارجي.

هت هاج ۾ دل دوست ڏي.

جا دل فراموش آهي، انهيءَ کي ننڊ چوندا آهن. فراموشيءَ ۾ دل مري ويندي آهي. جمار وڏيءَ ڪان سمجهه وڏي پلني آهي. توکي پيا ٿا جاڳائين تون دل جا جوش جاڳاءِ. جوشن ڪانسواءِ غير نه جلندو. غمزا به غمن سان لڳندا آهن. جيڪا دل رمزن ۽ غمزن ۾ آئي، اها خبر انهي کي رهندي. محبت رب جيءَ

ڪانسواءِ دليون ويران ٿي ٿيون وڃن. ھٿ، پير، ڏاڪ ڇوريو ته باقي دل ننڍا ڇوريو!

پريشي ته ٻار نه ته ڦوڪ ته لڳي انبرين (انبر=وڏي ڳالھ)، نه ته جيئن ٻاھ وسامندي وسامندي وسامي ويندي آھي تيئن وري دل به زماني ۾ وسامي ويندي آھي. دل کي زنده به رب جو يادگيرو رکندو آھي. دل جيڪڏي رکندو آھي رب جو يادگيرو. ڇڪتو رب جو اصل دل تان نه لاھجي. ڇڪتو مڙيوئي مالڪ جي طرف ڏانھن ھجي. جا دل حاضر ناظر آھي، تنھن دل کان رب نه وسرندو.

مالڪ جي نام جو دل تان يادگيرو اصل نه لاھجي، نه ته اڳيئون پي ڪا وسئن آھي اصل ڪانه. ھلڻو به ضرور آھي. اھي اوھانجي دلين کي ڇھوڪ ھٽجن ٿا پيا. بيخوفائي اصل نه ڪجي. دل نه قبول ڪري ته به رب قبول ڪرائجيس. جيڪا دل مالڪ جي محبت نٿي قبول ڪري اھا ڪوڙي آھي. ادم ڪري به پنھنجي من کي سمجھائجي ۽ دل کي قبول ڪرائجي جو ھھڙي مھل، ھھڙي حياتي وري ھٿ اچڻي ناھي.

دل کي اجايا گھڻگھرو پڌا اٿو جو اجايو ھيڏي ھوڏي جون ڳالھيون پيا دل ۾ رکو. ھڪ ڳالھ رکو محبت پنھنجي رب جي. پنھنجي عضون سان پيا ٿا ڪيڏيو. ايتري پنھنجي رب سان ڇوڻ محبت رکو ته لکيا ڏوھ لھي وڃن! ڇڏيو اھي ٻاراٽيون رانديون. رب ياد ڪريو نه ته پوءِ ياد ڪندو.

دليون موھيون وينيون آھن زماني ۾. ھن ٻاسي به جڏھن دل موھجي ٿي ته طرف ٿي انھي وڃي پيو. زمانو آخر فنا ٿيڻائين، ڪم ڪندو ورليو ته به معنيٰ سان رھيو. جيڪو معنيٰ ٿي نه سمجھي اُن سان ڪم ڪيھو. معنيٰ ٿي پنھنجي سمجھجي، پاڻ ٿي ڪتاب آھي. پر جي ڪتاب ۾ منھن ھڻبو ته جيڪو

سو نقطو نظر ايندو. ڪتاب ۾ منهن هٽي نه ڏسي. علم مان گهٽو واقف هجي پر جي پاڻ ڏانهن بيخبر آهي ته جاهل آهي. پاڻ ئي جيئرو ڪتاب آهي.

جيڪا دل رب نٿي قبول ڪري ته اها دل ڪيڏي ڪٺن ڪي ڏجي ته من ڪٺن ڪاڏي ڪو درجو ٿئي! رب جي نالي ۾ وڏي طاقت آهي. ڪو چڱيءَ طرح رهي ته ڏسي ته قلب جا طاق ئي ڪيڏي چڏيندس.

بيدردي دل مٿي ڪانپوءِ نه زال آهي نه مرد، ڪدڙي آهي. جنهن دل ۾ هي هي نه آهي اها دل آباد نه آهي. پر سو به لڱل هونديس ته هي هي به هونديس. اُڻ تڻ پنهنجي رب سائينءَ جي دل ۾ هجي. اُڻ تڻ مالڪ جي دل تي دائم هجي.

ڪڏهن مــن مــاڪوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن،
سرتيون سارو ڏينهن، هينئون نه هڪ جاءِ ڪڏهين.

درد جاڳائجي. درد مالڪ جي نام سان جاڳايو جو نيت مالڪ سان اول آخر ڪم پوڻو آهي. مالڪ جي طرف کان دل کي بيدرد نه ڪجي. بادل وسن ٿا، برپٽ جا گل به ڦڙيو پون. هيءَ دل به ائين آهي. رب جي نظر دلين تي آهي. بيدردو نه گهمجي. سواءِ رب جي دل بيدردي ٿئي ٿي. رب جي محبت دليون ويجهيون ڪندي ايندي.

دردمندان ديان دانهان سڻ ڪر آپ خداوند ڪڙيا.

دل درياهه، من بيڙا محبت والا، ٿــي مردان ترڻئي.

ڪنهن پڇيو ته قبلا هيتري نصيحت هدايت ٿا ڪريو، بڌون به ٿا، سمجهون به ٿا، پر دل جاڳيئي نٿي سو ڇو؟ ڇي نند هجي ته جاڳي! هتي دليون ئي مري ويئون آهن. پر ميون ڪلون رڳجن ٿيون، باقي ميون دليون نه رڳبيون! هُن ۾ مصالح ٿا پون. مٿيءَ دل جو مصالح آهي نيڪن جي صحبت. نيڪن جي صحبت

۾ دل رَچي ويندي آهي. يا نه ته ٻه ڪڪور جي ته ويندي، (ڦڪندي ايندي ميوي وانگر) ۽ نيٺ رچي ويندي. ٻيو ڪلچڪ ٻه آهي؛ انهي طرف جو ڪو ٻه خريدار ڪونهي. سو ٻين سان ريس نه ڪريو اوهين سعيو ڪريو.

ڪلن ۾ مصالح وجهي ڪنن ۾ زِهه وجهندا اٿن. پوءِ اُن ئي پهر بنا نند جي ايپون ادب ۾ ٻيٺيون هونديون آهن. هيءَ ٻه انيئي پهر ادب ۾ بنا نند جي اُيو رهي ته رڱجي پوندو. صابرين دل ڳوڙهي رڱيل ٿيندي آهي.

ڳوليان‌ءَ قوليان‌ءَ هوت، شال نه ملان‌ءَ هوت،
من اندر جي اوت ملنديئي مانڻ ٿئي.
ويڄهو تي ٿو ورنائي دانهون دردمندن جون.

اهي هڪڙن لاءِ ٻيٺ آهن، سمجهڻ وارن لاءِ وڏيون هدايتون آهن. نيڪن جي صحبت اها آهي. اهي دل سان هنڊائجن، راز ڏي ٿا چڪين. راز ڪانسواءِ ملي نه سگهندو. راز گهري وڃي پاڻ منجهان. هينئن ويڄهو آهي.

دل جي آزار جون دوائون چار آهن. هڪ ته صحبت نيڪن جي هجي، ٻيو علم حق جو هجيس، ٽيون رات جو اوجاڳو هجيس ۽ چوٿين مني ٻک هميشه لاءِ. سواءِ ديدار جي ٻي دوا ڪانهي مرض منهنجي جي. ويڄهو هجي ته ڏاڍو سنو آهي. صحبت دل کي تازو ٿي ڪري.

دل سهاڳڻ اُها آهي جا پنهنجي گهر جو ڪم ڪري، جتان آئي آهي هت ڏيساور ۾. پنهنجي گهر جو ڪم ڪريو، پيئون رليون نه ٿيو، پنڌ ڪريو. اڄ ڪلهه مريد مرشد تي پيئون رليون ٿيو پون. پنڌ ڪريو؛ توهين لاهي پائي رڳو پيٽ تي ٻيهي رهيا آهيو. بار ڪي هڪ ٽرڻ واس ۾، ٻيو هٿ ۾، ته ٿئين لاءِ پيو ڏسي. هر ڪوئي پنهنجن اعمالن سان آهي. وڃي اُنجي دامن وٺو. جيڪا دل مرشد جي چوائيءَ ۾ آهي، اها دل فيض لهي ٿي.

Scanned by CamScanner

جيڪا به دل سهاڳڻ هوندي آهي، اها دل هتان هدايت جا زيور پائيندي آهي، اڳيئون سهاڳ جيئن ملي. جيڪا به اڳ سهاڳڻ هوندي، انهيءَ دل ۾ ڪمال (رحمت جي مالها) رب جي يادگيري جي ٻڌل هوندي.

گلا بواء هڪ دفعي عرض ڪيو ته قبلا جلد گهرايو تہ ديدار نصيب ٿئي. ٻچو دل جيئري رکجي ته ماڻهو جڻڪ مليو پيو آهي. پوءِ پاڻ چڱو.

جيئاريس ٿــي سيار، ملي ڪنديس ڪوه!
ويوون تـار وجود ۾ آهــي پرينءَ جي پچار،
سي ساجن ڪيئن ڇنجن ڏار، جيڪي هنئين ۾ حل ٿيا.

ڪهاڙي وهائيندي وهائيندي مڏي ٿي پوندي آهي ته لوهار جي دڪان تي ڪٽي وجبي آهي لارائڻ. هيءَ دل به هڪ ماس جو ٽڪو آهي. زماني ۾ رهندي رهندي ڪيئن نہ مڏي ٿيندي! دل کي زماني کان جهلي هڪ رب ياد ڪريو. اوهان پنهنجو دوست رکو دل ۾ ته اوهانکي پنهنجو دوست آڏو ايندو. دل مان شڪ ڪڍي حق سان رهو. رب ڇڏي ٻيءَ ٻوليءَ پيو ته جڻ ماڻهو ٻنڊ ۾ پيو. ديوان حافظ ٿو چوي ته دل ۾ هڪ جي جاء آهي، جي گهڻائي آهي ته مسافرخانو آهي.

يقين جو درخت آهي مومن جي قلب تي. ايمان انهي درخت جو ڦر آهي. جنهنکي حياءُ هوندو، ايمان به انهي کي ٿيندو. پر جي حياءُ ٿي نہ هوندس ته ايمان ڪٿان ايندس! مومن معنيٰ موم دل يا عابد. ڪوجهيءَ دل کي جهان ٿي ڪوجهو ۽ سهڻيءَ دل کي جهان ٿي سهڻو پيو نظر ايندو. پاڻ چڱو ته ان کي جهان ٿي چڱو نظر ايندو. مومن جي دل ۾ الله آهي، عام جي دل ۾ ڪتا آهن، ڏسيو فقيرن کي، پونڪون ٿا ڪن.

دل ڏسي ٿي، ته اکيون به ڪن دل به رکندڙ آهي.

اک

دل وارين اکيين سان ڏسجي ٿو. اوهين به هوند مونکي ڏسو، پر جڏهن انهي طرف واري اک کوليندؤ ته پوءِ ڏسندؤ. کو خبردار اک کوليندو آهي، جو مالڪ جي نام سان خبردار هجي. وري به دل جي اکين سان ڏسندؤ.

اکيون به اهيئي پسندي پاڪ ٿيون.

باقي هي ٻه اک ظاهر واري دنيا جي جهان ۾ قاتل آهي. هي ٻ بازار اوتري تائين کليل آهي، جيتر پنهنجي اک کليل آهي. اک بند ته بازار به بند.

اک به اها کلندي جا صورت محبوب جي سان بدل مقيم رهندي آهي. جنهن اک کي ترڪڻ بازي لڳي پيئي هوندي، هيڏي هوڏي پيئي واجهائيندي، ته اها اک ڪيئن کلندي! اک به کلندي آهي. اهو پارس پرين پيو وهائجي. اک به اهو پارس پرين کوليندو آهي. غافل رب جي طرف کان به نه ٿيڻ گهرجي. اهو پند به اکين جو آهي ۽ گهرندي به اک آهي. سياڻي ٻولنبيون، جڻ مهل ئي ويئي.

فکر دليل تيستائين آهن جيتر اک بدل نه آهي. اک صورت سان بدبي آهي. اک صورت سان بدل رکجي پوءِ انهي کي ڦرنا نه پوندا. جنهنجي اک صورت سان بدل آهي، در جي بدر جي هلي ويندو. ماڻهو اڳ وسوڙل آهي. تنهنڪري سونهون نظر مان نه ڪڍجي؛ مرشد جي صورت اک مان نه ڪڍجي. اک گڏي ڏسجي. اک به هيرجي. جي ڏسڻ مئون ڏسجي ته سجڻ سامهون آهه. هيئر پارس پرين ويجهو آهي. اک ٻوٽئي وٽيون لڳنديون. اکيون مارو ڙن لاءِ پکا آهن، پنهنجي محبوب وسيلن لاءِ، جيڪي ڏسندي پراڻا ٿي ويا آهن.

ڦرنا ۽ دليل جيڪي پون ٿا سو اک بدل نہ آهي. دليل اک کي بہ پون ٿا سو اک کي نشان ڏجي. پوءِ اک نشان ۾ لڳل هجي. صورت مرشد جي نشان ڏجيس. اک دونالي آهي. پهريِ ڪري نشان ۾ لڳل هجي. اک بدجي. بادشاه جي سلام لئي وڃجي تہ هليو وڃجي، اک هيڏي هوڏي نہ ڦيرائجي. بدل پلو آهي ماڻهو. پر اک بہ بدل پهري آهي مرشد جي صورت سان. بدل کي بيو بدي نہ سگهندو. اک عام ڪان ڦيرائي صورت تي آڻجي. اها تعليم ئي بيءَ طرح آهي. سڀ شي تعليم تي گهري.

اک جي محبت سونهين سان هجي. اک جي محبت سر سان هجي. پيوند سان اک جي محبت رکجي. اک بہ سونهين رهبر سان هيرجي. اک پيٺي درجہ بدرجہ هيرجي مرشد جي صورت سان. اک بہ پهري ڪم لڳل هجي. نگاه نگاه ۾ گڏيل هجي. نگاه نگاه ۾ وجهہ تہ نين سفاري رهن؛ بين ڏانهن سگهہ تہ چني هلندا!

ڳہ کي اوجار بو تہ چمڪندو. اک کي اوجار جي اوجاڳي سان. اوجاڳو اداسي نيڻ ڪري ٿو. پهري اک نيراني ٿئي. اک کي نيرانو ڪجي، جيئن اکين سان الله گهرجي. اک بکي رهي. جڏهن اک بکي رهندي تڏهن طلب رکندي. اهي ڳالهيون عام لاءِ نہ آهن. اهي انهن لاءِ آهن جنکي مايل آهي.

اوهان سان منهنجي هنيئڙي جي آهي هير،
نـــال پرين لايـــو آهـــي نيڻن نـاتـو.

هيءَ دنيا جي اک پتيل آهي حرص سان؛ اها بہ پيڙجي. سڀ آهي سا سمند ۾ ٿي رهي. اُنهيءَ ۾ اُبر آسمان جي منجهئون قطرو هڪڙو پاڻيءَ جو ٿو پوي تہ پوءِ وات ڪڍي پيڙيندي، وڃي موتي لاهيندي آهي. اوهين بہ اک پيڙيو تہ معرفت جا موتي وڃي لاهيو تہ ٻئي جهان چڱا ٿي وڃو.

Scanned by CamScanner

هيئنڀر پنهنجو محبوب گهر ۾ آيو اٿو. يا سر نشان ڪريو يا قربان ڪريو. سڪ ته محبوب کان جدا ڪندڙ آهن.

جيڪي اکين آڏا سپرين سي پري ڪيئن چئجن!

سو اک واندي نه ڇڏجي. آخر هڪڙي ڏينهن ته قدر پوندو جڏهن ساري جهان مان هيڪلو ٿيندو. سو اهو ڏينهن ويجهو ٿيندو پيو اچي. اک واندي نه ڇڏجي، دم خالي نه ڇڏجي. اسرار اکين منجهه آهه.

اکين جي ملڪ ۾ هلو ته اکيون به عيدون ٿيون ڪن. جيئن ماڻهن تي تالا آهن تيئن اکين تي به تالا آهن. ڪا اک رانجهن آهي ۽ انجي نظر هير آهي جا تالايق پيئي تي نوازي. ليلائي معنائي دل جا محبوب جي ستر ۾ تي رهي. مجنون معنائي اک. اکين سان هلجي. اکين جو پورهيو ماڻهوءَ کي پيار و تسو لڳي، همت جي پورهئي کان. اوجاڳا به اک ڪري ۽ سودو به اک ڪري.

لين سوداگر دلبر سودا، عشق دلال ڪيتو سي.

اک مجنون ته دل ليلائي آهي. اک پونر ته دل گل آهي.

حسن جو گل پاڪ آهي جي کو پاڪ ڪري ڏسي. پر جي ڪو غير ڪري ڏسي ته انلاءِ غير آهي. هي سچو سمجهه جو قير آهي. حسن جو گل پاڪ آهي ۽ اک پونر آهي. جڏهن پونر گل تي پيو ته پوءِ راضي ٿيندو. پونر جو ڪم آهي گل تي وبهي مشتاقي ڪندو آهي، مشتاقي وني ورڪي اڏرندو آهي. باهرئون سير ڪري ورڪي ٻـ اچي گل تي وهندو آهي. پر جي ورڪي اڏرندو آهي ته بہ سير ڪري اچي گل تي وهندو آهي. زنبق جو گل پنهنجي اندر ۾ به لڳل آهي. اها رمزبازي آهي، ڪاملن جو پند آهي. پنهنجي دل ڪامل رکجي پنهنجي رب سان. رحمت جو ڪڪر الله سائينءَ جي مهر سان اوچتو اچي مٿان وسندو

اهو توڪل جو پنڌ آهي. رب نگهبان آهي. دل کي رڳو رب قبول ڪرائجي. سواءِ رب جي ٻيو ڪهڙيءَ ڳالهه جا ڀروسا رکبا!

اک به جڏهن ٻئي پاسي کان ڀڏندو تڏهن سونهين پاڻ تي ٿيندي. ماڻهو ڳوليئي پاڻڪي ٿو. ڀونر وانگر ڳل تي مشتاقي ونو. ورڪي اڏري ٻاهران سير ڪري ورڪي به گل تي ويهجي. اوهان به جهاتي پاڻ ۾ پايو.

هيءُ پنڌ ئي اکين جو آهي ۽ سمجهڻ به اکين جو آهي. سڀ ڪم اک جو آهي. اکين کي عادتون سيکارجن. گڏه گابو به هيءَ اک ڏ سندي. اک صراف آهي. اک واري کي صراف چوندا آهن. باقي بازار ۾ خلق گهڻي آهي. هيرن جي هار جي خبر به صراف کي پوندي. لقاپور ۾ لقا پيئي تي لنجي. لقا کي به اک لنيندي آهي. (لقاپور=هي جهان ۽ لقا=راز الاهي.)

اڄ فيصلا اهي تا ڪن جن کي پنهنجي ڪيس جي ئي خبر ڪانهي. هيري لعل جواهر جو ملڪ به هيءُ آهي. صراف ٿورو آهي يعني اک وارو ٿورو آهي.

جهان بحر آهي، بدن ٻيڙو آهي. بدن جهاز ۽ اک ناکئون آهي. ناکئون زمين تي لهندو آهي ته به ننڊ نه ڪندو آهي. ٻڪو کولي ته واپاري اچي سودو ڪن. جهاز تي ڪهڙو سامان آهي؟ خزانو حياتيءَ جو اٿس. دوست به انهي جهاز تي چڙهيل اٿس ۽ دشمن به انهي جهاز تي چڙهيل اٿس. ماري به انهي جهاز تي آهي. تنهنڪري فراموشي ڇڏي اک کوليو. آخر هلڻو به آهي. قبر مسڻ به سڄهن ٿا يا نه؟

راتيون جي جاڳن آءُ سيئي ڪند يس سيڻ،
تنين سندا نيڻ، اوجاڳي اوجاريا.

Scanned by CamScanner

هڪ جو پورهيو آهي وڏي ۾ وڏو. هڪ آهي ڪپتان جهاز جو ۽ دل آهي قبل نما، راهه ڏيکاريندڙ.

هي بدن جهاز آهي، دل قبل نما آهي، هڪ ناکئون آهي. سيني وصفن سان آهي. جيڪي وصف آهن سيئي سان آهي، پر سڃاڻي پاڻکي. پر جيڪي مرشد جي هڪ سان سڃاڻي سگهندو سو پنهنجي هنن اکين سان نه سڃاڻندو، ڇو جو هي صفات ۾ قائل آهن، هوءَ ذات ۾ آيل آهي. ذات صفات ائين آهي، جيئن هيءَ رات جا آهي، سا صفات آهي. هن صفات ۾ جيڪو سڄ تـو ايري اهو چڻ ذات ظهور ڪيو آهي صفات ۾. تيئن انهي بـدن ۾ صفات آهي، انهي ۾ ذات ظهور ٿي ڪري. جهڙي هتي اونده آهي تهڙي اونده ماڻهوءَ کي پنهنجي اندر ۾ به آهي. پوءِ اونده ۾ نه دوست جي خبر نه دشمن جي خبر. اونـده ۾ ڪهڙي خبر پوندي دوست دشمن جي! ماڻهو سوجهري ۾ اچي.

هڪ مطلوب جي ڇا نثي ڪري طالب لاءِ. نهارڻ سان نشو ڏيئي ڇڏيس (عشق جو)! جيڪي مرشد جي اکين سان ڏسي سگهبو سو پنهنجي اکين سان نه ڏسي سگهبو. مرشد سائيان طالب وٽ وينو آهي. مرشد سر آهي طالب ڪرسي آهي. سر ڄڻ مرشد جو اچي وينو.

وڏي ۾ وڏو حيوان آهي هاٿي، هستيءَ جو هاٿي نفس. اهو رهي ٿو ڪجلي بن ۾. هڪ آهي ڪجلي بن. هڪ آهي نفس جي رهڻ جي جاءِ. ايمان ڪٿي ٿو رهي؟ لٽي ۾ رهي ٿـو، جُتيءَ ۾ رهي ٿو. ڪاڏي ۾ به ايمان رهي ٿو. پر ڏسي وري به هڪ ٿي. سو هڪ جڏهن پنهنجو پاڇو ٿي ڏسي ۽ خيال آيس ته مان به ڪجهه آهيان ته ڄڻ ايمان ٿيس ۽ هڏئي وڪڻي ڇڏيائين.

هڪ به ڪڏهن تجلي ٿي ڪري. بجلي پريل ڪڪر ۾ ٿيندي

آهي. جي اکين کي قرار آهي ته ساري جان قرار ۾ آهي. جي اک بيقرار آهي ته ساري جان بيقرار آهي.

شڪاري ڪنهن کي چئجي؟ طالب شڪاري آهي جو دليل خطوا شڪار ڪندو ٿو وڃي. شڪار ڪهڙو عضوو ڪندو آهي؟ اک شڪار ڪندي آهي جو دليل سڀ اک ڪسي ٿا پون. وڌيڪ به اک وهائيندي آهي.

جيڪي وصف، سڀ پاڻ ۾ اٿس. پوڻ به ٿي ماڻهوءَ کي ڏيه آهي، پدهنجي ڏيه ڏي پلي ڪري وڃي، پر اکين سان وڃي. اک مڙيوئي ادب جي ڏاري. بي ادب آسماني رسيدو ٿيندو ڇا! آسمان پاڪ جايون آهن. ملايڪ پاڪ جاين تي هلندڙ آهن. اکين کي ادب سيکاريائون.

Ghulam Hussain H. Abro
/ . . er
Govt: Ele . . iary College
of Education (Men) Kandhkot

Scanned by CamScanner

زمانو

هي زمانو ڏيساوز آهي. وطن ڇڏي ماڻهو هتي ڏيساور ۾ کنهن ڪم سان آيو آهي. اهو وساري ماڻهو هتي وطن ڪري ويهي رهيو آهي. وطن کان ماڻهو بي وطن آهي. وطن جي تانگهه ئي ڇڏي ڏني اٿس.

بندا بيپراهي ڪر ڪا وطن ورڻ جي.

وطن جن وساريو، حيف تنين کي هوءِ.

جدهنجو مڪان هتي ڪوٺهي، تنهن تي ڪهڙو ويساهه ڪجي!

وطن ڪنون بي وطن ٿياسون،

ٽٽ ڳئي تانگهه وطن دي، قسم حسن دي،

ديس ڪدون پرديس ٿياسون،

گل پئيسون دشمن دي، قسم حسن دي،

باغان دي وچ بوٽي ڪوماڻي،

گل چمن دي، قسم حسن دي.

هي جهان باغ آهي. گل چمن اها دل ملول ٿي آهي. چمن جي مٿان گل بيٺو آهي زنبق جو. ڳالهه رڳو پاڻهنجي آهي، انهيءَ صورت جي. ڪتابن جون ڳالهيون پڙهندو ٻين جون، سو سڪندو! پاڻکي سمجهائجي.

آخر انڌا اهي سڄا جن هٿ نه ڏٺو هوءُ ڏيه. پڌهنجو پاڻکي سمجهائجي. نيٺ پنهنجي وطن هلڻو آهي، پنهنجي گهر هلڻو آهي. آخر الهي سچي جهان ڏي هلڻو آهه. جيئن انهي سچي جهان ۾ نيڪن جي روبرو ماڻهو پشيمان نه ٿئي، جو هميشه رهڻ وارو ملڪ به اهو آهي. وڻڪار به اهي ويا جن همت اچي سنڀاريو. جيئاريس ئي سنڀار. هڪ گهر ڇڏي ٻئي گهر ماڻهو مهمان آيو آهي. ابا اما نه جهلي سگهيا، سو پراوا پٽ ڪيترو

Scanned by CamScanner

جهلي سگهندا! ساري جهان مان هيڪلو ٿي هلبو. ڀورين رات
اتي پوٺي آهي جتي نڪو امڙ نڪو ابو.

ٻيڪمو ماڻهو هت هن گهر ۾ به لٿو وٺي. جيڪو اصل پنهنجو
گهر اٿو انهي کان ٻيڪما نه ٿيو. آخر پنهنجي گهر هلڻو آهي،
هتي پنهنجي گهر ۾ جنهن گهر جي ڪم لاءِ آيا آهيو، انهي گهر
ڏانهن ماڻهو ٻيڪمو آهي، هيءُ وڏو سفر آهي جيئن ماڻهو
اڳيئون وٺي اچي. نيٺ پنهنجي گهر به هلڻ ٿيندو. هڪ گهر
ڇڏي ٻئي گهر ماڻهو مهمان آهي. ماڻهو وطن کان بيوطن آهي.
وطن جي وڻن کي اچي ويجهو ٿيو آهي. نيٺ پنهنجي گهر
هلڻو آهي. جيڪي پنهنجي گهر ويا سي وري نه آيا. انهي
پنهنجي گهر جو ڪم نه وسارجي. انهي گهر جو ڪم به هت
ڪرڻو آهه. جيڪا سهاڳڻ هوندي، اها پنهنجي گهر جي ڪم
سان لڳل هوندي. ڏهاڳڻ کي گهر ٿي ياد ڪونه هوندو.

ڪتڻ ٻاجهئون ڪيئن اڳيئون هلي ڪاڏهون ڪندين ڪپڙا!

ٻيڪار ماڻهو گهر ۾ به نه وڻندو آهي سو جنهن گهر جي ڪم
لاءِ هتي آيا آهيو سو گهر نه وسارجي. جهڙي تهڙي حال سان
به پنهنجو ڪم نه ڇڏيو.

جنهن ڪم لاءِ هتي آيا آهيو اهو ڪم پورو ڪريو نه ٻيا ڪم
پورا ٿيندو. هتان فيض سان ٿي هلو. جيئن الله سائينءَ کي
وٺي اچو. ٻندا به الله سائينءَ جا آهيو ۽ وري به سرڪار رب
جي روبرو ٿيڻا آهيو. پنهنجي الله جي طرف کان گونگو ۽ ٻوڙو
نه ٿيڻ کپي. اهو مالڪ ويجهو آهي، ٻڌي به پيو ۽ ڏسي به
پيو. هڪڙا گونگا ٻوڙا ۽ انڌا آهن. جنهن زبان هتي حق جي
ٻولي نه ٻولي آهي اها اڳيان گونگي آهي. جن ڪنن هتي حق
جي ٻولي نه ٻڌي آهي اهي ٻوڙا ۽ جن اکين هتي حق نه ڏٺو
سي اڳيان انڌا آهن.

Scanned by CamScanner

سدائين ٻه زماني ۾ ڪونه رهبو. زماني ۾ ڪيتري محويت ولبي جو زمانو آخر فنا آهي! زماني مان ٻه ماڻهو نڪرندو پيو وڃي. الله ياد ڪريو، زمانو ڪيترو ياد ڪبو! زمانو گذرگاهه آهي ۽ آخر فنا آهي. نيٺ هڪڙي ڏينهن ڇڏي هلبو. بقا ٻه سندس ذاتي کي آهي. فنا ۾ ماڻهو ڪيترا هٿ هڻندو! ماڻهو فنا جي ملڪ ۾ ويٺو آهي. بقا وري ٻـ سندس ذاتي کي آهي. سو رهڻ ٻه بقا ۾ گهرجي. زماني جي ماڻهن لاءِ زمانو ذڪر آهي. هرڪوئي پنهنجي ڪم جو منصور آهي.

هي سيٺي منصور کهي کهندين ڪيترا!

ڪهڙو فـاني جهان جو ڀروسو آهي، ڪهڙو بي بقا حياتيءَ جو ڀروسو آهي! پنهنجي زندگيءَ جو خير گهرجي. هيڏي هوڏي ڏسندي سڀ لهي ويندو! هيءَ ته هڪ ساعت آهي. باقي منزل اڳيري آهي. هيءُ آخرين وقت آهي. سالڪ لنگهي ويا، جيئن راهه ڪجي وڃي، بـاقي وڃي ڪڏهن ڇڏي، تيئن اسين ماڻهو ڪڏهن آهيون. سالڪ لنگهي ويا. تنهنڪري زماني ۾ مخمور نه رهجي. هن زماني ۾ ظاهري جيڪي ڏسندا ٿا رهو اهو سڀ فنا آهي. بقا آهي فقط مالڪ جي نام کي اهو نـ وسارجي. زماني جي تماشي کان اک ٻڌي ڇڏيو.

طالب دنيا جا ڪيترا ڏينهن ٿيندو! سو طالب حق جا ٿيو، ته اڳيان ٻه وڻو. باقي هتي ڇا رهڻو آهي! رڳو بيخوفا نه رهو. نيٺ اولاد آدم جو آهيو ۽ طرف انهي ڏي سعيو ڪريو جنهن طرف ڏي هاڻي جلد هلڻو ٻه آهي. نـ ڇاڻو دنيا جو ڀروسو، نه ڇاڻو حياتيءَ جو ڀروسو، نه ڇاڻو محل ماڙيون، جو اهي اوهانکي ڪنهن ڏنيون آهن؟ دنيا دولت اها ڪنهن ڏنيوَ ۽ ساري جهان ۾ هيتري آبرو اوهانکي ڪنهن ڏني آهي؟ جنهن هيتري آبرو هت ڏني اٿو اهو نه وساريو ته هزار ڀاڱا واڌاري

آبرو اڳيئون ملندي. سڌس راز گهرجي ۽ راز سان رهجي. عزت ذلت خدا جي اختيار آهي.

رڳو زماني ۾ به مخمور نه ٿيڻ گهرجي. زماني جي مخموري وچي مغروري ڏيکاريندي آهي. زمانو واجبي مناسبيءَ سان آهي. زماني مان به ماڻهو نڪرندو پيو وڃي. سانجهيءَ صبوح وڃي پيو ٿو. سنل وينل به وڃي پيو ٿو. جي وينو آهي ته به وڃي ٿو، جي سنل آهي ته به وڃي ٿو. ڪجهه پنهنجو اڃڻ وڃڻ به ياد ڪجي. هي جهان اهڙو آهي جو آيو ٽڪيئي ڪونه. هاڻي هتان نيڪال ٿيڻ ۾ دير ڪانهي. هن فاني جهان مان ماڻهو ڊوڙ وڃي ٿو پيو. فنا جي ملڪ ۾ ويهي رهيا آهيو. اوهين بقا جي ملڪ ڏي نتا هلو جو موت وساري ڇڏيو اٿو! اُن ئي پهر اونده ۾ پيا هٿ هڻو! رب جي نالي کي ختم ٿا ڪريو. بقا واري ڳالهه اوهانکي ڏسيل آهي، سا ياد رکو. موت ياد ڪريو، رب ڏانهن اعتراض نه ڏيو، سائيان هلڻو آهي. اعتراض رڳو رب ڏانهن ڏيو ٿا سي اڻ ٿيندڙن ڳالهيون آهن. هيءَ جهان بيائيءَ جو آهي. بيائيءَ جون ڳالهيون سمجهو ٿا، باقي هيڪڙائيءَ ڏي بيخبر! خدا جو خوف رکو. وحدت کي وٺو جو ڪثرت ۾ ويهي نه سگهبو. پويان پساه آهن، اهي رب جي نالي سان هجن. هاڻي پنهنجي مدد به سنڀار جي.

هي زمانو اهڙو آهي جو ڪيئن داناه ديوانا ڪري ڇڏي. زمانو اصل نه ڇڏيندو. جي ماڻهو بيمار ٿي پوندو ته دوا ڏيئي به اُٿاريندا. آخر تڏهن ڇڏيندو جڏهن نبض صفا ويهي ويندي. هن زمانــي جي دردن جون دانهون هلي اتي محبوبن کي پيش ڪنداسون.

هي زمانو سارو آزار آهي. زماني ۾ ڪيترو رهبو! نيت خدا سان ڪم پوڻو آهي. هيئر ٽائيم اچي پيو آهي. اوهين پنهنجي

آزار جي ڳڻ ڪريو. اها دوا تنهنجي ورثل آهي. اڪسير روانو ڪيل آهي، پر ڪري به ههڙي نه.

آهي گهڻو اڳهن جو نسروس طبيبن،
وس ڪيا وڃن، مگر ڪريءَ ريءَ ڪين ٿيو.

زماني جي آزار جي دوا اوهانکي ڏسي ٿي چڱي جي. عاجزيءَ جون پاڙون ۽ توبه جون هرڙون، امر جي حمام ۾ قناعت جي دستي سان ڪٽي سنهيون ڪجن. پوءِ پرهيزگاريءَ جي ديگڙيءَ ۾ وجهي، حياو جو پاڻي ڳڏي، محبت جا مچ مچائجن ته دوا لهي پولدي. پوءِ شڪراني جي پيالي ۾ وجهي، الحمد جي چمچي سان کائجي. جيڪو ائين ڪندو تنهنکي زماني جو آزار ڇڏي ويندو.

هي جهان سور بري ۽ لڳائيءَ چڱائيءَ جو آهي. دوائون آهن ٿي بيمار جون. هڪ ته اها شرعي جيڪا طبيب ڪندا آهن. جي انهي مان چڙهي ته لک، نه ته پوءِ اڳڻ جي اڳيان خيراتڙي پيٺي بکٺي اُجٺي ڪري ڪارائجي. اها به دوا آهي. جيڪي پڇي سگهي اوٿرو وانت الله جي اڳڻ جي اڳيان خيرات ڪجي. اها خيرات، رذل طعام، جيڪي بکيا ماڻهو رستي تي ستل هوندا آهن تنکي به کارائجن. جي انهي مان چڙهيو ته واه نه ته دعا دوا آهي. دعا سدائين سني آهي. دعا وڏي دوا آهي. پر جي اصلي پچاڻي هولدي ته نڪا دوائي لڳندي نڪا دعا لڳندي. پر دوائون اهي ٿي آهن. اول شرعي، نه ته پوءِ اڳڻ جي اڳيان خيراتڙي پيٺي هلي، بکيو اُجيو پلي کائي وڃي اها به دوا آهي نه ته پوءِ دعا دوا آهيس.

پنهنجو لاش ماڻهو وڃي نه رولي جو هيءَ بر بيابان آهي، ڪو ڪنهنجو ساٿي ڪونهي. هن بر ۾ آيو ٽڪيٺي ڪونه ٿو، هرڪوئي

هليو ٿو وڃي. خبردار رهجي پنهنجي رب سان. وقت هاڻي ٿورو بيٺو آهي، وقت تنگ آهي. انهيءَ تنگ وقت ۾ رب نه وساريو.

جيڪي آهي اڄ سو صبوح ناهي صديق چوي.

ويهي ڪين وڃاءِ، ٽوڪي وري به هلڻو پوندو هوس ڏي.

جيڏانهن ويئي ڪالهه، اڄ به وڃي ٿي اوڏهين.

چوي ٿو ته تون وڃي ڏس. منهنجي ڪهڙي قدرت نٿو ميڃين! هيءَ سڀ قدرت انهي جي آهي. هيءَ جيڪا ٻولي ٿو ڪري اها قدرت به انهي جي آهي. هنکي هنر ڪنهن سيکاريو!

آپ ڪري ڪل ڪام، اوران هنر بتاويگا.

ڪم ڪندڙئي پاڻ آهي، ٻين کي هنر پيو ڏسي. رب سالڪ آهي، رب ڏاهو آهي. هرڪوئي سرڪار جو موڪليل بندو آهي، وري به روبرو ٿيڻو آهي. اڄ زمانو اهڙو آهي جو مائٽ ۾ موي وڃجي. مون وٽ هڪ ڏينهن هڪ مست آيو. ٻه سيد به آيا. انهن مان هڪ مست کي چماٽ هڻي ڪڍي. مست ٻيو پاسو ڏيئي چين ته ادا هيءُ پاسو رهجي ويو آهي انکي به سيڪت ڏيئي ڇڏ. سيد ٻئي لڄ جا ماريا هليا ويا. سو ٽپو اڇلي ڏيو پنهنجي جان بچايون وينا هجو. هيءُ عبرتخانو آهي. هيڏي هوڏي ڏسندي ٻڌئي ٿوري ويئي آهيس.

دنيا گذرگاه، محشر ڪا خدا حافظ.

هي جهان هيري لعل جواهر جو آهي. هيءُ جهان ڏاڍو چڱو آهي پر ڇڏي وڃبو. رات کي قرار ڪونهي ڏينهن کي قرار ڪونهي، درياه کي قرار ڪونهي، حياتيءَ کي به قرار ڪونهي. هن فاني جهان ۾ ڪيتريون لعدان ڪبيون! هن صفات ۾ ماڻهو

Scanned by CamScanner

ڪيترا هٿ هڻندو! ماڻهو گهڙيءَ بينو آهي، باقي الائجي ڪيترو بيهندو! هي جهان اصل جو نقل آهي. بين سان ريس نه ڪريو جو ملڪ ۾ مجهوليءَ ۽ حيواني گهڻي ٿي پيٺي آهي. فقط مالڪ جي نالي کي بقا آهي. رب ڪريم راضي ڪريو.

يهه جگ سارا جان سپنا، ايسي نيند مين ڪيون سويا!

سي نه ٿيندءِ ساٿي، جيڪي تو پانهنجا ٿي پاڻيان،
هاڙهي هلندءِ ڪونڪو، پاءَ نڪو پالسي.

هيءَ جهان آهي فنا جو، محل ماڙيون به فنا، تون آءٌ به فنا، ڏک ڏوراپا به فنا.

ڪهڙو ڀروسو آهي زماني جو، زماني ۾ آهي ڇا؟ ڪوڙي ٻاٽ نه ڪوڙو بيان. ڪتي ڪنيو هو هڏو وات ۾، گهڙيو درياه ۾ نه پنهنجو پاڇولو ڏٺائين. ڀانيائين نه ٻيو ڪتو ڪو هڏو ڪنيو ٿو وڃي. سو هنجي هڏي ڪسڻ لاءِ جهٽ هنيائين نه سندس وات وارو هڏو به ڪري پيو پاڻيءَ ۾! ڇڏ سواءِ محبت رب جي ٻئي جهان ويا! زماني جو ڀروسو ڇڏي رب ڪريم جو ڀروسو ياد ۾ رکو.

اڳيئون به سوڳو هوندو سو، جنهنجو عشق الله سان.

جيئن رب ڪريم جي يادگيري ۾ مري وڃجي. مرڻو به ضرور آهي، شل پنهنجو ڪري ماري، شل ماڻهو ڪري ماري. زماني جي عادت سستي ڏيکاريندي آهي، توڪل ڪجي.

هن پاڇولي پنهجي پنيان ڪيترو ڊوڙندو. فنا ۾ ڪيترو ويهبو! پنهنجو اصل ياد ڪجي. پاڇولي جي پنيان ڊوڙندي سج لهي ويندو. سچي جهان ڏي پيو وڃجي. اڳيئون به نبي، نيڪ، غوث، قطب ۽ قلندر آهن انهن ڏي ٿو وڃجي. انهن

نيڪن جي اڳيان الله سائين شل ڪنهنکي پشيمان نہ ڪري. هتان تہ ٽائيم اچي پڄڻو آهي. هاڻي هلڻو ملڻو انهن سان آهي. اڳيئون شل مردن جي جماعت ۾ هلي ڪوئي پشيمان نہ ٿئي.

کهڙو پروسو آهہ زماني جو! جهڙو وقت اچي، رضا تي راضي رهجي. صبر ۽ شڪر ۾ رهجي. ٿورو ڏسي اُرهو نہ ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نہ ٿجي. هرحال ۾ خوش رهجي. جيئن هلائي تيئن هلجي. ڳڻتي ڪبي تہ ڇا ٿيندو؟ ڪم سڀ الله سائينءَ تي آهن.

ڪنجون، قلف، ڪڙا، ٿيئي حوالي هوت جي.

هيءَ هلندڙ قافلو آهہ، بعضي سوڙها لڪ بعضي سبيل. ڪو سدائين انهي لڪ ۾ بيهي رهبو ڇا! اُها رات ٿي نہ آهي جيڪا سواءِ صبوح جي رهجي وڃي هجي.

جيڪي زماني ۾ سوڌو ٿا هلن سي بہ فيض سان آهن پوءِ چاهي ذڪر فڪر سان هجن يا نہ. عقل وارو هجي، چاهي ذڪر فڪر وارو نہ هجي پر زماني ۾ پورو هجي تہ انکي بہ بي فيضو نہ چئبو. زماني مان لنگهڻو بہ ضرور آهي. هن زماني جي بازيءَ ۾ عام رهيا. سالڪ جيڪي هوا سي عارفبازيءَ ۾ آيا. هي جهان فاني ۽ خوفناڪ آهي. جيئن ماڻهو خير سان هلي مول سلامت پهچي تہ لڪ ٿيو. هي جهان سور ٻري جو جهان آهي، پر پوءِ بہ جهڙي تهڙي حال سان بہ رب ڪريم نہ وسارجي. وقت ٿورو بيهڻو آهي، ٿوري وقت ۾ ٻه وڙ ڪبي آهي. ٿوري جيئڻ لاءِ ڪري پنهنجو خيال نہ ڦاسائجي زماني منجهہ. ڪي ماڻهو زماني جي ڳالهہ ڪٿي آيا ۽ اچي گوڙ ڪيائون. مون چيو تہ ٻچو مون تہ توهانجي ڳالهہ نٿو سمجهان. گلابراءِ چيو تہ سائين زماني جي ڳالهہ ڪٿي آيا آهن. ماڻهن ڳالهائيندي همت پير بہ پٽي هلايا. مون چيو ٻچو مون تہ ٻوڙو آهيان توهين علي گل

Scanned by CamScanner

ڪري وچي ڳالھ سمجھايو ته هو اوهانجو فيصلو ڪندو. ماڻهو اٿي ويا. اسان گلابراءِ کي چيو ته رهاڻ ۾ زماني جو ماڻهو آيو ته جڻ چٽو ڪتو آيو، زبان سان گڏ ٽنگون ٻانهون به پيئون هلنديس. زماني جي رنگ ۽ تماشي کان پيچ پري. رنگيءَ جا رنگ ڏس. عاشق عشق سان رهه. نه وسري نه وسار. اهي زماني جا رنگ اهي نفس جا رايا آهن. جيڪو اوهانکي مليل آهي اوهين انهي رنگه ۾ رهو. اها دل رچي ايندي جيڪا انهي رنگ ۾ رهندي. عام سان ريس نه ڪريو. هيءَ چوڏهون سَن آهي ۽ ماڻهن ۾ بيخوفائي گهڻي آهي. بيخوفي سان صحبت ئي نه ڪجي، خوف خدائي رکجي.

سڀوئي زماني ۾ نه هججي. ماڻهو سڀو جنهنجو آهي، اوڏانهين هججي. زمانو هڪ سپنو آهي. زماني ۾ هٿ پير هڻجن ٿا اها هڪ زماني جي بيماري آهي. گشيءَ زماني جي ۾ ٿو هٿ پير هڻي. ايڪيتاليهون حصو هججي زماني ۾ ۽ چاليھ حصا پنهنجي رب جي محبت ۾ هججي. ماڻهو نانگو آيو آهي ۽ بکيو ويندو. مگر ساري جهان مان اڪيلو هلڻو پوندو. هُن ملڪ ۾ ٻول وچن ڪري، پوءِ ماڻهو آيو آهي. ٻر پوءِ ڪنهن سنياريو ڪنهن نه سنياريو. وري هتان سامان اهو ڪڻندو جيڪو ماتا جي پيٽ مان هٿ آندو هوندائين. پير فقير چئي چڪا، مرشد به چئي چڪو، الله سائين به امر ڪري چڪو. چوي ٿو ته مون توکي پنهنجو ڪيو آهي، تون به مونکي پنهنجو ڪر. اهي سڀ ميارون لاهي چڪا، ڪجھ سمجھ رکو. رب ڏاهو آهي. تنهنڪري چڱو ائين آهي ته

گهر مان ڪڍي گهلِ، تون وڃي صلح ڪر سلطان سين،
ته تون تنهين جي در، ڏهاڙيون ڏاڻ لهين.

درياه جي سير وني ماڻهو ٻئي ٻانهون هڻي ترندو ته ٻئي

ڪنارا ڏسبس. پر جي هڪ ڪنارو وٺي ترندو ته ٻيو ڪنارو پري ٿي پوندس. جنبو هڪ ٻانهن پڳل اٿس، مڙس ماڻهو نه آهي. طالب ٻه جي دين ۽ دنيا ٻنهي پاسي پورو آهي ته جنبو نه مڙس ماڻهو آهي. درياه جي سير وٺو ته ٻئي پريون ڏسندا وڃو. مرد اهو جو ڪچهريءَ مان اٿي، ته ٻئي ٻانهون هٿي اٿي ۽ ظاهر ٻه پورو ته باطن ٻه پورو. اولياء ۽ انبيا جيڪي ٻه پنهنجي محبوب جا رسيدا پيارا آهن، انهن ننگن ۽ ننگو تي نظر رکي آهي، باقي مستن تي ميار ڪانهي. جيڪي ٻه جنجي چوائيءَ، ادب احوام ۾ وينا آهن، انهن جو ٻه حق خدائي بار ٿئي ٿو.

حق دي ڳالهه ناحق نهين.

سچي دنيا ترڪ ڪجي ته پلي ڪجي پر ٻه شيون ترڪ نه ڪجن ۽ هڪ ننگ ٻيو ننگر. پر جي لاچار اچي ٿئي ته ننگر ٻه ترڪ ڪجي پر ننگ اصل ترڪ نه ڪجن. نبي ڪريم جڏهن جاوا ته ملائڪن کي حڪم ٿيو ته هيانوَ کي شِڪاف ڏيون ۽ پوءِ اندر ڌوئي صاف ڪريون. ڌوتائون ڪوثر شراب ۽ آب حيات سان پر ترِ جيترو ٽڪو رهجي ويو. تنهن تي ملائڪن صدا ڪئي. ٻولي ٿي ته اهو تر جيترو ٽڪو نه لهندو جو اهو ننگن جو آهي!

سواءِ رب ڪريم جي ٻيو ڪهڙو ٽپڙ هتان کڻبو! ماڻهو جيڪي ڪم ڪري ٿو سي سڀ ڇڏڻ ئي ڇڏڻ وارا. جيڪي اڏي ٿو سو ٻه ڪاڻ ڇڏڻ جي. ڪيترا ڏينهن ڇڏڻ وارا ڪم ڪبا؟ هلڻ وارو ڪم ڪريو. پنهنجو اصل ياد ڪريو. اصل ڇاکي چئجي؟ پاڻ "ڪن" فرمايائون ته ٻئي جهان ٿهي وڃن. مٿان وري ملايڪن چيو "فيڪون" ته ٻئي جهان ٿهي ويا. الله سائينءَ جڏهن پهرين روح پيدا ڪيا ته ٻولي ٿي "الست بربڪم". مڃو ته مان توهانجو رب آهيان. اها ٻولي ٿي ٽن جماعتن تي. الي روحن جي اڳينءَ جماعت واعدو ڪيو "قالو بلا" تحقيق تون اسانجو رب آهين.

زماني منجهان ٻه ماڻهو نبرندو ٿو وڃي. جيڪا ٻه ساعت حياتيءَ جي هجي سا پنهنجي محبوب سان رهجي اچي. پلا سواءِ مالڪ جي ٻيو ڪهڙو ڪم چئجي يا لکجي؟ اڳيئون ٻي ڪهڙي آهه وسئڻ وچ ٿي سواءِ رب جي! ڪيترو ٿو توهانکي چئجي تہ رڳي زماني جي تانگهہ ڪٽو! وحدت سان رهو جو ماڻهو وڻجاروئي وحدت جو آهي. هيءَ بازار اهڙي آهي جيڪي گهر سو ملي ٿو. ماڻهو جيڪي گهرڻ آيو آهي اهو گهري ولي. ملي ٿو اُميدوارن کي، سڀ وس انهن جي آهي. اوهين بہ وس انهن جي وڃي ٿيو. پوءِ ڏارين ٽوڙي لوڏائين، ڳل ڳچيءَ پيل هججي. هوڏانهن نالو تڏهن توهانجو لکبو.

هت جج پائي آهن، پنڊڻ پائي ڪونهي، پنهنجي پنڊڻ جي ڳڻ ڪجي. ڪير مرڻ ڪانپوءِ جو روئي ٿو سو ائين جيئن ڪنهن جو ڪمائيندڙ اُٿ مري پوي. توهين مانگرمڇ وانگر ٻچن تي پئجي ويا آهيو. ڪيترا ڏينهن نگهبان ٿي سگهندا ٻچن جا! دل جي ديگ ٽپايو. اهي گهر پاڻ ڪانپوءِ ٻہ پيا هلندا چلندا. ٻارن نندن ۾ مخمور نہ ٿجي ۽ خدائي خيال رکجي. نہ مخمور ٿجي. توهانکي ڇڏائجي ٿي زماني جي تانگهہ. ماڻهو واڻا واهو، نہ ٿرسي سگهندو. جنهين لاءِ هت پير ٿو هڻي اهي سڀ جج پائي آهن، پنڊڻ پائي ڪونهي ڪو. معنيٰ ڪٽڊيس پر وصف پنهنجا، ٻين جي وصفن ڏانهن نہ نهاري.

اُپني آپ نون سمجهاءِ ٻهان دي نال تيڏا ڪيا!

حب دنيا سِرُ خطا، ترڪ دنيا سِرُ عبادت.

بادشاهن بادشاهين کي ترڪ ڏيئي ڇڏيا. تون گهر جي ڪند ڇڏي نٿو سگهين! نيت نظر صرافن جي چڙهيلو آهه. ميران ٻائي ٻادشاهزادي هئي. سپاهي موي ويندين تہ بہ اهو گهر پيو هلندو. اها سموري آڪهہ تنهنجي هڏ شريڪ آهي. دل شريڪ نہ فقير

Scanned by CamScanner

اُنيئي جيڪو تنهنجي دل جاڳائي تو پيو. تون وري فقير ڏانهن مت ڪري زماني ۾ تو منهن هٽيو! مون اوهان جو ابو امان آهيان. اوهين منهنجي آکه آهيو. انشا الله تعاليٰ گڏ هجبو. رب گڏيا آهيو. اوهين هوند دل شريڪ آهيو. الله ۽ الله جو حبيب راضي هوندو.

توهانجو چوڻ آهي تہ ٻارن کي اڪيلو ڇڏي نٿو سگهان. هڪ تہ ڪوئو پاڻ نہ لنگهي سگهي ٻو ۾ رهندا ڇچ تو ٻڌي پنهنجي پيچ سان پوءِ تو دانهن ڪري. جيڪي آيا سي اگهيا. اچو وڻو دعوت لنگهڻ جي، فاقيا ڪيدو.

فڪر ۽ فاقيو آهي مَرڪ مارن جو.

ڪُيوُن آيون هيوُن صرافن وٽ. چيائون تہ اسانجي تنگي لاهيو تہ بهشت وٺون. صرافن سير سير سون جو پيچ سان ٻڌي ڇڏين. ويچاريون وڃي نہ سگهن، تاريڪ پيئون سيرن! اهي دليل لاهي ڇڏجن دل تان.

اهي ٻار ٿا اوهانکي ڪيڏائين پيا اوهين نٿا ڪيڏايون. هي ڏوتين جو ويڙهو آهي، ساري عمر پنهنجي خواب نہ ڪجي. اهي نفس جا رايا آهن. پنهنجي ساري وارادات سيارجي، دليل سڀ دور ڪندو وڃجي. چڱو دليل تہ ٻہ رب جي مت تہ نہ آهي! سڀ دليل ٽاربا وڃجن. نيت دعويٰ ڇڏجي پوءِ درشن ٿيندا. اڪ ٻوٽي پوءِ ٻيا ڇڏائيندا. درجہ بدرجہ پاڻ ڇڏيندو هلجي. جهان دنيا جو آهي ۽ دنيا رڳي غم آهي.

ٻاهر گذارجي، نہ تہ انهن ٻارن کون ۽ انهي عقل کون ماڻهو چريو پلو آهي. چرين تي ميارئي ڪانهي، عقل تي مار آهي. پوءِ جنهن عقل ڏنو، يقين ڏنو، جا شي ڏسو ٿا سڀ انهي جون ڏنل آهن، پوءِ اهو ڪيئن وسارجي! ماڻهو هجو تہ پنهنجي ڪم

Scanned by CamScanner

کي ولو. اهو سڀ ڪم توهانجو ٿو توهانکي ڇنجي. اهڙي ملڪ ۾ وڃڻو اٿو جتي امڙ نڪو ابو. توهانکي ڪو خوف خدا جو ڪونه ٿو پوي! پنهنجي هيڪلائيءَ جا ڪشالا نِتا سڄهڻ! پوءِ اينريون جدايون ڏسي ڪيئن ويهي رهيا آهيو؟ ارمان آهي مونکي توهانجو. هاڻي مخموري زماني جي ڇڏي ڏيو. نانا ڏاڏا اڳي ٿيا آهيو ته به اڃا خبر ڪانه اٿو! رڳو لڙ مان نڪرو. لڙ ۾ دوست دشمن جي خبر ڪانه پوندي آهي. جيڪي لنگهي ويا آهن سي ڏاڍو ٿا ياد ڪن تـ هي ڪڏهن پنهنجي گهر ايندا. جي انهي ملڪ جي رڳو بوءِ اڳي زماني جي ماڻهن کي، ته هوند دانهان ڪن.

ڪيترو هن فاني جهان ۾ ماڻهو ويهندو! اول آخر، ظاهر باطن ڪم رب ڪريم سان پوڻو آهي. رب ڪريم اوهان راضي ڪريو ته اوهانکي به رب ڪريم راضي ڪري. طلب دنيا جي ڇڏ جي، طلب پنهنجي رب ڪريم جي رکو ته وڻي اڇو پنهنجي رب کي. رب راضي ته جڳ راضي.

ٿو منجهه آهي سو سر سارو جنهنجا پند پڇين ٿو.

هن زماني جي بهاريءَ کان محبوب جو غم پلو آهي. رات ۾ سڄ جا غمزا آهن، غمن ۾ وري محبوبن جا غمزا آهن. هاڻي سک ڇڏ، ڏک محبوب جو پلو آهہ. ڏک سکن جي سونهن آهن. رڳا سک به جدا ڪندڙ آهن.

ماڻهو زماني ۾ ريجهه رکي ويهي رهيو آهي. رڳو زماني جي راند ۾ به ريجهجي نه ويهجي. زماني جي مخموري چڱي نه آهي. چڱو الله آهي ۽ الله جو نالو، جنهنجي نالي ورتي لکيا ڏوهه لهي وڃن! زماني جا لاڳاپا ونگه وجهي ٿا ڇڏين هلڻ ڏانهن. هي وڏو سفر آهي، سياڻي ويا اڳي ڇڏائيندا سو پاڻ ئي ڇڏي

ڏجن اهي لاڳاپا. وحدت ۾ وڃي پئجي. جا گهڙي خيال سان ويهجي، زمانـي جا وهم وساري ويهجي. پوءِ ٻه ڪُل سان هججي. اها ٻه هڪ عارفن جي رانـد آهي، عارفبازي آهي، مرداني راند آهي.

زمانو گمراه ڪندڙ آهي مالڪ جي طرف کان. ڪم ته هوندن ٻه الله سائينءَ تي آهن. دنيا ماڪري آهي، رڳو اهي مڪر پيا ٿا لکو. ڪيترو مَڪَرن ۾ گذاريو! رب ڏانهن مڪر ڇڏي ڏيو. هرڪنهن جي خبر آئي ٿي پوي.

ڪَنبو پيَو قهار.

زمانو رڳو مشڪلات آهي. زمانو سارو سور آهي. سورن مٿ هرهڪ وت آهي، ڪٿي ڪٿي وري گهٽا آهن. هي جهان سور ٻري جو جهان آهي، جو پنهنجن پيارن کي ٻه ڏنا هوائون، پر تڏهن ٻه رب نه وساريائون.

سور سختيون سالڪن ڏي محب مهمانيون مڪا،
اهنج اوکيون عاشقن ڏي محب مهمانيون مڪا.

ڏک جا ڏينهن گهٽا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. سک جي گهڙيءَ جو قدر ڪونه پوندو آهي. پر ڏکه فقير لاءِ ڏاج آهي. ڏکه جو نتيجو سک آهي. جهڙيءَ طرح ڪوڙيءَ دوا جو نتيجو صحت آهي. هي جهان دنيا جو رڳـو غم آهي. ٻهاري مالڪ سائينءَ جي نام سان آهي. زماني جي اجاين غمن مان ڇا ٿيندو؟ پوءِ ٻـ جيڪي رب ڪندو اهو ٿيندو.

زماني ۾ رڳو اونـده ۾ هٿ هٽا آهن. ڪيترا هٿ هٽي هٽي مري ويا ته ٻه پاندي پوري نه ٿي.

گذريءَ نون ڇوڙ، فڪر ڪر اڳ دا.
هيءَ ته هٿ وهاڻي، نون آڳه ڪر اڳ دي.

Scanned by CamScanner

اُت ٿي پھر اوندھ ۾ ٿا ھٿ ھڻجن. ڪجھ سوجھرو ڪريو ته
ڏوست دشمن جي خبر پوي. ڪيترو پڙھيا آھيو! حلال حرام
سڃاڻو ٿا؟

جنھن کي سمجھ نه آھي، تنھن سان تعدي آھي،
اھو مرد نه آھي، مادي آھي.

ات ٿي پھر ماڻھو زماني جي غوطن ۾ آھي. انھن غوطن پنھنجو اچڻ وڃڻ ٿي وساريو ڇڏيو آھي. منجھي پيا آھيو زماني جي بازار ۾. عشق جي بازار ۾ اچو. اتا جاوائي ڪونه ھيو ته پيا ڏسوٿي ڏسو ٿا. توھانجي ڏسندي جھان ٿو وڃي توھين پيا ڏسوٿي ڏسو ٿا. ڏسو پلي پر انھي کي ڏسو جنھنکي ڏسڻ آيا آھيو. جي ڏسڻ منجھئون ڏسو ته سڄڻ سامھون آھه.

ھي زمانو ھڪڙي گپ آھي. زمانو سڄو ڏيا آھي، سو ھلڻ کان به انھن ڏين جھليو آھي. جيئن پوءِ ٿيئن ماڻھو قابو ٿيندو ٿو وڃي. زماني جون سڏان ماڻھوءَ کي سيڙائي ٿيون وجھن. خلق زماني ۾ گرفت ٿي ويئي آھي، يادگيروئي ڪونه ٿو پوين. ھن فاني جھان ۾ ڪيترو زماني جي محبت سان ھلبو! محبت رب جيءَ منجھ رھجي. زماني جا پيوند درجي بدرجي ڇڏيندا اچو. جيئن انگريز ملڪ ڪلندي ڇڏيو آھي، تيئن ماڻھو ھتان ڪلندي ڇڏي ته چڱو آھه.

ٿورو ڳالھائڻ، ٿورو سمھڻ ۽ ٿورو کائڻ اھا وڏي ھدايت آھي. انھي کي بيماري گھٽ ٿيندي. خاصا کائڻ، خاصا ڪپڙا ۽ خاصن ھنڌن تي سمھڻ انھي کي اولياءَ اويس ڪرني، پيغمبر جو يار، بارگر رسول ٿو چوي ته دوزخ رڳن کان به ويجھو اٿس. اڄ ماڻھو لذتن ۾ ڪري پيا آھن. ماڻھو مرن ٿا مال لاءِ جيئن ڏونڊي مٿي ڪيڙا. لذتن سارو جھان جھلي وڌو آھي. اوھين رب قبول ڪريو، زماني جي حوص کي ڇڏي ڏيو.

هي جهان گپ آهي، هن ۾ ٺڳيبازي آهي ڏاڍي. هن ظاهر جي گپ ۾ پير ٿڪن، زبان ٿڪي، اک ٿڪي ۽ همت ٿڪن. اهو ڏک آهي ڳاٽي ڀڳ جو. جيئن پل صراط جو ڏک هجي. هيءُ پل صراط تان ٽپو ڏيڻو پيو. هنئون ڏکن کان بچي هلي ته اڳيان ڏکئي ڪونهي ڪو.

ماڻهو زماني ۾ وڃائجي ويو آهي. پير فقير ۽ مرشد ڇڏي چڪا آهن پر اسانکي رڳو زماني جا اعمال ٽا وڻن. فنا جي ٽڪاڻي ۾ ماڻهو ويهي رهيو آهي، پڻ ٻه الله ڏانهن ڦري ويئي آهي. اهڙي عقل کي ٻئي ٻن ڏجي. جيئن زماني جو خيال ڪندو تيئن خلط خراب ٿيندا ويندا. رات ڏينهن ماڻهوءَ کي نفسان نفسي لڳي پيئي آهي. جڪندي جڪندي عمر وهامي ويندي. زمانو ڪونه ٽو وڃي، ماڻهو پاڻ ٽو زماني کي وڃي. زمانو اوهان مان ڦاٽو آهي، اوهان زماني مان ڪونه ڦاٽا آهيو. هن زماني جي دردن جون داهون هلي اتي محبوبن کي پيش ڪنداسون.

زماني ۾ نيڪ نبي سڀ گذار ڀندا آيا. لاهي پائي زماني تي ٻه نه ٻيهجي. هي جيئڻ ٿورو آهي پڻ گهڻو آهي، سو ٿوري جيئڻ لاءِ رب ڪريم نه وساريو. هيءُ هلندڙ قافلو آهي، رڳي ڏيهري جي جاءِ آهي. هڪ ڏيهري لاءِ ڪري ساري عمر نه وڃائجي. جهان لڏيو ٽو وڃي، توهين ٻه ڪا لڏ پلاڻ جي ڪريو. هي جهان گذر جو آهي. گذارو ڪيو هرڪوئي هليو پيو وڃي. اڳي ملڪ ۾ فيض گهڻو هو جو ماڻهپو گهڻو هو. هيئنر ملڪ ۾ ماڻهو ٿورو آهي، حيواني گهڻي آهي. اڳي لٽ بانڌو ڪتي ٻلي لاءِ ڪٽبو هو، پر هاڻي ماڻهوءَ لاءِ ٽو ڪٽجي.

ساري عمر سانجهڻ (چلهه) جي ڪم لاءِ پڇندا ٽا وٽو. سانجهڻ جي ٻاهران ڦرڻ اها ٻلن جي عادت آهي. سياڻي ٻلا ٽي مرندا! ڦٽل ملڪ جي ڀروسي تي وهڻ اها عادت چيرن جي آهي.

پوءِ سياڻي ڇپريون ٽپي مرندو! ماءُ جي پيٽ مان آنڌاري کوٺيءَ مان نڪري وري ٻه آنڌاري کوٺيءَ ۾ گهڙي ويهي رهيا آهيو. اها عادت ڇمڙن جي آهي. سياڻي ڇمڙا ٽپي مرندا. فنا جي ملڪ ٽپي ڀروسو رکڻ اها ٻه ڇپرن جي عادت آهي.

هي جهان دنيا جو آهي. ماڻهو دليلن جو دلو آهي. هن دنيا جي جهان ۾ ڪئين داناءُ ديوانا ٿي ويا. دنيا جي لاري نه لڳجي، لاري رب ڪريم جي لڳجي. هي خوف جو جهان آهي، الله سائينءَ کان پيا خير گهرو. الله نه وساريو. هي هلندڙ قافلو آهي. ٽڪيٽ پختو رکجي، متان زماني جي راند ۾ الله سائين وسري وڃي. وري پي الله. هروقت پنهنجي رب جي رمز پاڻ ۾ لڳل هجي. سواءِ مالڪ جي ٻيو هن فاني جهان جي ڪهڙي تعريف ڪجي! تعريف ٻس پنهنجي خالق مالڪ جي جڳائيندڙ آهي. پنهنجي تعريف ڪرڻ شيطان جو ڪم آهي.

زمانو سڄو مرادن جو آهي. جيڪي ماڻهو ڏسڻ ٿا گهرن ته اها ٻه هڪ مراد آهي. هي جهان ته مرادن سان ڀريل آهي، مگر فقير جو پعڻ نامراديءَ جو آهه. ظاهر باطن دست دوئيءَ کان ڌوئي. نامراد اچا نه ٿيو آهي، تنهنڪري رسيدو نٿو ٿئي.

نامراديءَ جي نجهري، پيهي پس الله،
ڇنو رباني راهه، مرادن مخفي ڪيو.

جناب ٽر ڏٺي صاحبن پنهنجي جماعت کان پڇيو ته طالب مجاهدو به گهڻو ڪيو، پر تڏهن ٻه ڪيهريءَ رسيدو نه ٿيو سو ڇو؟ مراد فقير جلالاڻي ٻوڙو هو، ان جواب ڏنو ته قبلا ڪري ڪانهي. پاڻ فرمايائون واهه ٻوڙا واهه! آسمانين رسيدو هجي پر جي وار جيترو مرادن جو دليل پيس ته نڪاءُ اچي زمين تي ڪندو. ڪٽيندس جذ ٻو.

حلال وجه سان پلي ڪري رهجي، مگر زماني جي هوا هن وقت ٻئي نموني آهي. ڪوبہ سود و وغيره ڪرڻو هجي تہ پلي ڪري ڪجي، پوءِ دل جي پسنديءَ پهچجيءَ ۽ ٻئي جي بہ ڪجي. پاڻ وڻندي بہ سيڪبهن ڪم ۾ نہ ڪجي. انهيءَ جاءِ ۾ وينئي بہ اهڙو ڪم ڪجي جو اڳيئون وڻي اچي.

سوئي ڪم ڪريجي جس وچ الله آپ بڻيجي.

اهڙيون جايون بهشت ۾ بہ آهن. حلال وجه جو ڪم پلي ڪريو پر ليڪن ۾ نہ رڳو ويهي رهو. هڪ رب نہ وساريو، طرف رب جو وڻيون بينا هجو. حلال وجه جو ڪم نيڪ بہ ڪري ويا آهن. پوڙل هججي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي انهي لڙهيءَ ۾. بعا دوستيءَ رب جي ييءَ اجائيءَ ڪپت ۾ تو سچ وڃي. ڪتڻ هارائڻ جي جاءِ اها آهي. پلي حلال وجه سان هجو. پر محبت رب جي ۾ رهو. زماني ۾ حلال وجه جا ڪم ڪجن پيا، مگر پنهنجي مالڪ جي طرف کان بيڪار نہ رهجي. انهي زماني جي غفلت کان ماڻهو جيئن ٻجي هلي، جو وڏي گردش آهي. پوءِ اڳيئون ڪوبہ ڏک ڪونهي.

هي جهان دنيا جو آهي، ڪي ٻڏا ڪي تريا.

تارو وچن تريا، نعدا وڏا واهڙا،
الي اڻ تارن، ڳوا مٿن مولهيا.

اهي بحر آڏا اچڻا آهن. هڪ ماڻهو اڻ تارو، بيو گناهن جو مولهيو باري تي پيو. هي جهان هڪ بحر آهي. ڪو ٻڏو تہ ڪو تريو. انسان پڙهيو تہ ٻيڙيءَ تي چڙهيو. جي بارن منهن ڪڍيو تہ جڻ ٻيڙي ٻڏي. دنيا بحر آهي ۽ هي گهوڙي تي چڙهيل آهي. سوار خبردار اهو آهي جو انهي خاني تان لهي پيو. خانو ڇا آهي؟ دنيا هٿ آهي. انهي هٿ کان لٿو جڻ خاني کان لهي پيو. سوار خبردار گهوڙو هميو بحر ۾. بحر بي پايان،

Scanned by CamScanner

گھوڙو ساسي شي، عضوا هٽي هي گھوڙو ڀڄڻ لڳو. سوار خبردار، رڪيب ڇڏي لهي پيو! محبت جي ميدان ۾ انهي گھوڙي کي ٺهلائجي. جي رنگپور جي بازار ۾ ڦتي پوي ته ڇا ڪجي؟ اوجاڳا ۽ ٻڪون ڏ جنس. سڌ و ٿ هلي ته موت جو فڪر ڏيکار جيس. اهو آهي ڏوڙو.

سيپٽي گھوڙي تي چڙهيل آهيو پر واڳ هٿ ۾ هجي نه ته وڃي ٻوڙيندس. گھوڙو ڪهڙو؟ هٿ جي گھوڙي تي چڙهيل آهيو. واڳ هٿ هجي گھوڙي جي. واڳ اها آهي جو خدائي خيال هٿ هجي. خدائي خيال ڇڏيائين جڻ واڳ ڇڏيائين. خيال هٿ هوندو جڻ گھوڙي جي واڳ هٿ ۾ اٿس. دنيا جي عادت هٿ آهي. ماڻهو ٺهي به عادتن سان ۽ ڪري به عادتن سان. ٻيڻ اهو جو ڪنهن سان نه ٺهي. چڙهيا ته اوهين به گھوڙن تي وينا آهيو، پر جڻ ڄڙ گھوڙن تي آهيو جو وقتي راهه تي، وقتي بيراهو ٿو هلي. لغام هٿ ۾ هجي. لغام ڇڏائجي وڃي ته وري جهلجيس. آخر گھوڙو وهو ٿي ويندو ۽ پوءِ پهچجي راهه تي پيو هلندو. بيراهو ماڻهو چڱو نه آهي. راهه جو مرڻ به ڀلو اٿس.

هي اِنسان ايمان جي ڪره ۾ پيل آهي. اٿان نڪرند و ڏڏهن جڏهن رسيءَ کي جهليندو. نڪري تڏهن سگهندو جڏهن هٿ سوگهو جهليندو. ڪڍندڙ جو هٿ تڏهن ڪڍندس، جڏهن ڪوه واري جو هٿ محڪم هوندو. توهين چوندا ته رسيءَ ۾ هٿ به تڏهن پوندس جڏهن امر ٿيندس. هيءَ امر ڪڏهنڪي ٿيل آهي نه سعيو ڪريو؟ هيءَ بيابان آهي. بيابان ان ملڪ کي چوندا آهن جتي ڪو ڪنهن جو ساٿي ڪونهي. بيابان ان کي چوندا آهن جتي ڪوئي ٽڪي نٿو، هرڪوئي هليو وڃي. جنهن پنهنجو پاڻ ئي وساري ڇڏيو آهي سو ڇا سعيو ڪندو! تون نه هيءَ صورت آهين نه هيءَ ذات آهين. هُن صورت ۾ گم

ٿجي. ٿون اصل ذات آهين حق جي. توهين وري ڇوندا ته اسين ٻار آهيون، سائين توهين کوه مان ڪيو. پنهنجي رب جي لاءِ ٻار آهيو. ٻيا نفعا نقصان سمجهو ٿا. باقي رب ڏانهن ٻار آهيو ۽ ٻيڄبرا ٿي پيا آهيو! پنهنجو پاڻکي سمجهائجي.

ٿون اپني آپ نون سمجهاءِ، ٻنهان دي نال تيڏا ڪيا!

سالڪ عقل ڪـي هيٺ هٺي رب اثبات ڪندا آهن. ڪيترو سمجهائبو! سمجهه رکو. پنهنجو پاڻ کي سمجهائجي. وٽو ٻين کي پيرين پوندا ۽ دعائون گهرندا! پنهنجو پاڻکي سمجهايو ته ٻيا اچي اوهانکي پيرين پون.

ٻين سان ٻوڏ ڪرين ٿو، ٿون پورا پاڻکي سمجهاءِ.

رب بيپرواه آهي. زماني جو عقل ننڍو عقل آهي، هوُ عقل ڪل عقل آهي. زماني جي راند اِتي ڏکر وانگي آهي، هوءَ راند وڏي راند آهي. دنيا جو عقل ائين آهي جيئن پيلو گهڙو هٿ ۾ هجي؛ نه واءُ سهي سگهي نه مينهن سهي سگهي. رشوت ونڻ اهو ٻاراڻو عقل آهي. ٻار نه پرچي ته ٻه ٽي پئسا ڏجنس ته پرچي پوندو. آفيسر نه اُهي ته ٻه ٽي سوَ ڏجنس ته پرچي پوندو. پوءِ اهو ٻاراڻو عقل ڪين چئبو!

هي جهان هڪ سپنو آهي، طمع جو جهان آهي. هي دنيا جو جهان آهي ۽ ڪل جي اڳيان جز آهي. جز ڇا جهليندي ڪل ڪـي! هي عقل ڪل عقل جي جز آهي. ڪل عقل کي ڪيئن پهچجي؟ پاڻ جنهن عقل سان وينا آهيون سو عقل صفاتي آهي. هو ذاتي عقل آهي. ڪڙيو پيو وهي، ڪپر وٽي وڃبو ته وڃي درياه تي پهچبو. ذاتس سان گڏيل هوندو ته وڃي ڪل عقل کي پهچندو. هلي ته ڪل عقل کي پهچي. ڪل کي تڏهن پهچندو جڏهن فڪر رکندو. ڪل عقل انهيءَ کي ٿا چون جيڪو

الله کي پاڻ سان دائم قايم سمجهي. جيڪي ڪل کي پهتا انهن کي سارو جهان هڪڙي جز ڏسڻ ۾ آيو. هي ڪجھ سمجهڻو آهي. اها سمجھ به تڏهن پوندي جڏهن موت ياد ڪبو. الله سائينءَ جو نالو موت ماڻهن وساري ڇڏيو آهي. چوطرف زماني جون دانهون لڳيون پيئون آهن. رڳو زماني جي اڻ تڻ لڳي پيئي آهي. ڪم الله ايندو، هتي جا ڪم مڙيئي ڇڏڻ وارا آهن. هدايت وارن سمجهي ڇڏيا. جيڪي طالب مولي پاڪ جا آهن سي به ڪجھ نه پڇن جي ڳالهه ٻڌائين!

هي جهان سارو هڪ خواب آهي.

ڪو سلام سهڻي يار جو مونکي خواب ۾ آيو،
خواب ۾ آيو، سهڻيءَ رات سهاڳڻ ۾ آيو.

يعني نه ڪا دل سهاڳڻ رهندي آهي انهيءَ جي ڳالهه آهي.

ڪت گهڻو، گهر تورو، ٻاهر ٻانهه نه لوڙ.

ڍرائي نه ٻڌاءِ، وک اڳري ڪر.

ماهي يار دي نال دلڙي هوسين، نا هوسين نه به هوسين.

زماني جا ماڻهو نفعي نقصان جي خبر رکن ٿا باقي بندگيءَ ويلي بيخبر آهن. بيخبر سان صحبت گهڻي نه ڪجي، جو ماس جون دليون آهن، انهنجي صحبت ۾ اچيو ٿيون وڃن. خبرداز رهجي پنهنجي مالڪ سان. ڪيترو لکبو، پنهنجو پاڻ سمجهايو. زماني وارن جي صحبت ٻڌي ورئي به توکي زمانو ياد ۾ اچي ويو آهي. چوڪ ڪونه الئي، ورئي به خيال کي زماني سان ٿو ٻڌين! شايد دل سان نه لڳي آهي. جنکي دل سان لڳي انهن کان بادشاهيون ڇٽي ويئون. ڪجھ نه ڳالهه کي دل سان به

لاءِ. اهو نفس جو رايو آهي جو ڦيرائي زماني جي ڪمن ۾ ٿو غلطان ڪري. زماني جي صحبت اهڙي آهي جو

آپ نہ ڪري پر ڏوجهان نون بہ ڪاري.

عام سان ريس نہ ڪجي جو اوهانکي مليل آهي. نڪو عام سان آيو آهي نڪو عام سان ويندو. جيئن سڀ جهان ۾ هيڪلو آيو آهي تيئن ويندو بہ هيڪلو. اهو مالڪ ويجهو آهي، ٻڌي پيو، ڏسي پيو. عام اهي ڳالهيون نہ پروڙيون آهن. ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. وقت تنگ آهي، وسيلا ياد ڪجن. پاڻ حامي آهن سڀين دلين سان. الله ۽ مرشد اوهان سان گڏيل آهن. اوهانجو ڪهڙو ڪم آهي عام سان! عام کان خيال ڇڏائي هٿ ڪجي، پوءِ جيڏي مهل تنها ٿيو نہ مدد سنياريندو. عام کان پرهيز ڪجي، نہ ڳالهائجي. ڳالهائڻ کان صبر ڀلو آهي. عام جي صحبت چڱي نہ آهي. ڪتابن جون ڏکيون ڳالهيون پڻ کان منجهائي وجهنديون آهن. راه بہ جڏهن ورتل اٿو تڏهن قدم وڌايو. هيڏانهن هوڏانهن جي صحبت پڻ کان منجهائي وجهندي آهي. ڪهڻيءَ وارا ڪتاب ڪٽي وڏيون ڏکيون ڳالهيون پيا ٻڌائين، مگر پاڻ وري ايمان جي ڪوه ۾ پيا آهن. رهڻيءَ وارو ٿورو آهي. ڪهڻيءَ وارن جو ڪم اهو آهي جو

آپ نہ ڪري، پر ڏوجهان نون بہ ڪاري.

هي جو خط ٿا اچن توهان ڏي، صحبت رب جي، ڳالهہ مرشد جي! اهو توهانجو قوت آهي. غم گوندر پون ٿا من ۾ پوءِ ارمانجي ٿا پئو. پنهنجي رب جا ٿا پون. اهي فيض وارن کي پوندا آهن، ٻيو زماني وارن کي نہ پوندا آهن. اُنهن کي زماني جا غم گوندر پوندا آهن. اُهي حق جي نالي کي نفي ٿا ڪن، پاڻکي اثبات ٿا ڪن. دنيا جي بهاريءَ کان محبوب جو غم

ڀلو آهي. غم ۾ انهيڪي ٿيندا جيڪو ڇاڻي ته منهنجو ذڪر ٿي
نٿو هلي. مالڪ جي طرف ڪان دل کي بيدرد نه ڪجي.

ڀولن جي ملڪ ۾ ٿو رهجي. ڀولن ۾ شيهن اچي ته ڀولا وٺي
اکيون ڀورين هٿن سان. اها چڱ اونده ٿا ڪن. ڀوءِ شيهن جيڪو
ٿلهو متارو ڀولو هوندو اهو کائيندو. ڀولو وٺي ڪيڪون ڪندو،
تيئن ٻيا ڀولا وٺي اکين کي بعد ڪرڻ تي زور رکندا، پڇي وڻن
تي ڪين ويندا. اسين ٻه ائين آهيون. ڀولا سڀ اسان ۾ اندر
آهن. (ڀولو=ماڻهو زماني جو، شيهن=ناو رب جو.)

ايماني ماڻهوءَ جي صحبت نه لڳو. اهي ماڻهو حجت ٿا رکن
پنهنجي الله سان. تنهنڪري انهن سان صحبت نه ڪريو اهي
ايماني آهن. اهي پاڻ پاڻئڻ ٿا سيکارين ته اسان هھڙا آهيون.
پير فقير، اولياءِ سڀ رضا تي راضي رهيا آهن. اوهين ٻه رضا
تي راضي رهو. جا رب کي وڻي سا واهه. موت ملاقات اوچتي
ٿيندي آهي. ڪير دعويٰ ڳالهائي پنهنجي رب سان! وري
ٻه جهلجي ٿو ته انهن جي صحبت نه لڳو، اهي ڳالهير ماڻهو آهن،
هلندڙ طالبن کي بيهاري ڇڏين. اوهان جهڙي تهڙي حال سان
هلو. اهي ماڻهو پاڻئڻ ٿا ڪن.

پاڻئڻ پنو پاڻ، لڳي چڻگ چت ٿئي،
جنين پانيون پاڻ، کيائين ٿوائي تنکي.

اهي ايماني ماڻهو درويش ٻه سڏائين ٿا. ڏسو ته صحبت کهڙي
ٿا ڪن ۽ انهي صحبت ۾ کهڙو اثر آهي! ايمان ڇڏي ڏجي.
جڏهن دعويٰ ڇڏبي تڏهن درسن ٿيندو.

هرڪوئي جيڪي ڪري ٿو سو پاڻ سان ٿو ڪري. جي
چڱائي ڪندو ته ٻه پاڻ سان ٿو ڪري، جي مدائي ٿو ڪري ته
ٻه پاڻسان ٿو ڪري. آئيني ۾ ڀوندو ڏي يا پاڻيءَ ۾ ڏي ته اهو

پوندو پاڻکي ايندو. آئينه ڏي نهار، ڪاوڙ ته ڪاوڙ ڏسين، ڪل ته ڪلڻ پسين. تيئن انسان به جيڪي ڪري ٿو سو پاڻ سان ٿو ڪري. پنهنجو سڄڻ به پاڻ آهه ته پنهنجو دشمن به پاڻ آهه. هرڪنهن کي پنهنجا ٻچڙ مٺي ٿي آهن. زال کي پنهنجا اعمال مٺي ٿي آهن ته مڙس کي پنهنجا. ڪيل اعمال هرهڪ پنهنجا اڳيان هلي ڏسندو ۽ سڃاڻندو به. انهن مان هڪڙا پنهنجا اعمال ڏسي خوش پيا ٿيندا ۽ ٻيا وري ڏسي پيا ڏڪندا ۽ روئندا. تڏهن ٿو چئجي ته هتان نهي جڙي هلو.

هتي به گهٽيئي درجا آهن. ڪنهن کي ڏوه معاف ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي. ڪي ماڻهو ته خون به معاف ڪيو ٿا ڇڏين. اهو به وڏو ثواب آهي. بادشاه هجي، اڌ بادشاهي ڏئي وات خدا جي ۽ غريب هجي انکي هڪ مانــي هجي جنهن مان اڌ ڏئي وات خدا جي ته ٻنهي جو درجو هڪڙو آهي جو غريب کي مانيءَ جي بادشاهي ڏني اٿس.

خلق خراب ڪهڙيءَ عادت ڪئي آهي؟ ٻيو خوديءَ خلق خراب ڪئي آهي. خاصا ڪائڻ ڪائڻ، خاصن هنڌن تي سمهڻ، خاصا لٽا ڪرڻ انهن ڳالهين هنکي خراب ڪيو آهي. خودي لٿي ۾، ڪاڏي ۽ جتيءَ ۾ به آهي ۽ پانئڻ خراب ٿو ڪري. لٽو ڪجي ٿلهو، سنهو لٽو نه ڪجي. جيڪو پاڻکي نيڪ سمجهي نيڪن سان گڏيندو ته مان به نيڪ آهيان ته اهڙو ٻيڙو ٻنهي جهانن ۾ ڪونهي.

اگر خود را به نيکان شمردی، بدی.

تواضع ڪجي، مغرور نه ٿجي. پاڻکي گهٽ سمجهجي. ڪٺلي اَٽ جي پير هينان ايندي ته مرندي ڪين، اڪتي ويندي. مٿان وڃ ٿان ڪرندي ته به مرندي ڪين. ماڻهو اَٽ جي پير

هينئان اچي يا وڃ تان ڪري تہ ڏک لڳندس. اِنسان ۾ خودي هوندي يا خدا هوندو. هي احديت جو ميدان آهي.

ٻن ترارين جاءِ ڪانهي هڪ مياڻ ۾.

خود نہ ٿجي بيخود ٿجي. هتان بي سر بي پا ٿي هلجي. اوهين مريد بہ بي سرن جا آهيو. اوهان ڏي صحبت بہ بي سرن جي ٿي موڪلجي. گلا نيڪيءَ سان هنجو ڪم ڪونهي، هنجو ڪم آهي الله سان. نمازون ۽ روزا اهي ڪم سڀ ثواب جا ڪم آهن؛ پر اهو ڪو رستوئي ٻيو آهي جنهن سان پرينءَ کي پسجي.

سيني خطائن جو منڍ آهي ٻڌ. ايماني وصف سڀ اُتن تا ٻڌ مان. لنگهڻ بہ ٿي ڏيهن ڏيئي ڏسجنس. حسن بخش کي گهوڙو هو جو ٿي چار ماڻهو جهلين تڏهن ڪو مس چڙهي. گهوڙي تہ اصل ويجهو بيهي نہ سگهندي هئي. اهو وڪڻي ڇڏيائين. هڪڙي ڏينهن اهو گهوڙو ڪاهي آيا، اچي گهوڙين سان ٻڌائون. تورڙي هڻ هڻ پيو ڪري. مونکي چيائون تہ گهوڙو سڃاتئہ؟ چي حسن بخش وارو گهوڙو آهي. مون چيو تہ ٻچو هاڻي تہ گهوڙين سان بينو آهي! چيائون تہ اسان وٽ تہ داڻو بہ پورو نصيب ڪين اٿس. هونءَ بہ ٻڌ سيني خرابين جي جڙ آهي. ڪريز ڏجيس تہ پوءِ سڪندو. اها ڪريز شهبازن لاءِ آهي. ڪريز ڇو ڏجي؟ جيئن پراڻا پن يعني عادتون ڇڏن ۽ پوءِ نوان پن ڄمن. مني ۾ منو ۽ پاڪ ميوو ٻڪ آهي. ٻڪ اهڙو منو ميوو آهي جو هڪ دفعو ڪاڏائين تہ وري وري پيو ڪائيندو.

قناعت چڱي آهي. شي پيو وڃائيندو، پيسو ڏوڪڙ اجايو پيو خرچ ڪندو تہ ٻيو منع ڪندس. وري ٽيون چوندو تہ اوهانجو ڇاٿو وڃي، هو پنهنجو پيسو ٿو وڃائي. ڪير ٿو چوي تہ پنهنجو پيسو اٿس؟ اهو سڀ مالڪ جو آهي، وڃائڻ سان ڏوه پئجي ٿو وڃي. پير پاڳاري کي ڪنهن چيو تہ سائين

دنيا حرام آهي. فرمايائون ته حرامين حرام ڪئي آهي ۽ حلالين حلال ڪئي آهي. پيسو به ڪنهن چڱي پاسي خرچ ڪجي. دنيا ڪائجي ته ڪانوَ وانگر ونڊي ورهائي ۽ نه ڪتي وانگر. ڪانو هڪ سڏي لهندو ته ڪان ڪان ڪري ٻين کي سڏيندو. ڪتو مثل هاٿي ڏسندو ته هڪ ڪانو کي به ويجهو اچڻ نه ڏيندو. پاڻ ڪائي ٿنگ به نه سگهندو.

بکيو اُڃيو اچي ته تڪليف ڪري به انهي کي ڪارائي پيئاري راضي ڪري ڇڏيو. ٿوڙي اوير اچي ٿوڙي سوير اچي ته به آيو راضي ٿي وڃي ته اهو پلو آهي. پوءِ هنجي ذات ڏي، ڪپڙن ڏي يا شڪل ڏي نه ڏسجي، پر هنجي پيٽ ڏي ڏسجي ۽ جي بکيو اُڃيو هجي ته راضي ڪري ڇڏجيس. مهمان جيڪي به ڪنهن وٽ اچن ٿا سي ٻڪيءَ سان ٿا اچن. ڪنهن دڪان تي ڪو ماڻهوئي نه اچي ته اهو دڪان ڪيئن هلندو؟ پر جي دڪان تي ماڻهو پيا اچن ته اهو دڪان بند ڪين ٿيندو. مهمان نه اچي ۽ جي ڪو آيو ويو بکيو اُڃيو ٿڪر ڪائي نه ويو ته اها ڪمبختيءَ جي نشاني آهي. ڏاڏو نواب خان هڪ ڇٽي جي ماني هميشه پاسيري رکي ڇڏيندو هو.

تاريڪ ترڪ سنو آهي. باقي هڪ ڏينهن سپ ڏيئي ڇڏي پوءِ انهن ٿي وينو هجي، تنهن کان تاريڪ ترڪ چڱو آهي جا صوفين انهن چيو آهي.

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot

هڪ دفعي هڪ سنگت جي پيرڻ گي انهن فرمائي چيائون ته توهان جي اها عادت رکنديون ته ٿينءَ جڳه جي امان.

فکر

اوهين فکر ڪريو پنهنجي الله سائينءَ جو. هي انسان سڄوئي الله سائينءَ جو آهي. جنهنجو سڄوئي آهي ان طرف سڄوئي پيل هجي. پوءِ به ٻيو الجو آهي. چوي ٿو مون اوهانکي پنهنجو ڪري خلقيو آهي. چوي ٿو ته اوهين به مونکي پانهنجو ڪريو. مالڪ فرمائي ٿو ته اوهانجي سڀني ڪمن جي جوابداري مون تي آهي. فقط توهان اجايو نه ٿيءُ. چوي ٿو مونکي پاڻ سان دائم قايم سمجهو. وسيلي هوندي ڇويڻو ڇو ٿا ٻي وسيلا گهمو! چوي ٿو مون اوهانجو رب آهيان، اوهانجي نيڪين ۾ مان راضي آهيان، اوهين منهنجو امر ڏيڇي مونکي راضي ڪريو ته مون به اوهانکي راضي ڪريان. رب جي راضپي سان سڀ ڪم ٿا ٿين، توڙي ظاهر توڙي باطن. سواءِ رب جي ظاهر باطن ٻيو ڇاهي وڃ ٿي.

ديگر هرچه بيني، فنا را فنا.

ٻيو ڪم ڪهڙو اوهانکي ڏسجي! هت ماڻهو آيو آهي اثبات ڪرڻ الله کي. ٻين ڪمن جي جوابداري موڪليندڙ تي آهي، جنهن هت موڪليو آهي.

اي پوري ماءُ ڪا هينئين سين لاءِ.

ٻيو فکر پنهنجي حياتيءَ جو به ڪريو. فکر جي قرهي هجي، سورن جا سبق ۽ مات مطالع هجي. روزگاريءَ جو دليل نه ڪريو جو رازق رب ڪريم آهي. هر شي کي پهچائيندڙ آهي. جيڪا شي رب پيدا ڪئي آهي، تنهن ۾ گذر جو خيال وجهي ڇڏيائين، جنهنجي دائم ديگ چڙهيل آهي، هرڪنهنکي راضي ڪيو بيٺو آهي. اوهانکي به راضي ڪندو. انسان کي پنهنجن

Scanned by CamScanner

عادتن ڪٽي ڙوليو آهي، رب ٻيڙو وهو آهي. اوهين رب راضي ڪريو ته رب اوهانکي راضي ڪري. جيئن ماڻهو عقل ۾ پوندو ويندو ليئن گذر جا غم پوندا ويندا. ڇريو ٿي پنجي ته غم ٻيا ٻيا ڪائيندس؛ ڇريو زماني ڏانهن، جيئن رب نه وسري.

قسمت رب جي وس آهي، ڏور ڏاهي جي همت آهي. هرحال ۾ شڪر ۽ صبر ڪجي. ميرائي ۽ صبر سردار لوڪن جو فخر آهي. صبر معدني طبيعت جي غريبي. رب جي رضا تي هميشه راضي رهجي؛ سندس نيڪ ٻانها اوليا ۽ انبيا به سندس رضا تي راضي رهيا.

هڪ ڏينهن سڄيءَ عمر جي بادشاهي ولبي سو فڪر ڪريو پنهنجي حياتيءَ جو. اهڙي مهل حياتيءَ جهڙي وري نه ڏسي سگهندؤ. اها به وهامي ٿي وڃي.

وهاڻي ويندياءِ، پوءِ گهڻا هڻندين هٿڙا.

رات ائين ٿي وهي جيئن درياه ٿو وهي. ڏينهن به ائين ٿو وهي جيئن درياه ٿو وهي. حياتي به ائين ٿي وهي جيئن درياه پيو وهي.

فڪر ڪريو جو حياتيءَ جهڙي شي وڃي ٿي پيئي. فڪر جي ڦرهي هجي، سورن جا سبق ۽ مات مطالع هجي. جي ڪو مندو ڳالهائي ته ان سان پنهنجا چڱا اکر چو وڃائجن! نه پڇجي ته مات ڪري وڃجي. مات جهڙي ٻي ڳالهه ڪانهي. هُت به مات معلوم آهي. عام سان خيال نه رکجي. دوستي ٻاڻسان چڱي آهي، ٻئي سان دوستي ئي نه رکجي. ڪچي ٻولي محبوب کي هضم نه ٿيندي جيئن ڪباب نه ٿيندو. ڪباب جوشن ۾ ٿيندو آهي. جوش به جاڳندس پو فڪر ڪونهيس. نٿو رکي پنهنجي حياتيءَ جي خبر، جڙ غافل آهي. دشمن ۽ دوست ٻئي گڏيل اٿس. رب جي حڪم ڪانسواءِ نه پن به نٿو ڇري، پوءِ جي دشمني

رايو پوي ته فڪر ڪري، ڪين برو ڪم ڪري وهي؟ فڪر ڪري.

پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جي هيءَ ڳالهه ڪانهي. هيءَ سائيان هلڻ ۽ سمجهڻ جي ڳالهه آهي. هيئنر گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ آيل آهي ۽ پارس پرين ويجهو آهي. نيت فڪر رکجي پنهنجي موت جو. فڪر هجي انهي طرف ڏانهن، بيپرواهي زب ڏانهن نه هجي. هو ملڪ ڏاڍو بيپرواهيءَ سان آهي. هتان الله سائين ڪري ته ٿهي جڙي هلجي ته پوءِ اڳيئون وسوئي ڪونهي. قرب به هِت آهي هن ملڪ ۾، جو موت جو خوف آهي. اڳتي ته بيپرواهي آهي. اک بوٽئي ڪانپوءِ اها جاءِ نه هونديس جتي پير رکي سگهي. ڏاڍا عذاب ٿا اچنس تڏهن دانهون ٿو ڪري. ان تي الله سائينءَ وٽان آواز ٿو اچي ته تون دانهون ٿو ڪرين، اهي تنهنجا اعمال آهن جي تو ڪيا آهن. مون ته توکي اچا ڪجهه ڏنوئي ڪونهي ۽ ڏينهن قيامت جي مون ان ڪان سؤٽا وڏيڪ ڏک ڏيندو سانءِ. سو بچو هُت لاپرواه بادشاهي آهي. سعيو ڪجي جو نيت خدا سان ڪم پوڻو آهه. هتئون سمجهڻو آهي. الله ڪري جو هتئون سمجهي هلجي. ذڪر سان فڪر ڪريو، دم سان پريت رکو. راه راست سان هلندڙ ٿجي، سڌون نـه ڪجن. مددگاريون به آهن پر خيال عام ڪڏي هٿ ڪجي.

دلق ڪي درياه ۾ اڇلن بهادر بي بها.

دلق چوندا آهن وجود کي ۽ درياه وحدت جو ٿا چون.

فڪر سان ماني ڪائجي ۽ بکئي کي به کارائجي. توهانکي ته ماني کائڻ بـه ڏانءَ نٿي اچي، جيئن ماڻهو کائيندا آهن. هاپو هاپو ته ڪتا بلا به پيا ڪن. فڪر سان ماني کائي، بکئي کي کارائي، انهن جي گهر کي کارائي، آڪهه کي کارائي ۽ پاڻ بک جهلي گهر ۾ به نه اچي بڌائي ته متان ڪروڌ ٿئي؛ ته جڻ ماني پاڻ کاڌائين. پگهر جي پورهئي مٿون ڪڍهن بکئي جي بک لاهجي.

Scanned by CamScanner

پنهنجي جدائي ڏسي روئجي. پنهنجي جدائي سنڀاري تہ فراق جاڳيس. جدائي اهڙي آهي. اها بہ سنڀار جي فڪر ۾. جدائيءَ ۾ فراق آهي ڏاڍو، انهنکي جنکي لڳل آهي. اوهين بہ لائي ڏسو. دانهن رڳو جدائيءَ جي آهي. ڪنهن ڪنهن کي فراق چڱو آهي. فراق دردوند ڪري ٿو وجهي. فراق کانسواءِ ماڻهو بيدرد آهي. پنهنجي جدائي سنڀاريو. پري نہ آهيو، ياد آهيو، اوهين نہ وساريو. ائين آڏا ٿا گهمو. پنهنجي جدائي سنڀاريو تہ جوش جاڳن.

جاڳايا جوشن دل ۾ درد پوين جا،
واندي گهمہ نہ ويسلي ڪر ڪا ڪار ڪتڻ.

جدائي ۾ فراق آهي ڏاڍو.

الفراق اشهد من الموت، آءٌ هتي نہ هوندياس،
آس نہ لاهيندياس، من جيڏري جت ڏسي مران.

فراق اهڙي شي آهي. جدائي وارو ڏينهن ويجهو پوندو ٿو وڃي. هي بدن خاڪي خرقو آهي، تنهن ۾ جدائيءَ جي لار آهي.

چڙا توکي چوري، ٻوليءَ وڏو ڪن؟
ڏيئي ريہ رنگ جو، توکي جاڳايو جن،
وٺان تن پوين، لڳي لار فراق جي.

هي هي جي نہ هوءِ تہ جيڪر جيءُ جلي وڃي.
هي هي بہ جنهين کي لڳل هوندي انهن ۾ هوندي.

دردمند تڏهن ٿيندو جڏهن پنهنجي جدائي سنڀاريندو، مرشد وارا آهيو پاڻ سنڀاريو. هيءَ جيڏري جي ڳالهہ آهي، پر مرشد کان طالب مٽي بہ پري نہ آهي. سو اوهان پري ڇو ٿا سمجهو پاڻ کي. هيءُ جدائيءَ جو هڪڙو ناز محبوب جو ٿيل آهي. باقي رب جيڏري خواهہ مٽي جدا نہ ڪندو. پر جدائيءَ

Scanned by CamScanner

۾ فراق آهي. جهڙي موٽڪي لائي ويا آهيو تهڙي اوهانکي به لڳل آهي. معشوق عاشق سان ڳالهائي ٿو پر ڳجهو ٿو ڳالهائي. عاشق کي معشوق انت نه ڏيندو، ڇو ته پلي ڪري جدائيءَ جو فراق جاڳيس. جدائيءَ جو عذاب موت کان به سخت آهي، پر جنکي لڳل هوندي. جدا نه رهو پنهنجي رب ڪريم کان. پوتل هڏڪي جنهن لڙهيءَ جو مولي آهي تنهن لڙهيءَ ۾. ٻئي ڪنهن سان ريس نه ڪجي. جڏهن معنيٰ ۾ ايندو تڏهن درد جاڳندس. جي دانهن ڪري ته وڃهيس غمن جي کوه ۾. اڃا به جي دانهن ڪري ته غمن جو گيڙو ڏجيس.

ڪڪوريون کوهيار ڇپر ڇاڻان موڪليون،
هيڪر هن هيٺيءَ لئي پيرو ڪج پتار،
ساڄن توهون ڌار ڏنم ڏينهن قيام جو.

هتئون مڙيئي لڏ ڪٽڪي آهي، سو جيڏري ئي سنيارڄي پنهنجي جدائي. هينئر گهٽي سوڙهي آهي. انسان سوڙهيءَ گهٽيءَ مان آيل آهي، وڃي ٿو انهيءَ گهٽيءَ مان به نڪرندو. مري لنگهڻو آهي. سوت رکو. اڳ وسوڙل آهيو. سونهون نظر مان نه ڪڍو. ريت رکو ڪا. جن به ريت پت رکندو آهي، تون ته ماڻهوءَ جو ٻار آهين. عقل جا داناه گهڻو، پر ڇا ڪجي جو پنهنجي ڳڻ ڪانه ڪٽي اٿو. گهڻي علم کان گهڻو ويساه ڀلو آهي. عقل مان جڏهن نڪربو تڏهن خبر پوندي. ڪل عقل کي پوءِ پهچبو. ڪل کي تڏهن پهچندو جڏهن فڪر رکندو. هلي ته ڪل عقل پهچي. رب پاڪ جنکي عقل ڏنو ٿن سڃاتو پنهنجي رب کي ۽ سڃاتائون راه رب جي. اڳيئون به سهڻا اهي ٿا لڳن جن سڃاتو رب کي ۽ سڃاتائون راه رب جي. ماڻهو پاڻيهي هلي اهو ڀلو آهي، ٻيو ڀلو رب ڪريم آهي جو ڀلاين جو صاحب آهي. جن کي يادگيرا پنهنجا ٿو ڏئي انهن سان ڀلائي آهي.

Scanned by CamScanner

چونڊ گفتا

(١) الله سائينءَ وٽ وڃجي ته اها شي کڻي وڃجي جا وٽس نه هجي - نياز. ڇاڪاڻ ته هو بي نياز آهي.

(٢) الله سائين ڪائي ڇا ٿو؟ خودي.

(٣) موت گهڙي نه ونجي، رب گهڙي ونجي.

(٤) عيب ڪنهن جو نه کولجي. بي عيبو هڪڙو الله سائين آهي، ٻيو هرڪوئي عيبن سان ڀريل آهي.

(٥) تعريف پنهنجي خالق مالڪ جي جڳائيندڙ آهي، باقي پنهنجي تعريف ڪرڻ شيطان جو ڪم آهي.

(٦) جي چاهين ته رب ڪريم منهنجو فيصلو ڪري ته پاڻ پنهنجو عيوضو نه ڇڪاءِ.

(٧) ڪافر اهو جيڪو الله کي پاڻ کان جدا سمجهي.

(٨) دنيادار اهو جيڪو رب ڏانهن فراموش آهي.

(٩) ڪامل اهو جو دشمن جي دل به تنگ نه ڪري.

(١٠) جاهل اهو جيڪو علم مان گهڻو واقف هجي پر پاڻ ڏانهن بي خبر!

(١١) جي ڪو ڪنهن سان ڪوڙو ٿو ڳالهائي ته ائين سمجهجي ته سندس دل ڪيڏا جهليا آهن اڃا گل نه جهليو اٿس.

(١٢) ٿورو ڏسي ارهو نه ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نه ٿجي. صبر ۽ شڪر ۾ رهجي.

(١٣) سچ ڇٽي ڏجي لوڻي وڻي يا نه. پر اهو سچ نه ڇنجي جنهن مان ڪچهريءَ ۾ خلل پوي.

(١٤) مني ۾ منو پاڪ ميوو آهي بڪ. بڪ اهڙو نه منو ميوو آهي جو هڪ دفعو کاڌائين نه وري وري پيو کائيندو.

(١٥) ٿورو ڳالهائڻ، ٿورو سمهڻ ۽ ٿورو کائڻ وڏي هدايت آهي.

Scanned by CamScanner

(١٦) ليمي ڏسڻ جي سهڻي، گهڻ ڳڻن سان سينگاريل، پر پٽ اٿس اُگهاڙي. اڳ اٿس، پر پٽ اصل ڪانهيس.

(١٧) حرام ڇا آهي؟ هڪ بيگناه ڏکوئڻ، بيو ناحق ڪرڻ يعني ظلم ڪرڻ، تيون ڪنهن شي ۾ شڪ پوي ته حلال آهي يا حرام ته اها به نه کائجي جو اهو به حرام آهي.

(١٨) چئي لکي انڌي، پڙهي گونگي ۽ سمجهي ڪاٺي.
(دنيا ڏانهن انڌو، دنيا ڏانهن گونگو ۽ ڪاٺو معنيٰ يڪ نظر)

(١٩) ”ب“ وچي ڏيو بين کي، اوهين ”ا“ سان رهو.

(٢٠) هي جهان آهي فنا جو. محل ماڙيون به فنا، تون آءٌ به فنا، ڏک ڏوراپا به فنا.

(٢١) دعويٰ ڇوڙ ته درسن پاوين.

Ghulam Hussain H. Abro
Lecturer
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot

Scanned by CamScanner

غلط نامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۴	۳	فقير قرُٽا مريد قرُٽا	فقير قِرُٽا مريد قرُٽا
۱۰	۲۴	ليهن	لهين
۱۴	۷	سمي	سمهي
۱۵	۱۵	مثونيءَ	مثنويءَ
۲۰	۱۸	ڪتالو	ڪتابو
۲۰	۲۲	خاصان	خامان
۲۱	۲۲	ڳاليونَ	ڳالهيون
۲۲	۲	صفاق	صفات
۲۴	۱۱	سمجهن	سُجهن
۲۵	۱۱	جي	ڇي
۲۹	۱۱	بي انت	بي انت
۳۱	۱	جنڪي وستو	جنڪي فقير رستو
۳۵	۷ ۽ ۸	پوءِ وري...جي پاڻي اها ست ڪاٽي ڇڏيو	
۳۷	۲	بي پائي	بي پا
۳۸	۲	قار يبارڻي	قار يباڻي
۳۸	۸	ستن	سُستن
۴۸	۲۰	بيو	بيون
٦۰	۳	راهہ	راهِ
٦۱	۷	منجھ	مونجھ
٦٦	۱۹	ڪوهي	گوهي
٦۸	۲۵	هاني	الهي
۷۳	۱۰	نشين	نيڻي
۷۵	۲۲	عالس	آلش

Scanned by CamScanner

صفح	سٽ	غلط	صحيح
٨٣	٨	رحيمن	رحمين
٩٢	٢٥	ٻيابائن	ٻيابانئن
٩٣	٣	ملائڪن	ملائڪ
٩٦	٢٦	موسي	مولي
١٠٧	٧	هڪڙوئي	هرڪوئي
١٠٨	٢	عزاريل	عزرائيل
١١٧	٦	عنچ	عنچہ
١٢٢	٢٢	پينون	پنيون
١٢٥	١٩	هنيٺڙي	هينٺڙي
١٢٨	٩ ۽ ١٠	ظهور	ظهورو
١٣٢	١٤	ڪدي	ڪُدي
١٣٩	٢٦	قالو بِلا	قالو بَلا
١٤١	١٩	ڇڏ جي	ڇڏ ٻي
١٤٢	٢٢	ريجهجي	ريجهي
١٤٦	٣	مرندا.	مرندا!
١٥٥	١١	ڇڏجيس لفظ کانپوءِ هيٺ ڏنل ٢ سٽون پڙهجن.	
١٥٨	١٨	عام ڪدي	عام ڪان ڪدي.
١٦٠	٢١	عقل	عقل ڪي

Scanned by CamScanner

ڀلنامو (ھلندڙ)

صحيح	غلط	سٽ	صفحو
مطلب	ملطب	١٦	٣٦
بي پا	بي پائي	٣	٣٧
جا ڏنل آھن	جا آھن	٢	٤٠
باد شاھن	د شاھن	آخر	٥٤
پڇائيجي	پڇائجي	٢	٦٥
اخلاق	اخلاف	٨	٧٠
سيانٽو	سيانٿو	٥	٨١
رہجھي	رھجي	١٠	٨٢
غنچہ	غنچ	٦	١١٧
باغ	باع	٨	١١٧
ڪٺين	ڪيٺن	٢٠	١٣٣
دانھون	داھون	١٤	١٤٥
ٻانھن	ٻانھہ	١٣	١٥٠
اصل	اصلئي	١٧	۽ اڪو عوض

اصل اڳيان ڏنل سائين ارشادعلي صاحبن جي احوال جي پھرين سٽ ۾ ”فقير“ لفظ ”صاحب“ ۽ ”صوفي“ جي وچہ وجھي پڙھڻ گھرجي:-

حضرت ارشادعلي صاحب فقير صوفي القادري موجوده سجاده نشين درگاه جلالاڻي شريف

Ghulam Hussain ...
L...
Govt: Elementary College
of Education (Men) Kandhkot

Scanned by CamScanner

Scanned by CamScanner